بلو بئر بيسٽر

(پيڊ - پيريو بڳي - لڳ ناول)

سشيلا جي. لعلواڻي

(جو اصلوڪو ناول)



ڏاڍو ماهر وڪيل جو خون

ڀارت جيوتي پبليڪيشن

* واڏورام وڪيل جو خون *

(ٻلو ٽڪيسٽو سيريز جو پهريون اصلوڪو ناول)

ليکڪا:

شريمتي سشيلا جي. لالواڻي

ڇاپو پهريون   قيمت ڏهه روپيا   (سال ١٩٨١

ڇپائيندڙ

ڀارت جيون ناول مالا

١١/٣١ نوجيون هائوسنگ سوسائٽي
لئمگٽن روڊ، بمبئي — ٨.

(فون: 898979 ۽ 375993)

باقي ٿورڙن ڪاپين بچيل

گرو درجي پريمين لاءِ خوشخبري

- شاهوڪارن ۽ داني پرشن لاءِ سونو وجهه -

ڪيترن ڀاڳن ۽ ڀينرن جي زوردست گهر سبب

وري سنڌيءَ ۾ ٻيو دفعو سڌاريل

* تيار ٿي ويو *

شري گرو گرنٿ صاحب

هاڻ ڇپجي ويو آهي. ڏاڍن ڏاڍن سان-
ڪپڙي بائنڊ ۾. اوچو مضبوط لٺو پنو. شاندار پاليشڊ لڪ
سان ۽ اصلي گرو گرنٿ صاحب جيترا ١٤٣٠ پيج-
پيج ٽو پيج ۾. ڀاڳن ۾ ۽ ٻڪي سواري. پورين ٢٠ سال
اڳ اسان سنڌيءَ ۾ ڪيو هو. هن سالن کان خلاص
ٿي ويو ان ڪري ڪن بوڪ سيلرن ٥٠٠ روپين تائين
ڪاپيءَ لاءِ پئسا ورتا. هن وقت پئسا لاڳت ٢٥٠ روپيا.
ٽپال خرچ ڏهه روپيا جدا.

يڪدم پنهنجو آرڊر موڪليو جو ٿورڙيون ڪاپيون
ڇپايون ويون آهن. متان پڇتائيو.

وڌيڪ ليکپڙهه ڪريو يا فون ڪريو چيتالند لعلواڻي
ڀارت جيون ٣١/١١، لوجيون هائوسنگ سوسائٽي،
لئمنگٽن روڊ، بمبئي-٨ فون 898977-375993

❋ ڀارت جيون ناول مالا ❋

سمپادڪ:- چيتانند ڀاونداس لعلواڻي

ڀارت جيون گذريل ۴۵ سالن کان سنڌي ساهتيہ ۽ ٻوليءَ کي زندہ رکڻ ۽ سنڌين ۾ ايڪو آڻڻ لاءِ پنهنجي پڄنديءَ آهر شيوا ڪري رهي آهي. "ڀارت جيون ناول مالا" هڪ ئي آهي جا ملڪ جي ورهاڱي کان اڳ ۾ هئي ۽ هاڻ ۾ باقاعدي هلائي رهيا آهيون جڏهين سڀ بند ٿي ويا. اسان ڪنهن ۾ ڪمائيءَ جي خيال کانسواءِ ڏکئي وقت ۾ نقصان جو خيال نہ ڪري رسالو ڪڍي رهيا آهيون.

هن سال هي ڪتاب ڪڍڻ سان سال پورو ٿيو. هن سال ۾ (۱) پروفيسر رام پنجواڻيءَ جو اصلوڪو ناٽڪ "آيو نئون زمانو" ۵ روپيا. (۲) سندر مشتراءِ جو "مٽ رهلن" ۶ روپيا. (۳) چيتانند لعلواڻيءَ جو "سماج جو شڪار" قيمت ۸ روپيا. ۽ (۴) شريمتي سشيلا لعلواڻيءَ جو ناول "واڌورام وڪيل جو خون" ۱۰ روپين ڏجي ٿو. هن سان سال پورو ٿيو. سال ۾ ۴ ناول ڏجن ٿا. **نئين سال جا ڪتاب** هڪ پروفيسر رام پنجواڻيءَ جو "لطيفہ" ۱۰ رپيا. (۲) سندر مشتراءِ جو "ناجائز رشتا" ۶ روپيا ليا و آهن. ۽ ان کانسواءِ ۲ پيا ناول ساليانو هن سال ۲۵ روپيا هندوستان لاءِ ۽ ولائت لاءِ ۴۵ روپيا. پنهنجا ۽ پين جا چندا واسي يڪدم موڪلي سنڌي ساهتيہ کي زندہ رکو.

WADHURAM VAKIL JO KHOON

(Balu Barister Series Original Novel)

By:

Mrs. Sushila J. Lalwani

Price Rupies TEN Only

Published by:

BHARAT JIVAN NOVEL MALA

11/31 Navjian Housing Society

Lamington Road, BOMBAY-8.

Phone: 375993 & 898979

مهاڳ

(شري ناري هرداس مل گرسهاڻي
ايڊوڪيٽ سپريم ڪورٽ آف انڊيا ۽ هاءِ ڪورٽ)

پيارا جيون ناول مالها جو هيءُ اٺون ناول "واڌورام وڪيل جو خون" جو ڀيڻ سشيلا جيتانند لعلواڻيءَ لکيو آهي، مون ناول سڄو پڙهيو آهي. اهو ساراهه جي قابل آهي. هيءُ ناول پڙهندڙ بخوبي محسوس ڪندو ته ليکڪا ڀيڻ جاسوسي ناولن لکڻ ۾ ماهر ۽ ڪورٽن ۾ هلندڙ ڪيس جون رپورٽون پڙهندي سمجهندي ڀيڻ سشيلا اوريجنل رائيٽر ٿي چڪي آهي. هن کي فوجداري قانون جي چڱيري ڄاڻ آهي ۽ پنهنجن ناولن جي ڪهاڻيءَ ۾ سسپينس (Suspense) پيدا ڪري ڄاڻي. هن اڳ ۾ به بلو سيريز جا ٣ ناول پروفيسر موهن جو خون (٢) نرملا نرس جو خون (٣) جعلي نوٽ لکي سنڌي ساهتيه ۾ هلچل مچائي ڇڏي آهي. هر هڪ سنڌي ساهتيه پڙهندڙ جي وات ۾ سندس نالو آهي. هيءُ سندس جاسوسي ٤ ناول بلو سيريز جو "واڌورام وڪيل جو خون" آهي. هيءُ ناول پاٺڪ هٿ ۾ کڻندا ۽ پڙهڻ شروع ڪندا ته جيسين ان کي پورو نه ڪندا تيستائين نه ڇڏيندا.

ڀيڻ سشيلا لعلواڻيءَ جي جاسوسي ناول لکندڙ انگريزي ليکڪا آگاٿا ڪرسٽي سان ڀيٽ ڪجي ته وڌاءُ ڪونه ٿيندو.

ارپيان ٿي

هي واڌورام وڪيل جو خون

ناول گهڻي پريم ۽ شرڌا سان پنهنجي پياري
بزرگ ۽ سنڌيءَ جاتيءَ جي پياري

”دادا هوتچند گوپالداس آڏواڻي“

کي، هو مشهور بئريسٽر آهي ۽ سنڌي جاتيءَ
جو نماڻو سيواڌاري آهي. هن بمبئي ۽ ٻين
هنڌ ڪيترائي سنڌي ڪاليج کوليا آهن.
جو به وٽس وڃي ٿو ان کي پڄنديءَ آهر
مدد ڪري ٿو.

شيوا ڪ: سشيلا چيتنانند لعلواڻي

پڙهندڙ ۽ ليکڪ جي وچ ۾

پيارا پاٺڪو.

سعدي ساهتيه جي پريمين
جهڙي طرح منهنجي گذريل ناولن
جو سواگت ڪيو آهي،
جهڙوڪ
پروفيسر موهن جو خون
نرملا نرس جو خون
جعلي نوٽ
اهڙو مشڪل سان ڪنهن
ناول نويس جو ٿيو هوندو.
جنهن لاءِ مان پاٺڪن
جي شڪرگذار آهيان.
"واڌورام وڪيل جو خون"
ناول جي انائونسمينٽ ڪيم.
ته جيستائين ناول لکجي ۽ ڇپجي
سوين خط ۽ فون اچڻ لڳا
ته ڪڏهين ٿو ناول نڪري
پر ڪن مجبورين ڪري جلد نڪري نه سگهيو.
بلو پرينٽر منهنجي مغز مٿان سوار هو.
توهان سان گڏجڻ لاءِ منتظر هو
۽ آخر ۾ توهان سان

جاسوسي ناولن لکڻ لاءِ اصليت کپي. دماغ کپي، سمجهه کپي، دوراندیشي کپي ۽ آزمودو کپي خاص ڪري ڪورٽن جي قانوني آرگيومينٽس جي ڄاڻ پڻ جي هن کي پوري ڄاڻ آهي، جا مان نٿو سمجهان ته ڪنهن سنڌي ليکڪا کي جا پڻ شيلا لعلواڻيءَ کي آهي.

مان ته هميشه ڪيس داد ڏيندو آهيان ته پڻ شيلا هڪ سچي پارٽي ناري آهي جا پنهنجي پتيءَ شري جيٺانند لعلواڻيءَ ۽ ٻارن جي ديک ڀال ڪندي، گهر سنڀاليندي، سماجڪ ڪاررواين ۾ ڀاڱو وٺندي، ڪانفرنس ۽ سيمنارن ۾ ڀاڱو وٺندي، راجسٿان جي سمپادڪا هوندي به سماجڪ جاسوسي قانوني ناول لکي نه رڳو سنڌي ساهتيه جي شيوا ڪري مالامال ڪيو آهي پر سنڌيءَ ٻوليءَ کي زندهه رکيو آهي. هن پنهنجو ۽ جيٺانند ۽ "پارس جيون ناول مالها" جو نالو زنده رکيو آهي. جنهن لاءِ هن نه رڳو منهنجون پر سنڌي جاتيءَ جون ڪيرون لهڻيون.

هيءُ ناول "واڌورام وڪيل جو خون" هڪ نرالو جاسوسي آهي. سانيڻ جهڙو آهي. مان پاڻ وڪيل آهيان ۳۰ سالن کان وڪالت ڪندو ٿو اچان. انڪري سمجهي سگهان ٿو ته فوجداري قانون ڪهڙو ڏکيو قانون آهي ۽ ان جي ڄاڻ رکي اهڙو سنڌر ناول لکڻ لاءِ پڻ شيلا لعلواڻيءَ کي لک لک مبارڪون.

ناري هرداسمل گرسهاڻي ۳ ڊسمبر ۱۹۸۱

پر يڪدم پنهنجو راءِ موڪليائين
جو جدا پيج تي ڏنو ويو آهي.
ايشور سندس آتما کي سکي رکي.
مان پنهنجي مانوَر ڀاءُ

شري ناري گرساڻيءَ جي

به پڻ بيحد شڪرگذار آهيان
جو مشهور ۽ هوشيار وڪيل آهي.
پر جڏهين ڪيس هن ناول،
جو مهاڳ لکڻ لاءِ چيم
ته يڪدم "ها" ڪيائين.
۽ لکي ڏنائين
جو پڻ ڏجي ٿو.
اڄوڪي زماني ۾ ناول - ڪتاب
اخبارون سنڌي ساهتيه
پني ۽ ڇپائي مهانگائي هوندي به
هران گهران ڏيئي ڪڍي رهيا آهيون ته
جيئن سنڌي ٻولي - سنڌي ساهتيه
۽ سنڌي جاتي زنده رهي.
توهان پاڻ ۽ پيارن ساٿ
ڏيندا ته ٻار پُڄبو.

نوٽ: هن ناول جا ڪردار سڀ خيالي آهن ڪوبه
پاڻ ڏانهن نه ڇڪي.

جئه هند - جئه سنڌ

شيوا ۾: ششيلا چيتانند لعلواڻي

"واڌ ورام وڪيل جو خون"
جي معرفت گڏيو.
ناول توهان جي هٿن ۾ آهي.
اڃان هي ناول ظاهر نه ٿيو آهي
نه بلو ٻرسٽر جي ٻئي ناول
جي رٿا مغز ۾ پيئي ڦري.
پر مان اُنجو نالو هيئنر ظاهر
ڪرڻ نٿي چاهيان.
ڇو نه پاڻڪ وري ان لاءِ
بي صبر ٿيندا ته جلد ظاهر ڪريو.
هاڻ هيءُ ناول توهان جي هٿن ۾
آهي توهان پڙهي پنهنجا رايا موڪليو.
مان شڪرگذار آهيان
پنهنجي سرڳواسي پيءُ
سنڌي ساهتيه جي ٻوڪ ليکڪ
پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جو
منهنجو هرهڪ ناول
بيماريءَ ۾ به ٻارڪ ٺهيءَ سان پڙهي
پنهنجو رايو لکي موڪليندو هو
۽ همٿائيندو هو.
"جعلي نوٽ" ڪيس موڪليم
ڏ، سندس طبعيت ڍلي هئي

واڌورام وڪيل جو خون

(١)

ٻامبي ۾ واڌورام وڪيل کي ڪير نہ سڃاڻي!

ملڪ جي ورهاڱي کان اڳ ۾ هو حيدرآباد سنڌ ۾ بئنڪ ۾ هڪ خسيس ڪلارڪ هو، پر اُن سان گڏوگڏ هن وڪالت بہ پڙهڻ شروع ڪري ڇڏي. ١٩٤٧ ۾ هن ايل-ايل-بي پاسُ ڪئي، پر بد قسمتي چئو يا ڀيو ڪجهہ، ملڪ کي آزادي ملي، پر آزاديءَ سان گڏوگڏ اسانکي، پنهنجي سنڌڙيءَ جا وڻ ڇڏڻا پيا، ٻي گهر ڦيٽوپيو، جايون، زمينون مال ملڪيت ڇڏي پنهنجي وطن مان ٻي وطن ڦيٽو پيو. واڌورام وڪيل بہ ٻين سان گڏ، پنهنجي فئملي وٺي اچي ٻامبي جي زمين تي پير رکيو. ڀلا ٻامبي اٿاهہ شهر، اٿاهہ آدم، سنڌي وچن ڪيڏانهن؟ سرڪار بہ سنڌين کي صدقي جي ٻڪري سمجهي ڪلياڻ جي ملٽري ٻئرڪس ۾ ڪٽي اُڇليو. جڻ تہ سنڌي انسان نہ پر ريون ۽ ٻڪريون هيون، جن کي وٿاڻ جي، ڇت جي ضرورت هئي. وڏا زميندار، وڏا وڏا سيٺيون جن کي سوين

بزرگ سنڌي ڪار سرڳواسي شري منگھارام ملڪاڻيءَ جو ”جعلي نوٽ“ ناول بابت رايو

پيارا سشيلا،

مونکي وڏو عجب ته تنهنجي جاسوسي ناول ”جعلي نوٽ“ مان تو ليکي ته زال ذات ٿي ڪري به ڪورٽن جي قاعدن، پوليس جي چالبازين ۽ وڪيلن جي دوان پيچن جا هيترا تفصيل ڪٿان پرايا. ان کانسواءِ جاسوسي ڪري سچن ڏوهارين کي سزا ڏيارڻ ۽ بي گناهن کي باعزت آزاد ڪرائڻ پڙهي توکي داد ڏيڻ کانسواءِ رهي نه سگهيس.

مان نٿو سمجهان ته اسان جي سنڌي جاتيءَ ۾ ٻي ڪا عورت هوندي جا وڪالت جي قاعدن ۽ قانونن جي ايتري ڄاڻ رکندي هوندي. توکي ان لاءِ لک لک مبارڪون هجن.

۱۵ جولاءِ ۱۹۷۹

پيارن مان توهانجو

منگھارام ملڪاڻي

ڪري ڏيندو هو. واڌورام ڳالهائڻ جو مٺو، خوشمزاج ۽ نيڙت وارو هوندو هو، ساڻ ساڻ محنتي پڻ. ڪيس خبر هئي ته پئسو شينهن جي ڪن ۾ آهي اُتان ڪڍڻ ڏاڍو مشڪل آهي، پر چوندا ڪونه آهن ته همت ئي مردان، مددي خدا. سو سائين هيءُ به ڪم ڪي جنبي ويو. مشڪل سان به ويلا ڪائي سگهندا هئا. ٻلا گهر ۾ چا نه ڪبي. اُتو، لٽو ته ضرور ڪبي، ٻلا سنڌ مان جو هتين خالي نڪتا، بارن ڪي ڪپڙو نه ڪبي، چوَ يا چادر نه ڪبي. مطلب ته هٽي ڏٽي پيٽ پورائو پيو ڪندو هو.

هڪ ڏينهن ٽرين ۾ هنڪي هڪ اخبار نويس گڏجي ويو. ٻئي هڪ ٻئي جي پاسي ۾ ويٺا هئا. ڳالهين ڳالهين ۾ هڪ ٻئي جي واقفيت ٿي. پوءِ روز هيءَ ساڳي ٽرين ۾ ساڳيو گاڏو ۽ گڏ سيٽس تي ويهندا هئا. ڳالهين ٻولهين ۾ ٽائيم سٺو پاس ٿي ويندو هون ته وي. ٿي ڪڏهن آئي ڪين پتو به ڪونه پوندو هو.

ائين هنجي هڪ ٻئي سان گهرائپ وڌندي ويئي. واڌورام ڏاڍو سياڻو هو، واڌورام چئي ڪٽي بس ڪر. هنکي خبر هئي ته اخبار نويس جي ذريعي مان مشهور ٿيندس، ۽ مشهور ٿيڻ جي ڪري، مون وٽ ڪيس ڊبا دب اچڻ لڳندا. پوءِ مونکي ڪورٽ جي حاطي ۾ ويهي ڪڪڙ ڦاسائڻا ڪونه پوندا.

سلامي پيا ويندا هئا، جيڪي محلاتن ۾ رهندڙ هئا، اوطاق تي چلم مان برڪا ڪڍي، اوطاق تي آئي وئي جي مهمانوازي ڪندڙ سينيون، سنين نوڪرين چاڪرين وارا راجا ماڻهو، ٻئرڪن جي پڳل ننڍل حالت ڏسي، در دريون ندارد، ڪاڪوس سي به ڪليل، اڌ فرلانگ پري ڏسي، حيران ۽ پريشان ٿي ويا. تنهن ۾ به واڌورام ڏاڍو پريشان هو ته ڇا ڪريان؟ واڌورام جو هڪ دوست ٻامبي ۾ ورهاڱي کان گهڻو گهڻو اڳ پنهنجا خيما کوڙيا هوا هي لنگهي ويو ان وٽ، ۽ کيس آزي نيزاري ڪري، سندس پيڍيءَ تي صرف ميز ۽ ڪرسي رکڻ جي اجازت ورتائين. سندس دوست نسڌورقي هو، هن به ڄاتو تي ته ٻامبي ۾ وڪيل ۽ ڊاڪٽر جي ضرورت ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن پئجي ئي ويندي آهي. ان ڪري وڪيل کي ميز ۽ ڪرسي رکڻ لاءِ ڏنم ته اُتس وڏي مهرباني ڪيم، وڪيل هٿ ۾ هوندو ته ڏاڍو سٺو، ڪا مهل نه ڪنهن جهڙي.

ٻئي ڏينهن واڌورام ميز ۽ ڪرسي وٺي اچي پيڍيءَ تي پنهنجي آفيس کولي. هڪ پنهنجي تالي جو لنڊڙو بورڊ هنيو، واڌورام صبوح جو ١٠ بجي ڪورٽ جي ٻاهران وڃي ويهندو هو، ڪنهڪي قسم نامي تي مئجسٽريٽ جي صحي ڪپندي هئي، يا ڪنهن کي ٿورو گهڻو ڪم ڪورٽ ۾ پوندو هو، ته واڌورام وڪيل

ٻامبي اچڻ وڃڻ ۾ ۵-۶ ڪلاڪ اجايا ٿا وڃن." جمنا ايهو ٻڌي ڏاڍي خوش ٿي ته هاڻي ٻارن جو آئيندو ٻه ٺهندو ۽ ٻامبي ۾ آرام ۾ رهنداسين ۽ ڪلباڻ جي خراب وايو منڊل کان ٻار آزاد ٿيندا.

(۲)

هڪ ڏينهن واڌورام شام جو آفيس ۾ گهڙيو ته ويٽنگ روم ۾ ٻه چار ڄڻا جاتل سڃاتل اصيل وينا هئا، جن جا ڪيس هلندڙ هئا، ۽ هڪ عورت ڪاري برقعي ۾ پڙ وينٺي هئي. سندس نگاهه اُن جي پيرن تي پيئي ته سندس اکيون کلي ويئون. پير سهڻا، سڊول اڇا جهڙا کير، پيرن جي آڱرين تي ڳاڙهي ڪيوٽيڪس تمام نزاڪت سان لڳل هئي. ڪيوٽيڪس ته آهي باقي پيرن جي سونهن وڌائي ڇڏي هئي.

واڌورام تڪڙ ۾ پنهنجي ڪئبن ۾ گهڙي گهنٽي وڄائي ته اسسٽنٽ ناواڻي در کولي گهڙي آيو، واڌورام چيس ته "نمبروار سڀني کي اندر موڪل." ته ايتري ۾ برقي واري زال اندر گهڙي آئي ۽ چيائين "وڪيل صاحب! معاف ڪجو مهرباني ڪري پهرين مونکي چانس ڏيو، ته مان توهانجي تهدل شڪرگذار رهندس."

واڌورام ڪيس هٿ سان ڪرسيءَ تي ويهڻ جو اشارو ڪيس. برقعي واري زال ڏاڍي فضيلت سان ڪرسيءَ تي ويهي، پنهنجو نقاب ڇهري تان هٽايو، ۽

هڪ ڏينهن اخبار نويس کي هڪ ڪهاڻي لکي پنهنجي اخبار ۾ ڇپڻ لاءِ گذارش ڪيائين. اخبار نويس جهٽ ۾ هيءَ ڪهاڻي ڇپي. ائين وڪيل صاحب کي لکڻ جو شوق وڌندو ويو. روز ليک اخبار ۾ ڇپجڻ جي ڪري واڌورام جو نالو آهستي آهستي چوٽ چڙهندو ويو، ۽ ساڻ ساڻ ڪيس به زور شور سان ملندا رهيس. هيئنر ڪيسن جا هزارين روپيا في وٺڻ لڳو. ڪالبادبويءَ تي گول بلڊنگ ۾ سٺي ايئرڪنڊيشنڊ آفيس ورتائين. آفيس ملڻ بامبي جي شهر ۾ ڪا چرچي جي ڳالهه نه ڪانهي ٢٥-٥٠ هزار پڳڙي ڏيڻي پيس ۽ ساڻ سٺو سهڻو فرنيچر پريائين. هاڻي سائين واڌورام ڪير سڏائي!

هڪ ڏينهن واڌورام خوش ٿي جمنا کي (زالس جو نالو هو) اچي ٻڌايو، "جمنا مون بامبي ۾ ڪولابا ۾ فليٽ خريد ڪئي آهي. هاڻي روز صبوح جو ٽرين ۾ ڌڪا ٿاٻا کائي چڙهي، ۽ بوڙي گاڏي پڪڙڻ نه جيئن آفيس ۾ وقت نه پهچان، انهيءَ کٽ پٽ کان ڇٽس. هفتي کن ۾ پزيشن (قبضو) ملندو، ٻارن کي به بامبي ۾ سٺي اسڪول ۾ وهاربو. پڳوان ڪندو سڀ سولي ٿي پوندي. باقي رهي ڪار سا به حال سيڪنڊ هئنڊ ڪٺي وٺندس. جو هيئنر مونکي ايترو نه ڪم ٿو ملي جو مٿي ڪنهڻ جو وقت ڪونهي. الهاس نگر کان

۾ پهچي ويا آهيو؟“

واڌورام کي ياد آيو ته هن برابر اڄ صبوح جو سيني اخبارن ۾ محمد سليم جي بابت پڙهيو هو ته هو ڏهن لکن جو سون سمگلنگ ڪرڻ ڪري پڪڙيو آهي. هن هڪدم پاڻ سنڀالي چيو ته ”ها مئڊم محمد سليم جيڪو... سون جي سمگلنگ ۾ ڪلهه جهليو آهي؟“

شبنم ”ها! وڪيل صاحب! مان جڏهن صبوح جو سائٽس لاڪپ ۾ ملاقات ڪرڻ ويس ته مونکي چيائين ته مون واڌورام وڪيل جو ڏايو نالو ٻڌو آهي ۽ ڏايو هوشيار آهي، خاص ڪري مون جهڙن ڪيسن ۾ ماهر آهي، سو تون وڃين سائٽس گڏج ۽ ڪيس منهنجو وڪيل ڪر. جيڪا ٻه في گهري سا ڏجانس ۽ چئجانس ته مونکي جلد ضامن تي آزاد ڪرائي. ان ڪري مان توهان وٽ آئي آهيان. مهرباني ڪري ڪيس جلدي ضامن تي آزاد ڪرايو.“ ائين چئي شبنم پرس مان هڪ سهڻو گلن ڀريل رومال ڪڍيو ۽ پنهنجو پسينو اگهيو.

واڌورام کي رومال مان چارلي پرفيوم جي خوشبوء آئي، جنهن ڪيس وڌيڪ رومانٽڪ ڪري ڇڏيو، پر هن وري تمام پيار واري آواز ۾ چيو ”مئڊم مونکي سڀ ڪجهه صاف صاف ٻڌايو ۽ سچي حقيقت کان واقف ڪريو. ڊاڪٽر ۽ وڪيل کان ڪجهه نه لڪائڻ

سچو برقعو لاهي گوڏن تي رکيو. واڌورام سندس سونهن ڏسي حيران ٿي ويو. سندس اکيون ڦاٽي ويئيون. ڇا ته سهڻا گهنڊيدار وار هيس، ڇا سندس وڏيون وڏيون سهڻيون اکيون هيون جن ۾ ڪاجل هيڪاري نيڻن جي سونهن وڌائي ڇڏي هئي، ڇا ته سندس گلابي چپ هئا ۽ سندس ڳاڙها ڳاڙها ڳٽا، اصل اندر سڀا جي اُپسرا پئي لڳي. اُن عورت جي آواز وڪيل صاحب کي بيدار ڪيو. ”وڪيل صاحب! هيءُ پنج گنيون ونو،“ جي هن سهڻي ڪاري پرس مان ڪڍيون، ”توهانجي ڀيرين في، جي هيءَ ڀيرين قسط اٿوَ، منهنجي مڙد کي بچايو.“ واڌورام اڳ ئي سندس سونهن تي فدا ٿي چڪو هو، ويتر جو سندس ڪوئل جهڙو مٺڙو آواز سندس ڪنن تي پيو ۽ ٽيبل تي ٥ گول گول سونيون اشرفيون ڏٺائين، ته مٺي آواز ۾ پڇيائين، ”مئڊم توهان جو مڙد ڪهڙي ڏوهه ۾ ڦاٿو آهي؟“

برقعي واري زال ”جيو،وڪيل صاحب! منهنجو نالو شبنم آهي، مان محمد سليم جي زال آهيان.“

واڌورام جيڪو سندس سونهن جي قيد مان اجا آزاد ڪونه ٿيو هو سو سندس نالو، شبنم ٻڌي دل ۾ چوڻ لڳو، واقعي ئي تون شبنم جهڙي شفاف ۽ ملايم آهين، ته ايتري ۾ اُن عورت جو آواز سندس ڪنن تي پيو، ”وڪيل صاحب! توهين ڪهڙي سوچ ويچار

او چتو اچي حملو ڪيو. ٻيا ته سڀ ڀڄي نڪتا، پر منهنجو خاوند جو ڪار ۾ ويهي پيتيون لهنديون ڏسي رهيو هو، سو پوليس اچي ڪيس جڪڙيو.“ شبنم جو يڪساهي هيترو ڳالهائي ويئي هئي سو سندس ساهه اچي منجهيو، سو واڌورام کي چيائين ”وڪيل صاحب! هڪ گلاس پاڻيءَ جو ملي سگهندو؟“

واڌورام جنهن جا ڪن ته سڀ ڪجهه ٻڌي رهيا هئا پر اکيون ٻہ شبنم جي گلابـــي چهري تي ڄميل هيون، ۽ پاڻ وساري ويٺو هو سو هڪدم ڇرڪ ڀري آکيائين ”ها! ها ضرور.“ هن ميز تـــي رکيل گهنٽي وڄائي. چپراسي در کولي اندر آيو. ”ييس سر!“

واڌورام کيس چيو ته ”هيٺان ٻہ گلاس انگور جي جوس جا وٺي اچ.“

تنهن وچ ۾ واڌورام کيس جا نوٽس وٺڻ لڳو ته ايتري ۾ چپراسي ٻہ گلاس جوس جا ٽري ۾ کڻي آيو، ۽ اچي ٽيبل تي رکيائين ۽ ٻاهر نڪري ويو.

واڌورام هڪ گلاس کڻي شبنم جي طرف وڌائـــي کيس ڏنو، ۽ هڪ گلاس پاڻ کڻي ڍڪ ڀري، عينڪ لاهي صاف ڪيائين ۽ سڌو ٿـــي ويٺو ۽ وري شبنم ڏانهن نهاري چيائين ته ”مئڊم! مهرباني ڪري ٻڌائي سگهندا ته محمد سليم ۽ ابراهيم جو ڇو ۽ ڪهڙي ڳالهه تان جهڳڙو ٿيو؟“

نہ گھرجي. ڊاڪٽر کي جيئن سچي حقيقت جي ڄاڻ هوندي تہ هو پنهنجي مريض جو علاج چڱيءَ طرح ڪري سگهندو، ۽ وڪيل کي خبر هوندي تہ هو اصيل کي ڇڏائڻ لاءِ مضبوط ڪيس تيار ڪندو.“

شبنم- ”وڪيل صاحب! توهين نيڪ ٿا فرمايو. ڳالهہ هيئن آهي تہ محمد سليم سمگلنگ جو ڌنڌو ڪندو آهي، هو سون ٻاهران گهرائي هتي وڏي اگهہ تي نيڪال ڪندو آهي. هن جو هڪ نوڪر ابراهيم هو- هوئي هتي جو سڄو ڪم سنڀاليندو هو. ڇاڪاڻ تہ منهنجو خاوند ٻاهرين ملڪن ۾ گشت تي گهڻو ويندو آهي. ان ڪري هتي جو ڪم ابراهيم جي هٿ ۾ هو. ابراهيم ۽ منهنجي خاوند جو ڪنهن ڳالهہ تان تڪرار ٿي پيو ۽ منهنجي خاوند کيس نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيو. تنهن تي ابراهيم کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي ۽ هن سڄي خبر وڃي پوليس کي ڏني. سرڪاري خابرو بڻجي ويو.“

شبنم ڏکو ساهہ کڻي چپ، وري شبنم چوڻ شروع ڪيو ”وڪيل صاحب! گهر جو ڦٽو، سو اندريان ۽ ٻاهريان راز ابراهيم سڀ وڃي پوليس کي ڏنا. کيس خبر هئي تہ منهنجي خاوند جو سون فلاڻي تاريخ فلاڻي هنڌ، ڊبئي کان اچڻو آهي، سو ڇا ڪيائين جو وڃي پوليس کي سڀ سگهہ ڏيئي آيو. جڏهين بسين جي بيچ تي سون جون پيٽيون ٻيڙيءَ مان لهي رهيون هيون تہ پوليس

گڏجڻ ٿو چاهي، هو ڪرافورڊ مارڪيٽ جي پوليس چونڪيءَ تي لاڪپ ۾ آهي.“ ايترو چئي شبنم جون پلڪون آنسن سان تر ٿي ويئيون.

واڌو رام چيس ”مئڊم، دل نه لاهيو مان هر ڪا ڪوشش ڪندس. توهان جي خاوند کي ضامن تي آزاد ڪرائڻ جي.“ ائين چئي هن ٽيليفون جو رسيور کنيو ۽ نمبر گهمايو، ”هيلو، پوليس ڪمشنر جي آفيس؟“

آواز ڀيس، ”توهين ڪير ٿا ڳالهايو؟“

واڌورام- ”مان واڌو رام وڪيل ٿو ڳالهايان، مهرباني ڪري مسٽر ڪلڪرني، پوليس ڪمشنر جو ڪنيڪشن ڏينداِ؟“

آواز- ييس سر. ”وئو ڪنيڪشن.“

واڌورام- ”هلو مسٽر ڪلڪرني، مان واڌورام آهيان، آهيو ڪٿي؟“

ڪلڪرني- ”يار! تون آهين ڪٿي؟ تنهنجو پتو ئي ڪونهي.“

واڌورام- ”يار، ياد ئي ڪونه ٿا ڪريو.“

ڪلڪرني- ”مان ته توکي روز ياد ڪندو آهيان. خاص ڪري پاپيءَ جي هٿ جو سنڌي ڪاڏو. يار ڪو خبر اڄڪلهه روز اخبارن ۾ تنهنجو نالو ٿو ڇپجي، اهو ڏينهن خالي ڪونهي جنهن ڏينهن تنهنجو نالو نه

واڌورام جو اهو سوال ٻڌي شبنم جو گلابي چهرو ويتر ٻاڙهو ٿي ويو، اڪيون هيٺ جهڪائي چيائين ”وڪيل صاحب! اها ڳالهه نه پڇو ته بهتر.“

واڌورام مشڪي چيو، ”مئڊم! ڳالهه هيئن آهي ته جي مونکي سچي ۽ سچي ڳالهه جي خبر هوندي ته مونکي ڪيس به اهڙي نموني ناهڻو پوندو... جي توهان کي اعتراض نه هجي ته مهرباني ڪري صفا صفا ڳالهه ٻڌايو.“

”شبنم اڪيون هيٺ هونديئي هبڪندي چيو، سچي ڳالهه اها آهي ته ابراهيم جي مون ۾ بري اک هئي، ۽ جڏهين منهنجي خاوند کي ان جي ڳالهه خبر پيئي ته آڳبگولا ٿي ويو ۽ گارگند ڪري ابراهيم کي نوڪري مان برطرف ڪري ڇڏيائين. ابراهيم به منهنجي خاوند کان وير ورتو ۽ وڃي پوليس جو خابرو ٿيو.“

واڌورام دل ئي دل ۾ چيو ته ”توکي ڏسي ڪير نه بي-ايمان ٿيندو. تنهنجو خوبصورت چهرو، پسر يل سهڻو ۽ سڊول بدن، ملاير ٻگهاوان مون جهڙو، جنهن کي جسما جهڙي سهڻي زال آهي سو به توتي مفتون ٿي پيو آهيان، ته ابراهيم جهڙو رواجي انسان ڪيئن نه توتي فدا ٿيندو.“ وڏاورام اڃا اهو سوچي رهيو هو ته شبنم جي آواز کيس خيالن مان بيدار ڪيو. شبنم چئي رهي هئي ”وڪيل صاحب منهنجو خاوند توهان سان

جا فائيل ڏيئي سمجھايو ته فلاڻـــي جي فلاڻي تاريخ ونيج، فلاڻي ڪيس جو فائيل نظر مان ڪڍج، وغيره وغيره. ۽ ٻاهر جيڪي اصيل وينا آهن تن سان توڙ ڳالهاء ۽ ٻڌائين."

ناواڻيءَ چيس ته "سر! ٻن جا ڪيس تـــه سياڻي تي رکيل آهن. هڪ آهي سيٺ ڪرمچند جـو ۽ ٻيو آهي موهن، جنهن جي پـــاءُ جو اُلهاس نـگر ۾ خون ٿيو آهي."

"ته جلدي انهن کي انـــدر موڪل" ۽ شبنم ڏانهن منهن ڪري چيائين "ته هنن کي جلدي ٻڌائي ڏهين منٽن ۾ هلون ٿا."

شبنم هڪدم برقعو پاتو ته سيٺ ڪرمچند انـــدر آيو. رام رام ڪرڻ کان پوءِ ڪرسيءَ تـــي اچي ويٺو، واڌورام ڪيس جي باري ۾ ڳالهايو ۽ ڪيس چيو تـــه، توهين بـــي فڪر رهو سياڻي مان ڪيس پـــاڻ اچي هلائيندس.

سيٺ ٻاهر نڪتو ته موهن جو پـــاءُ رام اندر آيو واڌورام اُن کان حال احوال ورتو ۽ ڪجھ نوٽس ڪيس جي باري ۾ ورتائين ۽ پوءِ چيائينس، "مسٽر رام توهين ڪنهن به قسم جو خيال نه ڪريو ڏوهين کـــي ضرور سزاياب ڪرائيندس. مون نوٽس ورتـــا آهن رات جو سڄو ڪيس تيـــار ڪندس ۽ ســـياڻي ڪورٽ ۾

پڙهان.“

واڌورام- ”ڪلڪرني اها سڀ توهان دوستن جي دعا آهي، پر ڀلا ڪر خبر ڪڏهين تو گهر اچي ڊنر کائين؟“

ڪلڪرني- ”يار جهٽ پٽ ۾ ڊنر جي آفر ڏني اٿيئي. ڪر خبر ڪهڙو ڪم ڦاٿو اٿيئي؟“

واڌورام- ”ڪلهه توهانجي لاڪپ ۾ هڪ محمد سليم کي پڪڙي آندو ويو آهي سو اڃان توهانجي لاڪپ ۾ آهي يا جيل اُماڻيو ويو آهي؟“

ڪلڪرني- ”اڃان ته هتي آهي، ڇو ڀائي ان جو ڪيس تو کنيو آهي ڇا؟“

واڌورام- ها، يار! ان جي وائيف آئي آهي ۽ پنهنجو وڪيل مونکي مقرر ڪيو اٿس، تنهن ڪري مان ان سان گڏجڻ ٿو چاهيان. جي توهين مهرباني...“

ڪلڪرني اڌ ۾ جملو ڪٽي چيس، ”يار! تون به حد آهين، ان ۾ مهربانيءَ جي ڪهڙي ڳالهه آهي. هليو اچ يارن تي مهرباني ڪبي آهي ڇا؟“

واڌورام- ”ٿئنڪيو، مان اجهو ٿو اچان.“

ائين چئي رسيور ٽيليفون تي رکي، گهنڊٽي وڄايائين ته چپراسي اندر گهڙي آيو تنهن کي چيائين ته مسٽر ناواڻيءَ کي اندر موڪل.“

اسسٽنٽ ناواڻي اندر آيو ته واڌورام ڪيس ڪيس

ادب سان کوليائين، واڌورام چپ چاپ اڳيان سيٽ تي ويهي رهيو. ڪار ايئر ڪنڊيشنڊ هئي.

شبنم ڊرائيور کي چيو ته ”پوليس ڪمشنر جي آفيس ۾ هل.“

بامبي جي پوليس هوشياريءَ ۾ مشهور آهي. لنڊن کانپوءِ بامبي جي پوليس جو نالو دنيا ۾ آهي. پوليس جو هيڊ ڪوارٽر بامبي جي وچ ۾ آهي. اتي پوليس ڪمشنر جي آفيس آهي. شبنم جي ڪار بس اچي ڪرافورڊ پوليس اسٽيشن تي بيٺي، ڊرائيور لهي ڪار جو در کوليو. واڌورام لٿو. ته پوليس چپراسيءَ ڏسي کيس سلام ورايو، پٺيان شبنم لٿي. ٻئي جڻا پوليس ڪمشنر جي آفيس وٽ پهتا ته در تي بيٺل سپاهيءَ کي واڌورام پنهنجو وزيٽنگ ڪارڊ ڪڍي ڏنو ۽ چيائينس ”ڪلڪرڻي صاحب کو ڏيو.“

چپراسي سيڪنڊ ۾ ٻاهر آيو ۽ ڏاڍي ادب سان چيائين ”آپ اندر جائيئي.“

ٻئي جڻا اندر گهڙيا ته ڪلڪرڻي اُٿي واڌورام سان هٿ، هٿ ۾ ملايو ۽ چيائين ”يار شڪر جو ڪم ڦاٽو اٿيئي، تڏهين تو تنهنجو درشن مليو. هاڻ ته تنهنجو مکڙو عيد جي چنڊ وانگر ٿي پيو آهي. اڳي ڪلب ۾ روز پيو گڏبو هئين، هاڻي ته ڪلب ۾ اچڻ ئي ڇڏي ڏنو اٿيئي. ڇا ڳالهه آهي؟“ ائين چئي ڪلڪرڻي وڏا

گڏجنداسين.“ رام تمام گهڻي مهرباني مڃي ٻاهر نڪري ويو.

واڌورام پوءِ اُٿي ڪرسيءَ تان ڪڙو ٽيو ۽ هئنگر مان ڪارو ڪوٽ ڪڍي پاتائين ۽ فائيل هٿ ۾ کڻي شبنم کي چيائين ته ”منهنجي ڪار اڄان ڪانه آئي هوندي جو مون ڊرائيور کي ٨ بجي اچڻ لاءِ چيو هو. هيٺ ٽئڪسي ملندي اُن ۾ ٿا هلون.“

شبنم چيو ”وڪيل صاحب! ٽئڪسيءَ جي ڪا ضرورت ڪانهي منهنجي ڪار هيٺ بيٺي آهي.“

ٻئي اچي لفٽ ۾ چڙهيا. واڌورام شبنم جي ٻنهه پرسان، لڳو لڳ بيٺو هو. شبنم جي بدن جي خوشبوءِ کيس موهي رهي هئي. پلا ٻئي لفٽ ۾ هئا به اڪيلا. لفٽ مئن جو منهن ته اڳيان هو. واڌورام جي دل پئي چاهيو ته شبنم جو ملايم هٿ پنهنجي هٿ سان ملائي ته ايتري ۾ لفٽ اچي گرائونڊ فلور تي پهتي. لفٽ مئن دروازو کوليو ۽ هي ٻئي ٻاهر نڪتا ته هڪ ڪارو شيدي، ڊرائيور جي وردي ۾ اچي، واڌورام کي سلام ورايو. ۽ شبنم کي چيائين ”ميم صاحب! مان ڪار کڻي ٿو اچان.“ هڪ منٽ ۾ هڪ وڏي، اڇي امپالا ڪار اچي اڳيان بيٺي. ڊرائيور اچي دروازو کوليو.

شبنم ته ڪار ۾ پٺيان و يهي رهي ۽ ڊرائيور دروازو بند ڪري ڇڏيو ۽ اڳيون دروازو واڌورام لاءِ ڏاڍي

لڳي اٿس. خير هاڻي مونکي ملاقات لاءِ اجازت ڏي، وري گڏ باسين." ائين چئي واڌورام اُٿي کڙو ٿيو ۽ ساڻ ساڻ شبنم پڻ. ڪلڪرني به اٿي واڌورام سان هٿ م هٿ ملايو ۽ شبنم سان نمستي ڪئي. ڪلڪرنيءَ چيو "توهين محمدسليم سان ملاقات ڪري سگهو ٿا پر ها مسٽر واڌورام بي ڪا حرڪت نه ڪجو." ائين چئي ڪلڪرني کلڻ لڳو.

واڌورام به کلي کيس يقين ڏياريو.

تنهن تي ڪلڪرني چيس ته "جي جوابدار کي ضامن تي ڇڏائڻو هجيئي ته مسٽر شاهه مئجسٽريٽ جي گهر وڃي ان کان آرڊر پاس ڪراءِ، پر ها، هڪ ڳالهه ٻڌائي ٿو ڇڏيانءِ ته جي مسٽر شاهه وٽ اڪيلو وئين ته ڪم ڪونه ٿيندءِ. پر جي هن دوشيزاه کي وٺي وئين ته ڪم پڪ ٿيندءِ. ڇو ته توکي ته مسٽر شاهه جي خبر آهي ته هنکي عورتن لاءِ ڏاڍي عزت آهي. انهن کي ڏسي سندس دل نرم ٿي ويندي آهي." اُن تي ٻنهي دوستن وڏا وڏا ٽهڪ ڏنا ۽ شبنم به برقعي اندر مسڪرائڻ لڳي.

واڌورام چيس "يار خيال نه ڪر، ٣٠ سال ٻاهمي پرئڪٽس ڪئي ٿيا اٿم، هڪ هڪ مئجسٽريٽ، ۽ هڪ هڪ جج جي سڀاءَ جي ڄاڻ اٿم. اهوئي سبب آهي جو اڄ ڪامياب وڪيل ٿو ليکجڻ م اچان."

ٺهڪ ڏيڻ لڳو.

واڌورام به ٺهڪ ڏيئي چيو، ”ڳالهه ٻالهه ته ڪجهه ڪونهي، يار ڇا ڪجي، ٻاهبي جو شهر ئي اهڙو آهي وت ٻوڙندو، مڪئنيڪل لائيف آهي. رات جو ۹ بجي آفيس مان واندو ٿيان ته ٿڪجي ٽٽجي گهر پهچان ماني کائي، ٻئي ڏينهن جي ڪيسن جي تياريءَ ڪي لڳي وڃان. ته جو رات جا ۱۲ لڳي وڃن. صبح جو اُٿ ته ساڳيا لاٿون ساڳيا چڱهه. نار جي ٻڏي وانگر وري اُهيئي ڪورٽن جا چڪر.“

ڪلڪرني ”يار ڳالهه ته برابر ٿو ڪرين. هاڻي اچ پنهنجي ڪم تي.“

واڌورام- ”هيءَ شبنم آهي، محمد سليم جي زال.“

ڪلڪرني هٿ جوڙي ڪيس نمستي ڪئي ته شبنم به پنهنجا هٿ برقعي مان ڪڍي، نمستي جو جواب نمستي ۾ ڏنو.

ڪلڪرني شبنم جا هٿ ڏسي سڌ ٻڌ ڪوهي ويئو. هنجي دل ۾ آنند مانڊ پئدا ٿي ته جنهن زال جا هٿ ههڙا سهڻا آهن سا پاڻ کهڙي نه چنڊ جو ٽڪر هوندي. واڌورام سندس اکين ۾ چمڪ ڏسي سمجهي ويو ته هيءُ به شبنم جو شيدائي ٿي ويو آهي. واڌورام ڪيس سجاڳ ڪندي چيو ”مسٽر ڪلڪرني، درحقيقت محمد سليم دشمنيءَ جو شڪار ٿيو آهي، گهر مان ئي ٻاهر

هاڻي مون کي ڊپ ڪو نه، پر يقين آهي ته مان ضامن تي ضرور ڇٽندس."

واڌو رام ڪائونس کي سوال پڇڻ کان اڳ محمدسليم کي چيو ته "مان توکان جيڪي به پڇان اُن جو سچو جواب ڏج. ڊاڪٽر ۽ وڪيل کان ڪجھ به لڪائڻ نه گهرجي تڏهين مان ڪيس لڙي ۽ کٽي سگهندس. ان جو سڄو مدار توتي آهي."

محمد سليم چيو "وڪيل صاحب! مونکي اها خبر آهي. توهين جيڪي به سوال پڇندا تن جو مان سچو سچو جواب ڏيندس."

واڌو رام پوءِ محمد سليم کان ڪي سوال پڇيا ۽ پنهنجي ڊائري ۾ نوٽ ڪندو ويو. تنهن کان پوءِ وڪالت نامون ڪڍي محمد سليم کان ان تي صحيح ورتائين. محمد سليم کي چيائين "انشاءِ الله! توکي اميد ته جلدي ضامن تي ڇڏائبو. خدا تي ڀروسو رک."

ائين چئي واڌو رام اچي انسپيڪٽر سان مان بيٺو شبنم جي اکين مان ڳوڙها ڳڙي رهيا هئا. محمد سليم شبنم کي چيو "دل نه لاهه، خدا تي ڀروسو رک، هاڻي مون کي ڪو ڊپ ڪونهي. وڪيل صاحب مونکي ضامن تي ضرور ڇڏائيندو." هن پوءِ شيخن مان هٿ ڪڍي شبنم جي ڳلن تان ڳوڙها اُگهيا ۽ چيائينس "خدا حافظ"

ڪلڪرنيءَ بيل وڄايو تہ اردلي اچي ڪڙو ٿيو. ڪلڪرنيءَ اردليءَ کي چيو تہ "انسپيڪٽر سائين کي سڏ ڪر."

٥ منٽن ۾ انسپيڪٽر سائين دروازي تي اچي ٺڪ ٺڪ ڪئي "مي آءِ ڪم اِن سر."

ڪلڪرني- "ييس ڪم ان. مسٽر سائين."

سائين اندر اچي با ادب ٻئي پير ملائي، ڪلڪرني کي سلام ڪيو. ڪلڪرنيءَ واڌورام ڏانهن اشارو ڪري چيس تہ "هنن کي محمد سليم وٽ وٺي وڃ. جنهن کي رات لاڪپ ۾ وڌو ويو آهي."

انسپيڪٽر سائين سلام وارائي چيو "ييس سر!"

واڌورام وري بہ ڪلڪرنيءَ سان هٿ ملائي "ٿئنڪيو" چيو ۽ شبنم بہ هٿ جوڙي نمستي ڪري چيو، "توهان جي وڏي مهرباني."

ٽيئي ڄڻا ٻاهر نڪري، ڦرتيءَ سان اچي وراندي ۾ لاڪپ روم وٽ پهتا. شيخن جي اندر محمد سليم هڪ بينچ تي ويٺو هو. محمد سليم شبنم ۽ ساٿس وڪيل کي ڏٺو تہ اکيون چمڪي پيس. انسپيڪٽر سائين ٿورو پريرو وڃي بيهي رهيو.

محمد سليم اُٿي اچي در وٽ بيٺو ۽ واڌورام کي سلام ڪري چيائين."وڪيل صاحب! اوهان جي وڏي مهرباني جو توهان منهنجو وڪيل ٿيڻ قبوليو آهي.

چلائڻ لڳو. سندس نوڪر رامون ۽ وچي در کوليو. آواز آيو ”صاحب اندر هئہ.“

رامون ”جي ها! آئيئي.“

واڌورام ۽ شبنم اندر گهڙيا. شبنم يڪدم برقعو لاهي هٿ ۾ ڪنيو. شاهہ واڌورام کي هن کملي وقت، سندس گهر آيل ڏسي ۽ ساڻس هڪ پري پيڪر پسي معاملو سمجهي ويو، پر هڪدم مشڪي واڌورام کي کيڪاريائين ۽ اُٿي هٿ هٿ ۾ ملائي ۽ چيائين تہ ”واڌورام خير تہ آهي، هن مهل؟“

واڌورام کي چيو ”سر! توهانکي هڪ تڪليف ڏيڻ آيو آهيان.“

شاهہ- اڙي ڀائي ڀهرين ويهہ تہ سهين.“ ٻئي صوفا تي ويهي رهيا. شاهہ ڏنو تہ شبنم اجان بيٺي هئي تہ هئي چيائينس ”آپ ڀي بئنيئي.“

شبنم پاڻ ڏانهن شاهہ صاحب جو توج ڏسي هڪدم ٻئي هٿ جوڙي نمستي ڪئي. شاهہ ان جو جواب نمستي ۾ ڏنو. شبنم پاڻ سنڀالي ٻئي صوفا تي ويهي رهي.

شاهہ واڌورام کي چيو ”هاڻي ٻڌاء تہ ڪيئن اچڻ ٿيو آهي؟“

واڌورام شبنم ڏانهن اشارو ڪري چيس ”سر! هن جي مڙس کي پوليس گرفتار ڪيو آهي ان کي ضامن

ٻئي جڻا انسپيڪٽر سائي ڪان موڪلائي، اچي ڪار ۾ ويٺا، هيڏڻ واڌورام شبنم سان گڏ پنيان وڃي ويٺو هو. شبنم واڌورام ڪان پڇيو تہ ” هيڏڻ ڪٿي هلڻو آهي؟“

واڌورام چيس”مئجسٽريٽ شاهہ جي گهر، نئپينسي روڊ تي آهي، ان وقت هلي تنهنجي خاوند لاءِ ضامن ڏيئي ڇو ڇيرو ڇو ڪريان.“

شبنم ڊرائيور کي نئپينسي روڊ هلڻ لاءِ چيو.

(٤)

مئجسٽريٽ شاهہ اٽڪل ٥٠ کن سالن جي عمر جو ڏسندو. هو هوشيار مئجسٽريٽ آهي. ٢٥ سالن ڪان سمال ڪاز ڪورٽ ۽ ٻين ڪورٽن ۾ مئجسٽريٽ ٿي رهيو آهي. هو دل جو تمام نرم آهي خاص ڪري زالن ڏانهن. ان ڪري هو مشهور ٿي ويو هو. وڪيلن کي اها پلي پت خبر هئي، ان ڪري ڪو اهڙو ڪيس هوندو هو تہ جوابدار جي زال، ماءُ يا ڀيڻ کي ڪيس ۾ آڻيندا هئا، جنهن ڪري انهن ڪسي ڏسي شاهہ مئجسٽريٽ جي دل نرم ٿي ويندي هئي ۽ يڪدم ان طرف اُن جي حمايت ۾ فيصلو ڏيندو هو.

شاهہ درياهہ محل ۾ ٨ ماڙي تي نئپينسي روڊ تي رهندو هو. رات جا ٨ لڳا هئا. شاهہ پنهنجي بينڪ ۾ ڪوچ تي ويهي ڪيس پڙهي رهيو هو، ڪال بيل

شاهه اڳيان واڌورام سند جا ڪاغذ پيش ڪيا.

شاهه آرڊر فارم تي صحيح ڪري ٻپو هنيو ۽ رامون کي سڏ ڪري چيائين، "رامون ڪجهه ڪائونٽ پيئڻ لاءِ کڻي اچ."

رامون بسڪيٽ ۽ ڪوڪو ڪولا جا ٻه گلاس کڻي آيو. جي شاهه جي گهڙي ڇوڙڻ تي واڌورام ۽ شبنم پيئڻ ۽ پوءِ هو ٻئي شاهه کان موڪلائي مهرباني مڃي ٻاهر نڪتا. واڌورام شبنم کي چيو "شبنم هي تنهنجي شباب جو ڪمال آهي نه ته مان اڪيلو وڃان ها ته سو سوال پڇي ها!"

شبنم لڄ کان اکيون کڻي هيٺ ڪيون ۽ هڪ مڌر مسڪان سندس سهڻن چپن تي نمودار ٿي ويئي. واڌورام ان مسڪان تي مست ٿي ويو.

ٻئي اچي ڪار ۾ ويٺا ۽ سڌو پوليس ڪمشنر جي آفيس ۾ اچي پهتا ۽ آرڊر مسٽر ڪلڪرنيءَ جي هٿن ۾ ٿمايو. ڪلڪرني مشڪي شرارتي نموني ۾ چيو، "واڌورام شبنم جي جادوءَ شاهه تي به اثر ڪيو ته ڏسجي."

واڌورام به معنيٰ خيز نگاهن سان شبنم ڏانهن نهاري ڪنڌ ڌوڻي "ها" ڪئي.

ڪلڪرنيءَ آهه ڀري چيو، "معاف ڪجو شاهه نه نرم دل انسان آهي پر شبنم جي حسن جو جادو اسان

تي ڇڏائڻو آهي، سر سپاٽي آر توار آهي ان ڪري...“

شاهه - ”پر هنجي مڙد ڏوهه ڪهڙو ڪيو آهي؟“

واڌورام ”سر هن جو مڙس سون جي سمگلنگ ۾ ڦاٿو آهي، هنجو نالو محمد سليم آهي.“

شاهه - ”پر هنجو ضامن ته تي لتو سگهي جاڪاڻ ته هو سمگلر آهي. سپاٽي پڇي وجي ته.“

واڌورام - ”سر! هو ڪيڏانهن پڇي ويندو؟ سندس گهر ۽ زال سڀ هتي آهن.“

شاهه - هنجو ضامن ڪير بيهندو؟

شبنم - ”سائين مان.“

شاهه - ”توهانجي نالي ڪا جڳهه پڳهه آهي؟“

شبنم - ”سائين منهنجي نالي ۳ جڳهيون آهن: هڪ ڪف پريڊ تي، جنهن ۾ مان رهندي آهيان، ٻي محمد علي روڊ تي ۽ ٽين ڪسار، پالي هِل تي بنگلو آهي.“

شاهه-”ته پوءِ توهين ڪف پريڊ واري جاءِ جي سند ڏيکاري ضامن پري سگهو ٿا. پر مئڊم توهان کي هڪ صلاح ڏيان، توهين پنهنجي مڙد کي چوڻ ته صلاح ڏيو ته اهي ڪوڙا ڪم ڇڏي ڏئي، خراب ڪمن جو نتيجو خراب ئي آهي.“

شبنم - ”مان ڄاڻان ٿي سر! مان پوري ڪوشش ڪنديس.“

دوست نہ هوندا، ضرور اچجو."

واڌورام دل ۾ خوش ٿيو تہ شبنم جو ديدار ٿيندو. پر ٻاهران چيائين "چو ٿا تڪليف وٺو، پيا اوهين گڏ ٻاسين."

محمد چيو "قبلا ان ۾ تڪليف جي ڪهڙي ڳالهہ آهي. اها تہ اسان لاءِ خوشيءَ جي ڳالهہ ٿيندي."

واڌورام- "نيڪ آهي. جيئن توهانجي مرضي."

واڌورام کي سندس گهر ڇڏي محمد سليم ڊرائيور کي چيو تہ "ڪار بنگلي تي هل."

(٥)

ٻئي ڏينهن شام جو واڌورام ڪورٽ مان ٥ بجي پنهنجي آفيس ۾ آيو. اڄ بہ اصيلن جي پيڙ لڳي پيئي هئي. هميشهہ موجب هو پنهنجي ايئرڪنڊيشنڊ روم ۾ گهڙيو، ڪارو ڪوٽ لاهي هئنگر ۾ ٽنگيائين، تہ اينري ۾ پٽيوالو سندس لاءِ سئنڊوچ ۽ ڪافي کڻي آيو. هن ناشتو ڪري هٿ منهن ڌوئي، بيل وڄايو ۽ پنهنجي اسسٽنٽ ناواڻيءَ کي گهرايائين ۽ چيائنس تہ "جيڪي خاص ڪيس هجن انهن کي اندر موڪل ۽ ٻين کان تون حال احوال وٺ ۽ فائيل ۾ نوٽ ڪري سڀاڻي صبح جو مونکي ڏج." ناواڻيءَ محسوس ڪيو تہ اڄ واڌورام جو من ڪم ۾ نٿو لڳي، آخر ڳالهہ ڇا آهي؟ پر همٿ نہ ٿيس جو ڪائونس ڪجهہ پڇي. ان

جهڙن سخت انسانن تي ب اثر ڪري ڇڏيو آهي."

شبنم اهي اکر ٻڌي شرم کان پاڻي پاڻي ٿي ويئي.

واڌورام ڳالهه کي سنڀاليندي چيو "ڪلڪرني صاحب! هاڻي اچو ڪم تي. مسٽر محمد سليم کي آزاد ڪريو."

ڪلڪرنيءَ وري انسپيڪٽر ساني کي گهرائي حڪم جو پروانو سندس هٿ ۾ ڏنو ۽ چيو ته "محمد سليم کي وني اچو." پوءِ واڌورام کي چيائين "ڪيس ايندڙ ۱۰ تاريخ آهي جوابدار کي ڪورٽ ۾ حاضر ڪرڻ توهانجو ڪم آهي، سمجهيو."

واڌورام سندس هٿ تي هٿ رکي چيو "مسٽر ڪلڪرني مان پنهنجي جوابداري ڄاڻان ٿو، توهين ان کان ڇنا آهيو."

تنهن وچ ۾ محمد سليم به انسپيڪٽر سان گڏجي اچي پهتو، محمد سليم ڏاڍي نياز سان ڪلڪرني کي سلام ورايو. پوءِ ٽيئي ڪلڪرنيءَ جي مهرباني سڀي پوليس اسٽيشن کان ٻاهر آيا، ٽيئي اچي ڪار ۾ ويٺا. شبنم، محمد سليم ۽ واڌورام ٽيئي پنهنجيءَ سيٽ تي ويٺا هئا.

محمد سليم واڌورام جي پيرن تي هٿ رکي چيو "براد م، توهين منهنجا خدا آهيو. پر هڪ عرض آهي ته سڀاڻي رات اسانجي غريب خاني ۾ اسان سان گڏ کانو کائجو، مان ڪار موڪليندو سانءِ. منهنجا ٻه چار

ڪي چيو "سر! محمد سليم جو ڊرائيور آيو آهي."
واڌورام ٽڪڙ ۾ روم کان ٻاهر نڪري لفٽ ۾ چڙهيو. ٿاواٽيءَ کي ڳالهه سمجهڻ ۾ دير نه لڳي ته ڇو اڄ وڪيل صاحب جو من بيقرار هو.

واڌورام هيٺ پهتو ته ڊرائيور ڊگهو سلام ڪري ڪار جو در کوليو. واڌورام اچي پٺين سيٽ تي ويٺو ۽ اکيون بند ڪري شبنم جي تصور ۾ خيالي پلاءُ ڪائڻ لڳو. سندس خيال تڏهين ٽٽا، جڏهين ڪار اچي ڪف پريڊ تي جالي ميڪر وٽ رڪي ۽ ڊرائيور اچي دروازو کوليو. واڌورام لفٽ ۾ چڙهي مٿي پهتو، ڊرائيور ڪال بيل جو بٽڻ دٻايو. هن دروازي تي شبنم نالي وارو سهڻو بورڊ ڏٺو. دروازو به ماڊرن طريقي جو سهڻو ٺهيل هو. نوڪر اچي در کوليو ۽ واڌورام کي سلام ڪري ڊرائينگ روم ۾ وٺي آيس. ڊرائينگ روم ۾ وال ٽ وال ايراني غاليچو ڳاڙهو وڇايل هو. صوفا به ڳاڙهي ويلويٽ (مخمل جا هئا). تمام سهڻي شيشي جي گول ميز وچ تي پيل هئي. ٻئي پاسي شاهي ٿلهي شيشي سان گول ميز ۽ چوڌاري مخمل جون وڏيون شهاڻيون ڪرسيون پيل هيون. سڄو ڪمرو گلاب جي گلن سان سجايل هو. ڇت ۾ به وڏا شئنڊلرس لٽڪي رهيا هئا. واڌورام جڻ ڪنهن راجا جي محلات ۾ گهڙيو هو. اينٽري ۾ سليم اچي ڀاڪر ۾ پريس "خوش آمديد-

ڪري ”يِيس سر“ چئي ٻاهر نڪري ويو.

واڌو رام گهڙيءَ گهڙيءَ واچ ڏانهن نهاري پيو گهڙيال ڏانهن نهاري. گهڙيال ڏانهن نهاري پيو واچ ڏانهن نهاري. سندس لاءِ ڄڻ ته وقت بيهجي ويو هو. گهڙيال جا ڪانٽا هڪ هنڌ ڄمي، ٿمجي ويا هئا. هو خود حيران هو ته اڄ وقت کي ڇا ٿيو آهي؟ هونءَ وقت ڀڄندو ويندو آهي. اصيل به محسوس ڪري رهيا هئا ته اڄ وڪيل صاحب جو من ڪم ۾ نٿو لڳي. واڌو رام ته فائيل جا پنا اُٿلائي اصيلن کي چئي رهيو هو ته ”ٺيڪ آهي، مون سڀ ڳالهه سمجهي ڇڏي آهي. مان پاڻيهي ڪيس تيار ڪري ڪورٽ ۾ لڙندس. توهين ڪو به خيال نه ڪريو.“ پر ٿي اصيلن کي ائين چئي پڇائي ڪڍ يائين.

سانجهي ٧ بجي ناواڻيءَ کي اندر گهرايائين ۽ چيائين ”مونکي ضروري ڪم سان ٻاهر وڃڻو آهي. سو هيءُ فائيل ڪڻ ۽ ڪيسن جي تياري ڪر، مان سڀاڻي توکي ١٠ بجي ڪورٽ ۾ گڏ بس.“ ناواڻي فائيل کڻي ٻاهر نڪتو. واڌو رام پوءِ باٿ روم ۾ وڃي چڱيءَ طرح واش ور تائين. ڪمپليٽ سوٽ جو بئگ ۾ کڻي آيو هو سو پاتائين. انٽيميٽ هنيائين، جڻ سڀ بانل پاڻ تي اوتي هئائين، جنو سندس سڄو ڪمرو اُن سگنڌ سان ترتي ويو، ته ايتري ۾ ناواڻي در کولي واڌو رام

ته توهين ڀيا سڀ ڪم ڇڏي اسان جي ڪيس تي پورو پورو ڌيان ڏيندا. اُجورو هر مهني اڳوات توهان جي گهر ۾ روڪ پهتو ڪبو. ڪيئن آهي منظور؟“

واڌورام مشڪي جواب ڏنو ”مان اُنتي ويچار ڪري توهانکي جواب ڏيندس.“

پر محمد سليم به ڪيس سٽر ڇڏڻ وارو ڪونه هو. لاچار هنکي قبول ڪرڻو پيو ڇوته سڀگلون کي ضامن تي ڏاڍو مشڪل ڇڏيو ويندو آهي.

واڌورام جون اکيون ڪنهن کي ڳولهي رهيون هيون، پر شبنم جو ديدار هنکي ڪونه ٿيو. ڇوڪري نوڪر چاڪر ڪئي ڦريا، پر ان پري پيڪر جو پتو ندارد هو. اينٽري ۾ نوڪر اسڪاچ وسڪيءَ جون بوتلون ۽ سوڍائون کڻي آيو. محمد سليم ٦ گلاس وسڪيءَ جا ڀاهيا. سڀني گلاس هٿ ۾ کڻي محمد سليم جي ڇٽڻ جي خوشيءَ ۾ چيئرس ڪري پيئڻ شروع ڪيائون.

محمد سليم واڌورام کي ڳالهين ڪندي چيو ته ”مسٽر واڌورام ڪيس جيترو اينگهائي سگهو اوترو اينگهائجو، ڇو جو مونکي دبئي وڃڻو آهي.“

واڌورام، ٺيڪ آهي مهنو به ڪيس ڀنتي ڪرائي ڇڏيندس، توهين ڪڏهين وڃڻا آهيو؟“

محمد سليم ”پرهينءَ“

خوش آمديد وڪيل صاحب! ڀلي آيا، توهانجو ئي انتظار تي رهيو هو. اتي چار ڄڻا ٻيا به ويٺا هئا. جن مان ٻه عرب، هڪ انگريز ۽ هڪ هندوستاني هئا. محمد سليم واڌورام جي اُنهن سان واقفيت ڪرائي ۽ ٻڌايائين، ”ڪلهه وڪيل صاحب ڪمال ڪري ڇڏي، جو مونکي ضمانت تي آزاد ڪرايائين، مان ته آسرو لاهي ويٺو هوس ته ڪو مان ضامن تي ڇٽندس. هيءُ ئي وڪيل آهي جنهنجي ڪري اڄ مان توهان سان جيل جي بدران هتي ويٺو آهيان. ان ڪي ڇٽبو آهي واڌورام وڪيل.“ ائين چئي واڌورام کي ڏاڍو گرم ڀاڪر پاتائين.

واڌورام مشڪي چيو ”اُها منهنجي ڪمال ڪو نه هئي، اهو ته شبنم جو ڪمال هو، جادو هو جنهن جي اثر هيٺ مئجسٽريٽ شاهه ۽ ڪلڪرني هئا ڪئي.“ واڌورام ايترو چئي جڏهين محمد سليم ڏانهن نهاريو ته هن محسوس ڪيو ته محمد سليم کي اها ڳالهه ڪانه وڻي، ڇو جو هن جي منهن جو رنگ ئي لهي ويو هو. محمد سليم يڪدم ڳالهه جو رخ بدلائي چيو ته ”ها وڪيل صاحب! اسان خيال ڪيو آهي ته توهين انسان جا هميشهه لاءِ يعني زندگيءَ ڀر لاءِ وڪيل رهو. توهان کي ان جو اُجورو ماهوار ڏهه هزار روپيا ملندا. پوءِ ڪيس هجي يا نه هجي. پر جي اسانجو ڪيس هوندو

بيڊ روم جي بتي ٻري رهي هئي، بيڊ روم ۾ جمنا سندس انتظار ڪري رهي هئي. ڪيس ڏسي چيائين ”خير ته آهي، اڄ ڏاڍي دير لڳائي اٿو. منهنجي ته دل ئي هيٺ مٿي ٿي ويئي هئي، سؤ خراب خيال پيا اچن. هڪ ڳالهه چوان مهرباني ڪري سمگلرس جا ڪيس نه ڪٽو، مونکي ڊپ پيو ٿئي. منهنجي ته دل جي ڌڙڪن تيز ٿي ويئي آهي. اڄ ڪتاب ۾ به من نه پيو لڳي.“

واڌورام جو شبنم جي چٺي پڙهي خوشيءَ ۾ ڦوليو نٿي سمايو تنهن ڪري ڳالهه ٽارڻ جي خيال کان چيو جمنا تون ته ڏاڍو سنسائط آهين. منهنجو ڌنڌو هليئي اهڙن خونين، چورن ۽ سمگلرس جي ڪري ٿو، جي اهي نه هجن ته اسين وڪيل به نه هجون ها ۽ وڪيل نه هجن ها ته ڪورٽون به نه هجن ها، سمجهه منهنجي راڻي.“ ائين چئي جمنا جي ڳل تي پيار جي ٽپڪي هڻي باٿ روم ۾ ڪپڙا مٽائڻ هليو ويو.

جمنا اڄ حيران ٿي ويئي ته واڌورام اڄ ڏاڍو خوش پيو لڳي، هونءَ آفيس مان موٽندو آهي ته ٿڪو ماندو هوندو آهي. اڄ دال ۾ ڪجهه ڪارو ٿو لڳي. جڏهين واڌورام سليپنگ ڊريس پائي اچي پلنگ تي ليٽيو ته جمنا کي سندس منهن مان شراب جي بانس آئي، جمنا هڪدم پڇي ويٺي ”ڪٿان پي آيا آهيو؟“

اينري ۾ دسترخاني تي طرحين طرحين جا طعام رکجي ويا. ٥ ڄڻا ته ٿاڪ پيٽ ڀري ويٺا هئا پر واڌورام کي اينرو نشو ڪونه چڙهيو هو، هن جو نشو هن کان دور هو. رات ڪافي گذري چڪي هئي. سيني ڪاڌو ڪاڌو، رات جا ١٢ اچي لڳا هئا. سڀئي ڪائي ٻي موڪلائڻ لڳا، واڌورام جي اکين جي پياس ڪانه ٻجهي، محمد سليم واڌورام کي چيو ته "ڪار هيٺ بيٺي آهي، توهانکي گهر ڇڏي ايندي." واڌورام هٿ هٿ ۾ ملائي سيني کان موڪلايو. محمد سليم نوڪر کي چيو ته "ڊرائيور کي چئه ته وڪيل صاحب کي گهر ۾ ڇڏي اچي."

هو نوڪر سان گڏ هيٺ لٿو ۽ اچي ڪار ۾ ويٺو. جڏهين گهر وٽ هو ڪار مان لٿو ته ڊرائيور هڪ لفافو کيس ڏيئي چيو "صاحب! هيءُ ميم صاحب ڏنو اٿو."

ميم صاحب جو نالو ٻڌي، واڌورام جو منهن ئي ٽڙي پيو. لفٽ ۾ لفافو کوليائين ته شبنم جي پرفيوم جي خوشبوءِ سندس نڪ جي ناسن ۾ گهڙي ويئي. چٺيءَ ۾ ٻه چار اکر لکيل هئا "شڪريه جو توهين آيا." — شبنم.

واڌورام چٺي پڙهي کيسي جي حوالي ڪئي ۽ ٽهڪي مان دروازو کولي گهر اندر گهڙيو. هن ڏٺو ته

واڌورام ”جمنا تو اڄان شبنم کي ڏٺو به ڪونهي پر جي ڏسينس ته سندس مٿان فدا ٿي وڃين. خبر اٿيئي پوليس ڪمشنر ڪلڪرنيءَ مئجسٽريٽ شاهه هنڪي ڏسي يڪدم سندس مڙس کي ضامن تي آزاد ڪيو.“ ائين چئي واڌورام ڪلڪ لڳو.

جمنا اڄ واڌورام جو عجيب نمونو ڏسي اچرج ۾ پئجي ويئي. زال هونءَ به ٻيءَ زال جي ساراهه پنهنجي گهوٽ جي واتان ٻڌندي آهي ته حسد ۾ جلندي آهي. سو جمنا به واڌورام جي واتان شبنم جي ساراهه ٻڌندي هوا ۾ هٿ ڦهلائيندي چيو ته ”ڪونه کپن مونکي ڏهه هزار ۽ ڪونه کپن توهانجا سڪڻا پيار، مان چوانءَ ٿي ته اها شبنم توهان کي ڪٿي جو به نه رکندي، نه گهر جو نه گهاٽ جو. توهانکي ته ٻوڙيندي پر تنهن سان گڏ اسان جو به برو حال ڪندي. مان چوانءَ ٿي ته....“

واڌورام جنهن تي شبنم جي حسن جو جادو چڙهيل هو تنهن وچ ۾ ڪيس ڪٽيندي چيو ”جمنا، ڏس رات جو هڪ وڄي چڪو آهي، صبوح جو سويل اُٿي مونکي ڪيس جي تياري ڪرڻي آهي. ٻئي وساءِ ته سمهون.

(٦)

جڏهن جڏهن ڏينهن گذرندا ويا تيئن محمد سليم ۽ واڌورام جو پاڻ ۾ گهاٽو رستو ٿي ويو. واڌورام محمد

جمنا جو سوال ٻڌي واڌورام هڪدم ياڪر ۾ پيو ۽ چيائينس ”توکي ڪله ڪونه ٻڌايو هوم تہ محمد سليم جي زال شبنم آئي هئي ۽ ٥ گينيون ڏيئي مونکي وڪيل ڪري ويئي هئي. جي ڪله توکي آڻي ڏنيون هيم. اڄ ان وقت ٻڌم هئي ۽ خبر اٿيئي مونکي هميشه لاءِ پنهنجو وڪيل مقرر ڪيو اٿس ۽ گهر ويني ڏهہ هزار مهنو پگهار ڏيڻو ڪيو اٿن. پوءِ ڪيس هجي يا نہ ...“

واڌورام اهڙي تہ اُمنگہ سان چئي ويو جو جمنا کي شڪ ڪانه ٿيو.

جمنا يڪدم کيس چيو ”ان شبنم ٻبنم جي چڪر ۾ نہ پئو. مونسي اهي سمگلر ڏنا ۽ ڪونہ وڻن.“

واڌورام ”تون تہ ڪا چري آهين، بيوقوفن جهڙيون ڳالهيون ٿي ڪرين. اهي نہ هجن تہ اسين جيڪر بک مري وڃون. هاڻ تہ گهر ويني ڏهہ هزار مهنو پهچي ويندا. ٿنهي ڏين جو اُڪلاءُ جلدي ٿي ويندو. ڏهہ هزار تنهنجي اڪائونٽ ۾ جمع ڪرائيندو ويندس. سمجهئہ منهنجي بلبل.“

جمنا ”الائي ڇو مونکي اهي نٿا وڻن. اهو حرام جو پئسو اسان کي ڦبندو ڪونہ. مان اڄان ٻ ٿي چوانءِ تہ اهو ڪيس توهين نہ ڪٽو، ٻئي ڪنهن وڪيل کي ڏيو.“

لڳو. هن جلدي ۾ اپائيمنٽ هٿئين ۾ ٻوڙندي وچي در کوليائين. واڌورام سندس سونهن گلابي ساڙهيءَ ۾ ڏٺي ته درتي ئي سڌ بڌ وڃائي ويٺو. شبنم جي آواز کيس ڇرڪائي ڇڏيو. ”اندر اچو، ڏاڍو انتظار ڪرايو اٿوَ.“

واڌورام واچ ڏٺي ته پورا ٨ ٿيا هئا. واڌورام چيو ”شبنم محمد سليم ٨ جو ٽائيم ڏنو هو سو مان پوري ٨ بجي آيو آهيان.“

شبنم چيو ته ”ان ٨ جو ٽائيم ڏنو هوَ ۽ مون تہ ڪونه ڏنو هو.“

واڌورام ”چو ايا آيو ڪونهي ڇا؟“ واڌورام حيران ٿي ويو ته اڄ شبنم ڪيئن دروازو کوليو آهي. هون ته شبنم جو پاڇو به ڏسڻ ۾ ڪونه ايندو آهي.

شبنم ”هو اوچتو دبئي هليو ويو آهي. توهان کي فون ڪيائين، پر توهان جو فون ڪونه لڳو.“ شبنم جي چپن تي مٺي مشڪراهٽ کيلي رهي هئي.

واڌورام ”ها، منهنجو فون خراب ٿي ويو هو.“

شبنم ”محمد سليم مونکي چئي ويو هو مان توهان کي فون ڪري ٻڌايان ته پاڻ دبئي وڃي رهيو آهي.“ پوءِ شبنم هڪدم ڳالهه ڦيرائي چيو ” اڙي، پر توهين ٻاهر در وٽ ڇو بيهي ويا آهيو، اندر اچو نہ.“ ائين چئي شبنم واڌورام کي اندر بئنڪ ۾ وٺي آئي ۽ کيس

سليم جي دوستن جا پيا به ڪيس ڪنيا، جنهن مان هو لکاپتي ٿي پيو. واڌو رام جي هفتي ۾ ٻه چار دفعا ماني محمد سليم جي گهر ٿيندي هئي. شبنم پنهنجي هٿن سان ماني تاهيندي هئي، ۽ زور ڪري واڌو رام کي کارائيندي هئي. ڏينهون ڏينهن هنن ٻنهي جو رستو گهرو ٿيندو ويو. واڌو رام کي شبنم وٽان ڏينهن ۾ ٻه چار دفعا فون آفيس ۾ ايندو هو.

محمد سليم وٽ اڄ به واڌو رام جي ماني هئي. واڌو رام جمعا کي چئي ويو هو ته مان رات جو دير سان ايندس، تون ڪائي ڇڏج مان ڪائي ايندس.

محمد سليم کي اوچتو ٻ ٻئيءَ مان ٽرنڪ ڪال آيو. هن ڏاڍي ڪوشش ڪئي ته واڌو رام کي جهليان ته اڄ مانيءَ واسطي نه اچي، مان ٻاهر ٿو وڃان پر واڌو رام آفيس ۾ هوئي ڪونه. ان ڪري هن شبنم کي چيو ته تون فون ڪري وڪيل صاحب کي مانيءَ لاءِ جهلج."

شبنم ڪيس ها ته ڪئي پر هن جاڻي واڻي وڌو رام کي فون ڪونه ڪيو.

رات جا ٨ لڳا، واڌو رام جي اچڻ جو ٽائيم ٿيو ته شبنم اڳي کان به وڌيڪ سينگار ڪيو. سيني ۾ سڻي ۾ سڻي گلابي ساڙهي پاتائين، مٿين سان پاڻ کي جهنجهيائين، سڻعبدل ٻه پاتائين ته اينٽري ۾ ڊر جو بيل

اُتيا هئا. سندس دل شبنم جي پيار لاءِ بيقرار ٿيڻ لڳي. شبنم واڌورام جي منهن جا ڀاوَ ڏسي سمجهي ويئي ته اڄ واڌورام پنهنجي پارٽيءَ ۾ ڪونهي سو ڪيس سجاڳ ڪرڻ جي خيال کان چيائين ”وڪيل صاحب ڪهڙن خيالن ۾ ڪوهجي ويا آهيو. گلاس ته پورو ڪريو ٻيو پيگ ٺاهيان.“

واڌورام ڪلي گلاس مان ڍڪ ڀري چيو ”شبنم تو ڇا چيو، وري چئه.“

شبنم ”وڪيل صاحب! ڇا توهانکي چئن اکرن واري لوَ جي معنيٰ نٿي اچي ڇا؟“ ائين چئي شبنم شرارتي نموني ٽهڪ ڏيڻ لڳي.

واڌورام هڪدم اڳيان سري شبنم جو ملايم هٿ پنهنجي هٿ ۾ پڪڙي چڪي، پنهنجن چپن تائين آندائين ۽ شبنم جو هٿ ڏاڍي پيار مان چميائين.

شبنم واڌورام جي ان حرڪت تي ڪو به اعتراض ڪو نه ورتو. واڌورام جو من اڃا به وڌي ويو.

واڌورام هٿ ورائي ٻانهن شبنم جي گلي ۾ وڌي ۽ چيائينس ”شبنم مهرباني ڪري تون مونکي وڪيل صاحب نه چئه. مونکي ناليِ سان سڏ ڪر. تون جيڏي مهل مونکي وڪيل صاحب ڪري ٿي ٻالهائين ته منهنجي اندر ۾ وڍ ٿا پون. تون ۽ مان هڪ آهيون.“ ائين چئي شبنم کي ڀاڪر ڏانهن ڇڪيائين.

صوفا تي وهاريائين، پاڻ هڪدم اندر ويئي ۽ سيڪنڊ
۾ ٻاهر اچي واڌورام واري صوفا تي ويهي رهي.
واڌورام اڄ هيءُ رنگ ئي رنگ بدليل ڏسي حيران هو.
شبنم اڄ گلابي رنگ جي ساڙهي پاتي هئي، تنهن تي
ٺهڪندڙ ميڪ اپ ڪيو هئائين. چارلي ۽ پرفيوم جي
ڇڻ سڄي باٽل ڪٿي پاڻ تي اوتي هئائين. واڌورام
اڃان شبنم جي سونهن ڏسي تڪي ۽ توري رهيو هو
ته اينٽري ۾ نوڪر وسڪي، سوڊا ۽ گلاس ٽري ۾ کڻي
اچي وارد ٿيو. شبنم سينٽر ٽيبل تي ٽري رکڻ جو اشارو
ڏنس، نوڪر ٽري رکي گم ٿي ويو، شبنم ٻه گلاس
ٺاهيا هڪ واڌورام ڏانهن وڌايائين. واڌورام گلاس سان
گڏ شبنم جو هٿ به کڻي پڪڙيو. شبنم شرم کان
ڪنڌ کڻي هيٺ جهڪايو، ۽ سندس گلابي چهرو
وڌيڪ گلابي ٿي ويو.

واڌورام هڪدم شبنم جو هٿ ڇڏي ڏنو ۽ گلاس
مٿي کڻي شبنم کي چيائين "شبنم اڄ جي مٺي
ملاقات لاءِ" شبنم به پنهنجو گلاس واڌورام جي گلاس
سان ٽڪرايو. "چيئرس. توهان جي لاءِ خاطر."

واڌورام جي دل چاهي رهي هئي ته شبنم کي
پنهنجي ٻانهن ۾ قابو ڪري پنهنجي دل کي ٿڌو ڪريان،
پر انسانيت جي خاطر هو ائين ڪري نه سگهيو پر شبنم
جي واتان پيار جو نالو ٻڌي سندس ارمان ڪر موڙي

محمد سليم قرض جي بدران منهنجي ٻانهن جي تقاضا ڪئي. بابا ڪيس گهڻوئي ٻاڌايو ته منهنجي ٻچڙي ريشم جهڙي تمام ننڍڙي اڃان ١٣ سالن جي آهي. اُن جو نڪاح توسان ڪيئن ڪرايان. پر محمد سليم بابا کي ڌمڪي ڏني ته جي شبنم سان منهنجو نڪاح نه ڪرائيندين ته مان توکي جيل جي هوا کارائيندس. بابا ويچارو ڇا ڪري! آمان به ڏاڍو دکي ٿي پر مجبور ان منهنجو نڪاح محمد سليم سان ڪرايو ويو. محمد سليم بابا کي ايترو به چيو ته ”شبنم جي صدقي توکي ٢٥ هزار معاف ٿو ڪريان، پر سڄي زندگي عيش سان رهه. روزانو توکي اسڪاچ جي ٻاٽلي به ملندي.“ پوءِ خبر پيم ته محمد سليم کي ٽي زالون اڳ ۾ ئي آهن. هڪ زال دبئي ۾ رکي اٿس، ته هڪ دهليءَ ۾ ۽ هڪ ڪار ۾ ۽ ڇوٿين مان ڪف پريڊ تي. منهنجو جڏهين نڪاح ٿيو هو ته مان اڃان ٻي سمجهه ٻار هئس. مون کي ته نڪاح جي مطلب جي به خبر ڪانه هئي. محمد سليم مونکي زيور ۽ اوچا ڪپڙا وٺي ڏيندو هو. مان ان ۾ ئي خوش هوندي هئس. جو باباجن وٽ ته به ڳا مس هوندا هئم. پر جئن وقت گذرندو ويو، مان سمجهدار ٿيس، ته مون محسوس ڪيو ته منهنجي ڀرپور جوانيءَ کي ڇا جي ضرورت آهي، جا محمد سليم مونکي ڪڏاچست نٿو ڏيئي سگهي. اڄ مونکي شادي

شبنم ڪند ڪڍي واڌورام جي ڪلهي تي رکيو ۽ آهستي چيائين "سچ پڇو ته مان جڏهين توهانجي آفيس ۾ گهڙيس ۽ تــوهانجي سهڻي سڊول شڪل، گهنڊيدار وار ۽ ويڪرا ڪلها ڏٺم، ته اوڏي مهل ئي اوهان تي اڪن چڪن تي پيٺي هئس."

واڌورام "منهنجو به اهوئي حال ٿيو، جڏهين تو برقعو لاٿو ته تنهنجي سونهن ڏسي منهنجو بـ هوش حواس غائب ٿي ويا هئا. پر شبنم تون سبز پري هن ڏوس جي ور ڪيئن چڙهين ۽؟"

شبنم "اها به هڪ لنبي ڪهاڻي آهي. مان هڪ غريب مائٽن جي ڌيءَ آهيان. منهنجي عمر ١٠ سال مس هئي جو محمد سليم جي نظر موتني پيئي. هن منهنجي پيءُ کي قرض ڏيڻ شروع ڪيو. پئسي ملڻ تي منهنجي پيءُ کي شراب ۽ جوئا جي عادت پئجي ويئي، جڏهن ٢٥ هزار قرض منهنجي پيءُ تسي چڙهي ويو، ته هن ڪائونس پرونوٽ لکائي ورتو. گهر ۾ ان ڳالهه جي ڪنهن کي خبر ڪانه هئي تــه محمد سليم اسان کي قرض ڏيئي ، بابا ۾ بريون عادتــون وجهي رهيو آهي. نه ڪو ڪڏهين بابا ئــي اهڙي جاڻ ڏني. هڪ ڏينهن محمد سليم اسانجي گهر آيـو ۽ قرض جي تقاضا ڪرڻ لڳو. بابا چيس ته مون وٽ تــه ڪاري ڪوڏي به ڪونهي سو ٢٥ هزار ڪٿان ڏيندس." تـه

تي روئي لڳايان."

شبنم کند سان ها ڪئي، نوڪرياڻي هلي ويئي. شبنم واڌورام ڏانهن نهاريو، واڌورام تي اڃان به عشق جو ڀوت سوار هو. شبنم زبان سان ڪجهه به ڪونه چيو، پر کند جي اشاري سان ٻڌايائين ته هينئر وري نوڪرياڻي اندر ايندي.

شبنم ڳالهه جو رخ ڦيرائي چيو ته "ڪڇير ڏني ڪافي وقت تي ويو آهي، جي توهان کي ٽائيم هجي ته سڀاڻي رات جو ڪنهن هوٽل ۾ ڊنر کائي هندستاني فلم ڏسڻ هلجي. سڀاڻي نوڪرياڻي موڪل تي وڃڻي آهي."

واڌورام جي دل خوشيءَ مان ٽپا ڏيڻ لڳي، "تمام خوشيءَ جي ڳالهه آهي. اوبيراءِ ٽاور ۾ ماني کائي پوءِ ناز ۾ ڪڇير ڏسڻ هلنداسين، مان به ٽڪيٽون باڪس جون بوڪ ڪرائي ڇڏيندس پر تون مونکي ڪٿي گڏ ٿيندينءَ؟"

شبنم- "مان توهانکي ٨ بجي اوبيراءِ ۾ گڏبيس."

واڌورام- "ٺيڪ آهي مان پوري ٽائيم تي پهچي ويندس" ماني ميز تي رکجي چڪي هئي. پوءِ ٻئي اُٿيا ۽ اچي ٽيبل تي کاڌو کائڻ ويٺا. ٻنهي جون اکيون هڪ ٻئي سان ڳالهائي رهيون هيون پر زبان بند هين ڇاڪاڻ ته نوڪرياڻي پنهنجيون ٻانهون ٻڌي بيٺي هئي.

ڪئي پيريا ڏهه سال گذري چڪا آهن، مان مئنا وانگر پڃري ۾ بند آهيان، پر ڦڙڦڙائي رهي آهيان.“ شبنم ايترو يڪساهي چئي ٽڪجي پيئي هئي. هڪ لمبو ساهه کڻي ٻيڪ وسڪيءَ جو پيو وري چوڻ شروع ڪيو.

”پر جڏهين کان توهانکي ڏٺم ته منهنجي دل تڙڦڻ لڳي، منهنجو من نچڻ لڳو، جنهن جي هيترن سالن کان پياس هئي.“ ائين چئي شبنم واڌورام جو هٿ پنهنجن هٿن ۾ جهليو.

واڌورام گدگد ٿي ويو. شبنم جا هٿ پنهنجي هٿن سان مهٽڻ لڳو، ٻنهي جي اندر ۾ لرزش پيدا ٿي ويئي.

واڌورام شبنم کي ٻانهن ڏانهن ڇڪي چيو،”ڊيئر! مون جمنا سان جينٽوٽيڪ لوَ مئريج ڪئي آهي پر هوءَ تنهنجي سونهن ۽ شباب جي اڳيان ڪجهه به ڪونهي. تو مان جيترو لطف ۽ پيار ملي رهيو آهي، ايترو پيار جمنا وٽان به ڪڏهين ڪونه پاتو اٿم.“ شبنم کي اجان به ٻانهن ڏانهن ڇڪڻ ٿي هو ته نوڪرياڻي اندر گهڙي آئي. ”واڌورام يڪدم شبنم جا هٿ ڇڏي ڏنا ۽ سڙي پرڀرو ٿي ويٺو. شبنم به پنهنجي ساڙهيءَ جو پلؤ سنڀاليو.

نوڪرياڻي با ادب پڇيو ”ميم صاحب! دسترخاني

جيڪو دروازي تي بيٺو هو، اچي دروازو کوليو، دوشيزه سلور پرس مان نوٽ ڪڍي ٽئڪسيءَ واري کي ڀاڙو ڏنو. سندس ٻانهن تي ڪارو ڪپڙو هو، هيءَ دوشيزه ٻي ڪانه هئي پر شبنم ئي هئي. سيني جون اکيون هن تي هيون. شبنم ٻه اهو محسوس ڪيو ۽ تکڙي تکڙي، انڪوائري ڪائونٽر تي اچي بيٺي.

هڪ جوان پڇيس "يس مئڊم!"

شبنم جيستائين ڪو جواب ڏيئي ڏئي ته پنيان واڌورام اچي ڪلهي تي هٿ رکيس. واڌورام ڪيس ٻانهن ۾ ٻانهن وجهي لفٽ وٽ وٺي آيو. ٻئي اچي سوئيمنگ پول وٽ پهتا. هڪ ٽيبل سندن لاءِ اڳ ئي بوڪ ٿيل هئي، واڌورام صبوح جو ئي بوڪ ڪرائي ڇڏي هئي. سوئيمنگ پول تي لائيٽ ڏاڍي گهٽ هئي، جنهنڪري ڪنهن کي ٻه خبر نٿي پيئي ته ڪير ڪنهن سان گڏ ويٺو آهي. سيڪو ٻاٿ ۾ پورو هوندو آهي.

واڌورام بيئرر کي سڏ ڪري وسڪيءَ جو آرڊر ڏنو ۽ شبنم کان پڇيائين "ڊيئر! ڪهڙيون ڊشز گهرايان؟"

شبنم "جيڪي توهانکي وڻن."

بيئرر وسڪيءَ جي ٻاٽل ۽ گلاس ٽري ۾ کڻي آيو ۽ ڪساڏي لاءِ پڇيائين. واڌورام چڪن روسٽ، چڪن

ڪاڌو کائي واڌورام شبنم کان موڪلايو، ڇاڪاڻ ته رات جا ۱۲ لڳا هئا. شبنم واڌورام کي لفٽ تائين ڇڏڻ آئي. واڌورام جي دل چاهيو ٿي ته شبنم کي ڀاڪر ۾ ڀري پنهنجي دل جي آگ ٻجهايان. ايتري ۾ لفٽ اچي ويئي. واڌورام گڏنائيٽ چئي لفٽ ۾ چڙهيو.

(٧)

اوبيراءِ ٽاور ناريمن پائنٽ تي ٥ اسٽار هوٽل آهي. رات جو ستارن وانگر چمڪندي آهي. سامهون سمنڊ جون نيريون ڇوليون، من کي مست ڪري ڇڏينديون آهن. رات جو چانڊني رات ۾ سمنڊ جو پاڻي چانديءَ وانگر چمڪندو آهي. بامبي ۾ عاليشان ۽ ڏگهي عمارت شمار ڪئي ويندي آهي. شاهوڪارن جي وندر لاءِ هتي هرقسم جو اونو رکيو ويندو آهي- رواجي شخص جي جاءِ ڪونهي. ڪيترا عياشي پرش پنهنجون ساهيڙيون ڪال گرلس وٺي اچن ۽ روم بوڪ ڪرائين. ڊسڪو ڊانس رات جو ۱۲ کان وٺي صبوح جو ۴ بجي تائين ٿيندي آهي. جڏهين مخلوقات جو هر ٻيو ٻچڙ، پنهنجي گهر ۾ آرامي هوندا آهن ته جوان ۽ جوانڙيون جاڳي اُٿندا آهن.

پوري ٨ بجي هڪ دوشيزه چمڪندڙ ساڙهيءَ ۾ مبلوس، هيرن جواهرن سان جهنجهيل اوبيراءِ هوٽل جي در وٽ ٽئڪسيءَ مان اچي لٿي، يڪدم چوڪيدار

واڌورام لمحي جو جواب ڏيندي چيو.

”ٿي جمنا گهر ۾ آهي ۽ سندس پاڻجي دهليءَ مان آئي آهي اُن کي ڪجهه ڏيکارڻ وٺي آيو آهيان.“

ٻلو. ”واڌورام ڪٿي ويٺو آهين؟“

واڌورام ”ٻالڪنيءَ جون ٽيڪيٽون ڪونه مليون انڪري باڪس جون ورتيون ٿيئيون سو ٻه هڪ ماڻهو نيڪال ڪرڻ آيو هو.“

واڌورام ٻاڻ سنڀاليندي چيو، ڇاڪاڻ ته کيس خبر هئي ته ٻلو ٻيسٽر ڏاڍو هوشيار ۽ چٽو جاسوس آهي. انهن نه ٿي جو مان ڪوڙ ڳالهائيندي پڪڙجي پوان.

گيتا چئي رهي هئي ”جمنا پاپيءَ کي گڏ ٿي گهٽا ڏينهن ٿي ويا آهن. ڪڏهين کيس اسان وٽ وٺي اچو سن نه.“

واڌورام ”ها! ها! اسين نه ايندا سين ۽ توهين ٻه اسان وٽ ڇڪر هڻو نه؟“

گيتا ”ضرور ان ٻاسي آياسين ته ضرور توهان وٽ به ايندا سين.“

ايتري ۾ رسيس پوري ٿيڻ جي گهنڊي چلائڻ لڳي.

واڌورام جلدي پنهنجو آئسڪريم وٺي اچي باڪس ۾ پهتو. آئسڪريم شبنم کي ڏيندي چيائين، ”ٻيٽا! چڱو ٿيو جو تون ٻاهر نه هلينءَ.“

شبنم. ”ڇو ڇا ٿيو؟“

ٽڪا، شامي ڪباب، تندوري چڪن ۽ نانن جو آرڊر ڏنو.

هيءُ ٻئي وسڪيءَ جا چسڪا ٻه وني رهيا هوا ته هڪ ٻئي ۾ محبت به ونڊي رهيا هئا. سوائين نوين تائين ڪاڏي مان فارغ ٿيا. واڌورام بيئرڙي کي بل آڻڻ لاءِ چيو. بيئرو بل ڪٽي آيو. واڌورام ٽي سوَ جا نوٽ پليٽ ۾ رکي، شبنم کي هٿ هٿ ۾ ڏيئي نڪري ويو. چينج وٺڻ لاءِ به ڪو نه ترسيو.

واڌورام جي ڪار اچي ناز جي ڪمپائونڊ ۾ بيٺي سئنيما هال ۾ گهڙيا ته نيوز ريل پورو ٿي چڪو هو. هيءُ ٻئي اچي باڪس ۾ ويٺا. واڌورام پنهنجي ٻانهن ورائي شبنم کي ياڪر ۾ ٻيري ورتو. پڪچر ۾ چا ٻئي هليو، ڪين ڪاٻه سمڪ ڪانه هئي. هي ٻئي ته ٻاڻ ۾ يي سمائجي چڪا هئا.

انٽرويل ٽي جڏهين لائيٽ ٻري ته شبنم ڏٺو ته واڌورام جو سڄو منهن لپ اسٽڪ جي نيشانن سان ڀريو پيو هو. شبنم مدر ٿهڪ ڏيئي، پرس مان رومل ڪڍي لپ اسٽڪ جا نيشان ميٽي ڇڏيا. واڌورام ٻاهر نڪري آئيسڪريم وٺڻ ويو ته ٻاهر ڪيس ٻلو ٻئريسٽر گڏيو. ٻلو ٻئريسٽر سان گڏ گيتا به هئي. ٻلو ٻئريسٽر واڌورام کي ياڪر پائي گڏيو، ۽ گيتا نمستي ڪندي چيو "ڀائو، اڪيلا آهيو يا ڄمنا ڀاڀي به ساڻ آئي؟"

جلدي جلدي ٻئي سئنيما هال مان ٻاهر اچي ڪار ۾ ويهي رفو چڪر ٿي ويا.

ٿورڙي دير کان پوءِ پلو ۽ گيتا ٻاهر نڪتا ته ڪين واڌورام ڏسڻ ۾ ڪونه آيو. گيتا پلوءَ کي چيو ”ڊيئر، واڌورام ڇا اچا اندر ويهي رهيو آهي ڇا؟“

پلوءَ کلي چيس ”منڙي! تون شايد انٽرويل ۾ مارڪ ڪونه ڪيو ته جڏهين تون ڪائونس جمنا جي باري ۾ پڇيو ته ٿورو منجهي ويو، پر جي جمنا جي پاڻيجي پاڻ سان وٺي آيو هو ته پوءِ جلدي ڇونڪري ويو ۽ سو به باڪس جي ٽڪيٽ ورتائين. گيتا مونکي ڪجهه دال ۾ ڪارو ٿو لڳي.“

گيتا ”پر ڊارلنگ! مونکي واڌورام جي شڪل اڄ عجب لڳي، سڄي ڇهڙي تي ڄڻ لپ اسٽڪ جا ڏيا لڳل هيس ۽ ٻيو اڄ اسان سان اکين ملائڻ ۾ به پئي هٻڪيو، ڄڻ ته ڪو گناهه ڪيو هجيس.“

پلو ”گيتا ڇورن کي انهي نظر مان ٿي ڏٺو ويندو آهي.“ انهن ڳالهين ڪندا ٻئي اچي ڪار وٽ پهتا ۽ ڪار ۾ چڙهي گهر روانا ٿيا.

(٨)

اُن ڳالهه کي هفتو گذري ويو. پلو ۽ گيتا کي ٿورڙي جي ڳالهه وسري وئي. پلو هميشه موجب صبح جو ٦ بجي مورننگ ۽ ٻيڻ لئي نڪري ويو.

واڌورام ٻڏو ساهه کڻي چيو، "بلو ٻرويسٽر پنهنجي ڄال گيتا سان گڏ ڳڪڙ ڏسڻ آيو آهي." توکي خبر ڪانهي ته هن وڪالت ۽ جاسوسيءَ ۾ ڪيترو نه نالو ڪڍيو آهي. اڄ جي هو مونکي توسان گڏ ڏسي ها ته قيامت برپا ٿي وڃي ها." واڌورام رومال کيسي مان ڪڍي منهن تان پگهر اگهيو.

شبنم بلو ٻرويسٽر جو نالو ٻڌو هو. سو سندس واهه ڦاٽي ويو. "بلو ٻرويسٽر! توهانجو دوست ٿئي؟ مون سندس گهڻيئي ناول پڙهيا آهن ۽ اخبارن ۾ سندس ڪارناما به پڙهيا آهن. مونکي ساڻس گڏجايو نه."

واڌورام "توکي گڏجڻ جي لڳي آهي، اڙي جي توکي مونسان گڏ ڏٺائون نه، ته پوءِ منهنجو خير ڪونهي. سمجهه منهنجي حور پري. مون ته ڪين چيو ته جمنا جي پاڻيجي ڍهليءَ مان آئي آهي انڪي پاڻ سان گڏ وٺي آيو آهيان. پر جي جمنا کي خبر پيئي نه ته گهر مان ئي گهر ڪري ڇڏيندي سمجهه."

شبنم "ڪمال آهي، وڪيل ٿي ڪري ڄال کان ٻڄو ٿا. پيار ڪيا تو ڀرنا ڪيا." ائين چئي شبنم واڌورام جي چپن تي پيار جي مهر هڻي ڇڏي ۽ واڌورام پنهنجي سڏ ٻڌ کوهي، کيس آغوش ۾ قابو ڪري ڇڏيو.

ڳڪڙ پوري ٿيڻ ۾ باقي ٻه، چار منٽ پيا هئا ته واڌورام پنهنجي آغوش مان شبنم کي آزاد ڪيو ۽

يڪدم پوليس چونڪيءَ تي وڃي خبر ڏني. پوليس يڪدم آئي پوليس ڊاڪٽر کي گهرايو، جنهن رپورٽ ڏني ته خون صبوح جو ٿيل آهي. پوليس تلاشي ورتي ته مرد جي کيسي مان پرس ۾ هزار روپيا ۽ وزٽنگ ڪارڊ نڪتا، جنهن تي واڌورام وڪيل نالو ڇپيل آهي؛ ڇوڪريءَ جي ڪنن ۽ ڳچيءَ ۾ جڙاءُ سيٽ، جڙتي منڊي، جڙتي ڪنگڻ ۽ هيرن سان جڙيل واچ پيل هئي، پرس مان ميڪاپ جو سامان نڪتو. پر ڇوڪريءَ جي نالي يا ائڊريس جي ڪابه خبر پئجي ڪانه سگهي آهي. لاش پوسٽ مارٽم لاءِ موڪليل آهن. وڌيڪ جاچ هلندڙ آهي. ڇوڪري شايد سندس محبوبا آهي. (خاطو)

گيتا اها خبر پڙهي اڃان ٽڪ مارڪ ڪري ئي رهي هئي ته فون جي گهنٽي چلائڻ لڳي. ٽن، ٽن، ٽن. نوڪرياڻي شياما پڻ پڻ ڪندي چيو "ماڻهو آهن يا جانور، اڃان صبوح ٿيو ئي ڪونهي ته فون شروع ڪري ٿا ڇڏين، شايد رات جو ننڊ به نٿي اچين." ۽ اچي فون جو چوغو کنيائين.

"هلو."

ٻئي طرف هڪ زنانو آواز آيو. "صاحب گهر ۾ هئا؟"

شياما "جي نهين، واڪ تي گئي هئا، ميم صاحب هئا."

آواز "اڇا ميم صاحب کو بلائو."

گيتا عادت موجب برش وغيره ڪري اچي ڊائيننگ ٽيبل تي ويٺي، ته آيا نوڪر ۾ چانهه، بسڪيٽ ۽ تازيون اخبارون کڻي ميز تي رکيون. گيتا چانهه جون چسڪيون ڀري رهي هئي ۽ اخبارون تي نظر مان ڪڍي رهي هئي. هميشه موجب ٻوڙه جي ڪم جون نيوز ٽڪ مارڪ به ڪري رهي هئي ته هڪ اخبار جي پهرئين صفحي تي ٿلهن اکرن ۾ ڇپيل هو "مشهور

وڪيل واڌورام ۽ سندس سهڻي محبوبا جو خون."

يو. اين. آءِ. جي خبر موجب مڪ آئلينڊ ۾ مشهور وڪيل واڌورام ۽ سندس محبوبا جو ڪار ۾ خون ٿيل لاش لڌا ويا آهن. ڳالهه هيئن آهي صبوح جو ماڇي جڏهين مڇيون ڦاسائڻ لاءِ وڃي رهيا هئا ته اڇي رنگ جي ڪار بيٺل ڏٺائون ۽ اسٽيئرنگ ويل تي هڪ سوٽيڊ بوٽيڊ ماڻهو ويٺو هو ۽ سندس ڪلهي تي ڪنڌ رکي هڪ حسينا ويٺي هئي. ۽ هي اهو ڏسي پنهنجي ڪم تي هليا ويا. ٻيهر شام جو ماڇي مڇيون ڦاسائي واپس موٽيا ته ڏٺائون ته سمنڊ جي ڪناري تي اڇي رنگ جي ڪار اڃان بيٺي آهي. اڳيان وڃي ڏٺائون ته ڪار ۾ ساڳئي طرح ساڳيا ئي ماڻهو ويٺا آهن. ڪار جو در کوليائون ته ڏٺائون ته ٻنهي جا وات پلسٽر سان بند آهن ۽ ٻنهي جا نوڙين سان هٿ ٻڌل هئا. هنن

هئي، توهين ڪجهه، اُن جي باري ۾ ٻڌائي سگهندا؟“

جمنا ”شايد شبنم هوندي.“

گيتا ”شبنم ڪهڙي؟“

جمنا ”اها وڏي ڪهاڻي آهي جا هين روبرو گڏبينءَ تڏهين سڀ ڪجهه ٻڌائيندي سانءَ. خون بہ اُن نياڻيءَ جي ڪري ٿيو آهي، نہ تہ هنن جو ڪنهن سان وير ٿوڙيئي هو. جئين انهيءَ ڇنڊيءَ هنن کي پنهنجو وڪيل ڪيو تئين هيءُ پورو گهر ۾ ايندا بہ ڪونہ هئا، گهر مان جڏهن موڪ نڪري ويو هون. هونءَ جو جمنا، پيئي پوندي هئي، سو مان بہ وسري ويئي سان.“

ائين چئي جمنا اچي اوڇنگارن ۾ پيئي ۽ فون جو چوغو ڪٽي رکيائين.

ايتري ۾ بلو بئرسٽر آلي ٽوال ۾ ويڙهيل ڪپڙا هٿ ۾ لوڏيندو ۽ سيٽيون وڄائيندو اندر گهڙيو. ايندي شرط گيتا کي منهن ڏيئي چيائين ”ڊيئر ڪهڙي خبرچار آهي؟“

گيتا چيس ”تہ ڊيئر پهرين سنان پاڻي ڪريو، نيرن ڪريو تہ سڀ خبرچار ٿي ٻڌايانوءِ.“

بلو ”اوڪي ڊيئر!“ چئي باٿ روم ۾ هليو ويو.

بلو جلدي سنان پاڻي ڪري گروءَ جي روم ۾ وڃي هٿ جوڙي ٻاهر آيو ۽ اچي ڊائيننگ ٽيبل تي ويٺو. جتي گيتا اڳم ئي سندس لاءِ ٽوسٽ تي ٻٽر هڻي رهي

شياما ”ايڪ منٽ.“

شياما گيتا کي اچي چيو ”ميم صاحب! ڪوئي ميم صاحب آپ کو فون پي بلا رهي هئه.“

گيتا فون جو چوغو کڻي چيو ”هلو.“

ٻئي پاسي هڪ ڏال جو روئڻهار ڪو آواز آيو. ”گيتا مان جمنا آهيان، مان تباهه ٿي ويس، برباد ٿي ويس، منهنجو گهر سڙو ٿي ويو، مان نه ڪنهن جي نه ڪانه رهيس. الا مان ڇا ڪريان؟ مونکي نه ڪجهه به سمجهه ۾ نٿو اچي.“

گيتا ”جمنا ڀاڀي مون اها هيئنر اخبار ۾ پڙهي، نه توهانجو مٿان فون آيو. بلو اچان مارننگ واڪ تان واپس ڪو نه آيو آهي. اڌ ڪلاڪ ڪن ۾ اچي ويندو. توهين دل جاء ڪريو. جيڪي ٿيڻو هو سو ٿي ويو، توهين پنهنجي دل کي مضبوط ڪريو، جيئن توهين ائين دل لاهيندا ته ٻارن کي ڪير آٿت ڏيندو.“

جمنا ”گيتا مان ڇا ڪريان، مونکي ڪجهه به سمجهه ۾ نٿو اچي ته هيءُ ڇا ٿي ويو. هيءُ مٿ آئليب ڇو ويا، مونکي ته ڪجهه به سمجهه ۾ نٿو اچي.“ ائين چئي جمنا ڦٽي هنياءُ روئڻ لڳي.

گيتا کيس آٿت ڏيندي چيس، ”جمنا ڀاڀي توهين ڪو خيال نه ڪريو، اسين توهان سان آهيون سڀ پتو ڪڍيو، ٻيو ڀاڀي پاڻوءَ سان ڪهڙي ڇو ڪري ڳل

وچاريءَ جو ٽڪو پيڪو ويجهو مٽ مائٽ آهي، واڌورام پنهنجي ڀائرن ۽ ڀاڻتن سان به راهي ڪونهي. سڀني سان جني ڦاڙي وڌو هو، سو هن وقت ڪير مدد ڪندس."

ٻئي ڄڻا تيار ٿي اچي ڪولاٻا ۾ واڌورام جي گهر پهتا. گهٽي سڄي ماڻهن سان سٿي پيئي هئي. ڏاڍي مشڪل سان هيءَ لفٽ تائين پهتا. لفٽ مان لهي فليٽ وٽ پهتا، ته ڏٺائون ته در کليو پيو هو سڄو گهر زالن ۽ مردن سان ڀريو پيو هو.

جمنا واڌورام جي لاش کي چنبڙي زار زار روئي رهي هئي. ٻلو گيتا کي اشارو ڏنو ته. گيتا اڳيان وڌي جمنا کي وٺي لاش کان ڌار ڪيو. جمنا ٻلوءَ کي ڏسي اڃان به وڌيڪ روئڻ لڳي، "ڏسو اڄ توهانجو دوست مونسان رسي هليو ويو آهي. اصل ڳالهائي به ڪونه ٿو ڏسو ڪيئن نه شانت سروپ ٿيو سمهيو پيو آهي. ڀلا هن ڪڏهين ڪنهنجو برو چاهيو جو هنکي خون ڇو ڪيو ويو، ڀائو توهانکي هن جي خونين جو پتو ڪيڏو هوندو ۽ ڪين ڦاسيءَ تي چاڙهجو، تڏهين منهنجي من کي شانتي ايندي." ائين چئي جمنا پنهنجو مٿو پٽ سان ٽڪرائڻ لڳي. ٻلو ٻيرسٽر هڪدم جمنا کي قابو ڪيو. جمنا روئي چئي رهي هئي، "منهنجو هن دنيا ۾ هاڻ ڇا آهي، مونکي به هن سان

هئي. ٻنهي گڏجي، آمليٽ، ٽوسٽ ٻڌو ۽ کير جــي
گلاس ســان نيرن ڀــوري ڪئي. ڀــر اَج ٻـلو حيران
هو ته هون نيرن ڪرڻ وقت گيتا ٽڪ مارڪ ٽيل
اخبارون ڪيس نظر مان ڪيڻ لاءِ ڏيندي هئي، پر
اَج چپ چاپ ويٺي نيرن ڪيائين. ٻلوءَ کي ان تي ڏاڍو
عجب لڳي رهيو هو، هن هڪ نظر گيتا جي چهري
تي وڌي ته کيس لڳو ته اَج گيتا ڏاڍي اُداس آهي.

ٻلو ”گيتا اج تون ڏاڍي اُداس ڇيئي لڳين؟“

گيتا هڪدم ساوڌان ٿي چيو ”ها ٻڌو! هيءَ اخبار
پڙهو.“ واڌورام جـــو سچو ٽڪ مارڪ ٽيل ٽڪر پڙهي
ويو، سندس منهن جو رنگ اُڏامي ويو. ”گيتا اهو ڪيئن
ٿيو، اهڙو هوشيار وڪيل ۽ جمنا جهڙي خوبصورت
زال هوندي...“

گيتا ”جمنا پاپيءَ جو هميشه فون آيو هو ويچاريءَ
جا سڌ ڪا ٿي بند نه ٿين، چيائين توهان ٻنهي کانسواءِ
هميشه مونکي ٻيو ڪو سهارو ڪو نهي. مون ڪافي
آٿت ڏنو ماس، پر مونکي اها ڳالهه سمجهه ۾ نٿي
اچي ته آخر پاڻوءَ جو خون ٿيو ڇو؟“

ٻلو ”مان سمجهان ٿو ته ڪنهن سان دشمني هوندس
ڇو جو زيور ۽ پئسا سلامت آهن. پر سوال ٿو اٿي ته
هنجي دشمني ڪنهن سان هئي؟ ۽ ڇو هئي؟“

گيتا ”جلدي تيار ٿي وٺو لــ جمنا وٽ هلون،

ڊاڪٽر ”منهنجي خيال موجب ٢٤ ڪلاڪن کان مٿي ٿيڻ نه گهرجي. ڪارونر به اسانجي رپورٽ سان شامل راءِ آهي.“

بلو ”پلا جيڪا ڇوڪري واڌورام سان گڏ هئي، انجي ماڻهن جو ڪو پتو پيو ته ڪير آهي؟“

ڊاڪٽر ”اڃان تائين ته ڪو به پتو ڪونه پيو آهي فوٽو سڀني اخبارن ۾ ڏنو ويو آهي ۽ ريڊيو ۽ ٽي. وي تي به. لاش، لاش گهر ۾ آهي.“

بلو ”هيءُ ڪيس ڪهڙي پوليس چوڪيءَ تي درج ڪيو ويو آهي.“

ڊاڪٽر ”مڊ آئلنڊ جي پوليس چوڪيءَ اسانکي لاش پوسٽ مارٽم لاءِ ڏنا هئا. اُتي جو انسپيڪٽر سنڌي مسٽر شهاڻي آهي، هن تي سڄي ڪيس جي جاچ ڪئي آهي.“

بلو ”ڊاڪٽر! ٿئنڪيو ويري مچ، فار دي ڪوآپريشن.“ ائين چئي بلو چوغو فون تي رکيو ۽ ٽيليفون ڊائريڪٽري ڪڍي مڊ آئلنڊ پوليس چوڪيءَ جو نمبر ڪڍيائين، بلو ڊائل ڪيو ته آواز آيو. ”هلو مڊ آئلنڊ پوليس چوڪي.“

بلو ”هلو انسپيڪٽر شهاڻي از دير.“

آواز ”پيس پليز، هولڊ آن.“

ايتري ۾ وري آواز آيو ”هلو، ڪير ٿو ڳالهائي؟“

گڏ ساڙيو مـــان جيئڻ نٿي چاهيان، پاڻ مولتي ديا ڪريو منهنجي به ڪائي ناهيو."

ٻلو جيئڻ لٿين ڪري جمنا کي ماٿ ڪرايو. ٻلو ۽ گيتا جي اکين مان آنسون وهي رهيا هئا. سڄي گهر جا ماڻهو سڏڪا ڀري رهيا هئا. ٻلو گيتا کي چيو ته "پاڻيءَ جو گلاس ڀري اچ. گيتا پاڻيءَ جو گلاس ڀري آئي، ٻلو جمنا کي پاڻي پياريو. لڏهن وڃين جمنا ڪجهه سامت ۾ آئي. ٻلو ٻيءَ روم ۾ ويو، جي. جي. هاسپيٽل جي هائوس سرجن ڊاڪٽر هيرانداڻي کي فون ڪيو.

ٻلو "هلو ڊاڪٽر هيرانداڻي، گوڊ مارننگ مـــان ٻلو بئريسٽر ڳالهائي رهيو آهيان."

ڊاڪٽر هيرانداڻي "هلو گڊ مارننگ ٽو يو، ها ٻلو اڄ هن بندي کي ڪيئن ياد ڪيو ويو آهي؟"

ٻلو "دوست واڌورام وڪيل جي پوسٽ مارٽم جي رپورٽ ۾ ڇا آهي؟"

ڊاڪٽر "زهريلي شئي، ڇاڪاڻ ته ٻنهي جا وات پلاسٽر سان بند هئا ۽ هٿ ٻڌل هئا. بدن تي ڪوبه نشان، يا گهاءُ ڪونهي. انجيڪشن ۾ خطرناڪ زهر ڀريو ويو هو. جنهن يڪدم پنهنجو اثر ڏيکاريو ۽ اهڙو جوان مرد پيري ٿي ويو آهي."

ٻلو "اهو خون اٽڪل ڪهڙي ٻجي ٿيل آهي؟"

ڪيو، او ڪي، مان اچان ٿو، پيون ڳالهيون روبرو."

شهاڻي "مان وينو آهيان، جلدي اچ."

ٻلو چوغو فون تي رکي جمنا کي پاسيرو سڏ ڪري چيو "پيڻ معاف ڪجو جو مان هڪ ٻه سوال توهان کان پڇان؟"

جمنا آلسون اگهي ڪنڌ هيٺ ڪري چيو "پڇو جيڪي پڇڻو هجيوَ."

ٻلو "واڌ ورام سان گڏ جيڪا چوڪري خون ٿي آهي سا ڪير آهي؟ توهين اُن کي سڃاڻو؟"

جمنا "اُها شبنم آهي. سمگلر محمد سليم جي چوٿين زال."

ٻلو "بس مان سمجهي ويس. مان هينئر سڌو جاچ لاءِ مڊ آئلنڊ ٿو وڃان. مون انسپيڪٽر شهاڻيءَ کي فون ڪري چڏيو آهي. ايشور تي ڀروسو رک ڏوهارين کي ٽڪڪيءَ تي جيستائين نه چاڙهيندس تيستائين آرام ڪونه ڪندس."

گيتا کي سڏ ڪري، ٻلوءَ سڄي ڳالهه ڪان واقف ڪيس ۽ انسپيڪٽر شهاڻيءَ جو، فون نمبر ڏنائينس ته ڪا به اهڙي ڳالهه ٿئي ته مونکي اُتي صلاح ڏج.

(٩)

آرتوار جو ڏينهن هو. رستن تي ٽرئفڪ ڏاڍي گهٽ هئي. جنهن ڪري ٻلوءَ جي ڪار هوا سان ڳالهيون

ٻلو "ٻلو ٻڌو پيو ٿو."

شهاڻي "هلو ٻلو يار ڪهڙو حال آهي اڄ سائين جن کي منهنجي ياد ڪيئن آئي آهي."

ٻلو "بس ڪڏهين ڪڏهين ته دوستن کي ياد ڪرڻ کپي نه."

شهاڻي "ضرور! ڀائي مان نه سڪندو آهيان توهان سان روبرو مکاميلو ٿئي، جي نه ته گهٽ ۾ گهٽ فون ذريعي آواز ٻڌان."

ٻلو "ضرور، ڀلا شهاڻي ڪڏهن جيڪو خون واڌ ورام وڪيل جو ٿيو آهي تنهن جي باري ۾ تو ڪان ڪجهه ٻڌو هو."

شهاڻي "هئو چا ٻڌو آهيئي."

ٻلو "جنهن ڪار ۾ خون ٿيو اها ڪار هيئر آهي ڪٿي؟"

شهاڻي "اهيئي ساڳئي هنڌ ٻيٺي آهي، چاڪاڻ ته ان جي ٻنهي ٽائرن مان هوا نڪتل آهي."

ٻلو "مهرباني ڪري هڪ ڪم ڪج ته ڪار سان هٿ چراند نه ڪج، ۽ پوليس پهرو رکج. مان ڪلاڪ ان ۾ اچي پهچان ٿو، او ڪي."

شهاڻي "اهو ته چڱو ٿيو جو توهان اهو ڪيس ڪٽي ورتو آهيو نه ته اسين ته ڏاڍا منجهيل آهيون."

"ٻلو رک رام لي ڏوهارين کي جهنم مان ٻه ڳولهي

ميز تي ڪافي فائيل رکيل هئا ۽ گلدستي ۾ تازا گلاب جا گل پيا هئا. ايتري ۾ شهاڻيءَ فون تي ڳالهائي پورو ڪيو ۽ چوغو فون تي رکي چيائين ”توهانکي مسٽر پلو هتي پهچڻ ۾ ڪا تڪليف ته ڪانه ٿي؟

”او نه يار! پوليس چونڪي ڳولهڻ ۾ ڪهڙي تڪليف. شهاڻي هاڻي مونکي سڄو حال ٻڌاءِ ۽ ڪار وارو هنڌ به ڏيکار.“

شهاڻي ”اڄڪلهه شام جو ٦ بجي، ٻه مهاڻا ڊڪندا آيا ۽ اچي چيائون ته بيچ جي ڪناري تي هڪ ڪار بيٺي آهي، جنهن ۾ سوٽيڊ بوٽيڊ شخص ۽ هڪ ميم صاحب ويٺا آهن. اسان صبوح جو وڃڻ وقت به اها ڪار اتي بيٺل ڏٺي، پر ڌيان ڪونه ڏنوسين جو جلديءَ ۾ هئاسين، پر شام جو وري اُتيئي ڪار ڏسي اڳيان وياسين. انسپيڪٽر صاحب اسانکي ڊال ۾ ڪجھ ڪالا ٿو لڳي. مان هڪدم ٻه چار پوليس وارا وٺي واردات تي پهتس، ڪار جو در کولي ڏٺم ته ٻنهي جا وات پلسٽر سان بند هئا ۽ هٿ ٻڌل هين. پهرين مون سمجهو ته آپگهات ڪيو اٿن، پر ڪار جا سڀ شيشا بند هئا ۽ ڪار جي ٻن پٺين ٽائرن مان هوا نڪتل هئي. فوٽوگرافر گهرائي فوٽا ڪڍيا ويا آهن. پر خوني ڪو ڏاڍو چالاڪ ٿو ڏسجي جو اهڙيءَ طرح ٻنهي کي وهاري ويو آهي، جڏهن ته ٻئي هڪٻئي کي

ڪندي اُڏامي رهي هئي.

بلوءَ جي دماغ ۾ ڳنڍريل ڳالهيون اچي رهيون هيون. واڌ ورام اهڙو نه اشراف، سڌو ماڻهو، ڪيئن وڃي سمگلرس ۾ ڦاٿو. پنهنجي به عزت وڃايائين ۾ پئيان جمعا ۽ ٻارن کي به رولي ۾ وڌائين. واڌ ورام جو خون ڇو ٿيو؟ ڪنهن ڪيو؟ اهي ويچار بلوءَ جي دماغ ۾ ور ور ڪري پئي آيا. انهن ويچارن ۾ بلو اهڙو ته کوهجي ويو جو جڏهين مٿ آئلنڊ پوليس اسٽيشن جو بورڊ سامهون ڏٺائين ته بريڪ هڻي ڪار کي روڪيائين. ڪار ٻاهر پارڪ ڪري هيءُ پوليس اسٽيشن ۾ اندر گهڙيو ته ڏٺائين ته بينچ تي چار پنج ماڻهو ويٺا هئا. ڪمري ۾ جهوني پراڻي ميز وچ ۾ پيئي هئي، چار پنج ڪرسيون پاسن کان هيون. جن تي به ماڻهو ويٺا هئا سب انسپيڪٽر ڪجهه فرياد لکي رهيو هو.

ٻيءَ روم جي ٻاهران انسپيڪٽر شهاڻيءَ جو بورڊ لڳو پيو هو. بلو اندر گهڙيو ته انسپيڪٽر شهاڻي اُٿي بيهي چيو "ويل ڪم مسٽر بلو، ويل ڪم" ۽ هٿ اَڳيان وڌايائين، بلو به هٿ شيڪ ڪري ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. ته ايتري ۾ فون جي گهنٽي لڳي. "شهاڻي فون جو چوغو کڻي بلوءَ کي چيو ايسڪيوز مي."

"هلو انسپيڪٽر شهاڻي هيئر."

بلوءَ چوڌاري نظر ڦيرائي ته صاف سٿرو ڪمرو هو،

”ته ڊاڪٽر چوي ٿو ”لو مور“ ته وري مسز واڌورام جا سڏڪا شروع ٿي ويا. ٻلو مان سڀ ٿو چوان مون هيترا مرڊر ڪيس ڏٺا آهن، انهن جي جاچ جوچ ڪئي اٿم، پر مسز واڌورام جي اوچنگارن هٿي مون جهڙي مانجهي مڙس کي به بيحال ڪري ڇڏيو. پوءِ وري پنهنجي همت گڏ ڪري چيم، ”مسز واڌورام توهين مهرباني ڪري جي. جي. اسپتال ۾ ايندا! جو اسين هينئر لاش اتي ٿا ڪٽائي وڃون، توهين اچي تصديق ڪريو ته لاش برابر واڌورام جو آهي يا نه؟“

ٻلو ڏاڍي ڌيان سان سڀ ٻڌي رهيو هو ۽ نوٽس وٺي رهيو هو.

ٻلو ”شهاڻي! فوٽين جي بدن تي ڪو نيشان آهي ڇا؟“

شهاڻي ”نه بدن تي ڪوبه مارڪٽ جو نيشان ڪونهي. پوسٽ مارٽم جي رپورٽ موجب پٺيان پٺيءَ تي خوفناڪ زهر جي انجيڪشن هڻي وئي آهي جو اهو تڪر سچيل ۽ ڪارو ٿيو پيو آهي.“

ٻلو ”ان جي معنيٰ ته هيءَ خبيث ڪم ڪنهن جي دشمنيءَ جو نتيجو آهي. ڇاڪاڻ ته هن جي جوئلري ۽ پرس سڀ سلامت آهن.“

شهاڻي ”منهنجو به اهوئي خيال آهي.“

ٻلو ”شهاڻي جيڪي شيون فوٽين وٽان حاصل ٿيون آهن سي مان ڏسي سگهان ٿو.“

پيار ڪري رهيا هجن. مون ٻنهي جي ٻانهن کي هٿ لڳايو ته سڪا نوٽ ٿي پيئون هيون. پوءِ امبيولنس ڪار لاءِ فون ڪرايم ۽ ڊاڪٽر رستم کي گهرايم، جنهن چيو ته هي ٻئي مري چڪا آهن. مرد لاش جي تلاشيءَ مان پرس نڪتو، جنهن ۾ وزٽنگ ڪارڊ ۽ هزار روپيا سؤ سؤ جا نوٽ هئا. تڏهين خبر پيئي ته هي خون واڌورام وڪيل جو ٿيو آهي، پر استري ڪير آهي؟ جو وٽس نڪو پرس هو ۽ نڪو ڪجهه، جنهن مان اسانکي خبر پوي! خير اسان وزٽنگ ڪارڊ تي جيڪو فون لکيل هو اُن تي فون ڪيو ويو، ته ڪنهن زال جو آواز آيو. پڇا ڪرڻ تي خبر پيئي ته هوءَ واڌورام جي زال جمنا هئي. مون کيس حقيقت کان واقف ڪيو، ته هوءَ اُو چنگارون ڏيئي روئڻ لڳي. مون کيس ڏاڍي همدردانِي نموني آٿت ڏنو ۽ کيس چيم ته ڀيڻ ٿورو همت کان ڪم وٺو. منهنجي ڳالهه ڌيان سان ٻڌو. مسٽر واڌورام جي کيسي مان هزار روپيا نڪتا آهن ۽ اُن سان گڏ هڪ حسينا به آهي. جنهن جي سرير تي ٢٠، ٢٥ هزارن جا مٽيا پيا آهن، توهين ٻڌائي سگهندا ته اُها حسينا ڪير آهي؟“

پر مسز واڌورام اُنجو ڪوبه جواب ڪونه ڏنو. هڪدم سوال پڇيائين ”ته ڊاڪٽر ڇا ٿو چوي؟ توهان ضرور ڊاڪٽر گهرايو هوندو ؟“ تنهن تي مون ٻڌايومانس

لڳو. ١٠ منٽ اڳيان ٻنهيان چڱيءَ طرح جاچيائين، ٻر ڪجهه به نظر ڪونه آيس. ٻر ٻلو ائين ڏل لاهڻ وارو ڪونه هو. اٿيو ۽ ٻلوءَ جي نظر سيٽ جي هيٺان ڪنهن اڇي شئه تي ٻيٺي. ٻلو ڪار جي ڪارپيٽ تي ڪوڏا ڪوڙي، هٿ ٻ ڪهو ڪري، اها شئه ڪڍي. ٻلوءَ ڏٺو ته اهو هڪ مردانو رومال هو، جنهن جي ڪنڊ تي آءِ اکر ٻرت سان ڀريل هو. جو هن ڪڍي، مسٽر شهاڻي کي ڏنو. ٻلو سيٽ ٿي ڪري جاچڻ لڳو ۽ سيٽ جي اندر هٿ وجهي ٽٽولڻ لڳو ته هڪ واچ سندس هٿ ۾ آئي. ٻلوءَ جو منهن ٽڙي پيو، دل ۾ چيائين ته خوني ڪيترو به هجي، چالاڪ هجي ڪا نه ڪا نيشاني ڇڏي ٿو وڃي. ٻلو ڪار جو دروازو بند ڪري، اهي ٻئي شيون انسپيڪٽر شهاڻيءَ کي ڏيکاري چيو ته، ”شهاڻي هيءَ واچ خونيءَ جي ٿي ڏسجي پر هيءَ واچ رڳو واچ ڪونهي پر هن ۾ ٽرنسميٽر به آهي، جنهن ذريعي هيءُ هڪ ٻئي کي ڪوڊ لفظن ۾ سنيها پهچائيندا آهن. ٻلوءَ کيسي مان ڪئميرا ڪڍي واچ ۽ رومال جا فوٽا ورتا ۽ شهاڻي انسپيڪٽر کي واچ به سپرد ڪئي ۽ شهاڻيءَ کي چيائين ته ”مسٽر شهاڻي هڪ تڪليف وٺجو ڪار جي ٽائرن ۾ هوا ڀرائي، واٽ ورام وڪيل جي گهر ڪار موڪلي ڏجو.“ پوءِ ٻيئي ڄڻا ڪار ۾ ويٺا رستي تي ٻلوءَ شهاڻيءَ کان پڇيو ”مسٽر شهاڻي توهان

وارا شهاڻي ”شو نمبر.“ پوءِ شهاڻي گهنٽي وڄائي ته هڪ
پوليس واري اچي سلام ڪيو. شهاڻيءَ اُن کي واڻيورام
وڪيل جا اصل ڪيل پرس، پوءِ تنهن وارو بلسٽو ۽ نوڙي آڻڻ
جهڙو آڙبوڙ نه هو. سپاهي هڪ سيڪشن ۾ سڀ شيون
ڪڍي آيو. مسٽر بلو پرس کي چڱيءَ طرح جاچيو. ڪيس
بابت پيو ته ساز سعيدها ۾ واڻيورام آفيسر ڪري وڌا مهل جي
هيءَ اُٿي پرس کيسي مان ڪڍيو هو. بلسٽو ۽ نوڙيءَ
مان ڪا خاص ڳالهه خبر چار ڪانه ملينس.

”بلو اهو ڪم ختم ڪري پڇيو، “مسٽر شهاڻي هاڻي
مهرباني ڪري مونکي واردات واري جڳهه هلي
ڏيکاريو.“

”ضرور!“ شهاڻي ميز تي رکيل گهنٽي وڄائي ته ساڳيو پوليس
وارو اچي سلام ورايو. شهاڻيءَ پوليس واري کي
چيو ته ”جيپ جو ڊرائيور ڪٿي آهي؟“

پوليس واري چيو ”سائين اهو ٻاهر ويٺو آهي.“

بلو يڪدم چيو ته ”جيپ ڪڍڻ جي ضرورت ڪونهي.
منهنجي ئي ڪار ۾ ٿا هليا هلون.“

بلو ۽ شهاڻي اچي ڪار ۾ اڳيان ويٺا ۽ پوليس وارو
پٺيان سيٽ تي. شهاڻي بلوءَ کي رستو ٻڌائيندو هليو.
ڪار اچي ”ما منزل“ ۾ پهچي ئي پهتي. بلو يڪدم ڪار
مان لهي کيسي مان ڪئميرا ڪڍي، ڪار جا اڳيان ۽
پٺيان فوٽا ورتا پوءِ ڪار جو دروازو کولي، ڪار اندر جاچڻ

”ٻلو ”اڇا، ڪبي گئي هوئي هئه اور ڪتني دن کي ٻاد آني والي هئه؟“

لفٽ مئن ”صاحب! اُن کو تو ٥ دن گئي هوئي هوگئا هئه. ڪبي آئينگا هم کو معالوم نهين هئه.“

ٻلو ”اڇا گهر ۾ اُنِي ڪونه هئه؟“

لفٽ مئن ”نوڪر اور نوڪرياڻي.“

ايتري ۾ ٩ ماڙي تي لفٽ اَچي بيٺي. ٻلو لفٽ مئن کي ٥ روپيا بخشيش ڏني. چالاڪ ته ٻلوءَ کي خبر هئي ته هين تي ماڻهن جي ذريعي هن گهر جو واءِ سواءِ لهي سگهندس، لفٽ مئن سلام ڪري لفٽ جو دروازو کوليو.

ٻلو دروازي جو ڪال بيل وڄايو، ته نوڪر اچي دروازو کوليو.

ٻلو ”صاحب گهر ۾ هئه؟“

”نوڪر، نهين صاحب! صاحب تو ٻاهر گئي هوئي هئه.“

ٻلو ”ڪبي گئي هوئي هئه اور ڪبي آني والا هئه؟“

نوڪر ”صاحب تو پانچ دن پهلي گئي هوئي هئه، اور آج شام کو آني والي هئه.“

ٻلو ”اڇا! ميم صاحب هئه. اُن کو ٻلائو.“

نوڪر ”صاحب! ميم صاحب نهين هئه ٻاهر گئي هئي هئه.“

جو هنن خونين جي باري ۾ ڪهڙو رايو آهي، دشمني يا..."

شهاڻي "منهنجي خيال موجب نه هيءَ دشمنيءَ جي ڪري ٿيو آهي. ٿي سگهي ٿو ته حسينا جي مڙس کي پنهنجي زال ۾ شڪ پيو هجي ۽ هن ٿي ٻنهي جو خون ڪرايو هجي، نه رهندي بانس، نه وڄندي بنسري."

ٻلو "مان به ائين ئي ٿو سمجهان ۽ هن روءمال تي آءِ اکر ڏسي منجهي پيو آهيان. نه سندس مڙس آهي يا بيو ڪو؟"

ايتري ۾ پوليس چوڪي اچي وئي. شهاڻي حولدار ٿي ڪار مان لٿا، ۽ ٻلوءَ سان هٿ ملائي شيڪ ڪري شهاڻيءَ موڪلايو.

ٻلو ڪار اسٽارٽ ڪري سڌو ڪف پريڊ تي محمد سليم جي گهر جالي ميڪر وٽ اچي پهتو. ڪار هڪ هنڌ پارڪ ڪري اپارٽمينٽ جي اندر پوري تي نالا پڙهڻ لڳو. ٩ فلور تي مسز شبنم محمد سليم جي نالي فليٽ هئي. هيءُ لفٽ ۾ چڙهيو. لفٽ مئن کي چيائين، "نائينٿ فلور، پائي محمد سليم ڪا ڪونسا گهر هي؟"

"صاحب ليفٽ سائيڊ."

ٻلو "صاحب گهر پي هي."

لفٽ مئن "نهين صاحب! وه تو ٻاهر گئي هوئي هي."

ٻلو اُٿي ڪرڙو ٿيو ته نوڪر سلام ماري چيو ته ”صاحب آپ اپنا نــام تو بتائي. صاحب يـا ميم صاحب آئي تو ڪيا بولون“.

ٻلو ڪيسي مان پنهنجو وزٽنگ ڪارڊ ڪڍي نوڪر کي ڏنو ۽ اڪڙو ٽڪڙو فليٽ مان ٻاهر نڪري آيو. ڪار اسٽارٽ ڪري جنهن پريزيڊنٽ هوٽل وٽ آيو، ته ڏٺائين جيپ ۾ انسپيڪٽر شهاڻي ٻن ٽن حوالدارن سان گڏ جالي ميڪر بلڊنگ ڏانهن وڃي رهيو آهي.

ٻلو سڌو پنهنجي گهر آيو. منجهند جي مانيءَ جو اڃي ٽائيم ٿيو هو؟ ڏاڍو ٿڪجي ٻـــ پيو هـــو. لئچ ڪنجيءَ سان دروازو کولي اندر گهڙيو، ته ڏٺائين گيتا اسٽڊي روم ۾ ڪجهه لکي رهي آهي. ٻلو پٺيان وڃي پاڪر پاتس ته گيتا کان ڇرڪ نڪري ويو.

گيتا ”مونکي تـه ڏڪائــي ڇڏيو، ڇڏيو هيءَ ڇا ٿا ڪريو نوڪر چاڪر پيا ڦرن، ڪو ڏسي وٺي ته.“

ٻلو اڃان به زور سان پاڪر ۾ پري چيو ”ڏاڍي ٿوري آهين، منهنجي حق ٻڌي زال آهين.“

گيتا هڪدم پاڻ ڇڏائي چيو ”ته ها، توهانجي زال آهيان پر هروڀرو دنيا جي سامهون پيار جتائڻ جو هيءَ کهڙو نمونو آهي.“ پوءِ شرارتي نموني مشڪي گيتا شياما کي سڏ ڪيو. ”شياما صاحب کي ليئي موسمي ڪا جوس لائو.“

بلوَ سوَ جو نوٽ پرس مان ڪڍي نوڪر کي ڏنو جو هن وٺي وڏو سلام ڪيو ۽ چيو "صاحب اندر آئيئي ڪيا پيئينگي آپ، ٺنڊا يا گرم؟"

بلو اندر وڃي ڪوچ تي ويٺو ۽ ڊرائينگ روم ۾ سرسري نظر ڦيرايائين، پوءِ نوڪر ڏانهن مخاطب ٿي چيائين "آپ ڪا ڪيا نام هي؟"

نوڪر "جاويد. صاحب."

بلو "جاويد آپ ڪو معلوم هي تو ميم صاحب ڪهان گئي هي."

"نوڪر نهين صاحب! ڪالهه صبح ڪو وڪيل صاحب ڪي سات باهر گئي هي. ابي تڪ واپس نهين آئي هي."

بلو "اڇا جاويد، تو تمڪو ڪئسي معالوم هئا ڪو آج صاحب ٻئي سي واپس آني والي هي."

نوڪر "صاحب! بات آئسي هي ڪ رات ڪو ١٢ بجي صاحب ڪا ٽرنڪ ڪال آيا ٿا. مئني صاحب ڪو بتايا تو ميم صاحب صبوح ڪو وڪيل صاحب ڪي سات گئي هي اور ابي تڪ واپس نهين آئي هي.

تو صاحب ني بولا جئسي هي آئي مجهي فون ڪري. اور مين ڪل شام ڪو بامبي ۾ پهچ جائونگا ميم صاحب ڪو بولنا."

"ليڪن صاحب، ميم صاحب ابي تڪ واپس نهين آئي هي."

مونکي اڳيئي ئي ٻرون پيا ته اها رن هٽي رولي ڪندس."
ائين چئي او چنگارون ڏيئي روئڻ لڳي. مون ڪيس
ٻاٽي پيٽاريو. مون پاڻيءَ کي چيو "ته توهان جهليس
ڪونه؟"

جمنا چيو ته "مون نه ڏٺو جهليو مانس ٻـر هنن
بدمعاشن ڏهه هزار مهنو ڏيڻ جي آفر ڪئي هيس.
سو هيءَ به چانديءَ جي چمڪي ءِ ڊوڙيءَ لي عاشق
ٿي پيو هو. گهر جو نه ڪوبه خيال ڪونه هوس. جڻ
هوا ۾ ٿئي اڏاميو. ڪهڙيءَ گهڙيءَ هيءَ ڪيس ڪنيائين
جو پنهنجي جان وڃايائين، مونکي ئي واهه ڪري ويو.
منهنجو سک چئن سب ڪٽي ويو، رات جي ننڊ ڪٽي
ويو. گيتا مان جيئڻ اٿي چاهيان." ائين چئي ٻوڙي
بالڪنيءَ مان وڃي ٿي ٽپو ڏنائين ته مون وڃي ڪيس
جهليو، پوءِ مون ڊاڪٽر موٽواڻيءَ کي فون ڪري
گهرايو، جنهن ننڊ جي انجيڪشن هنيس، جڏهين پاڻيءَ
کي ننڊ اچي ويئي ته ٻارن کي پارت ڪري مان گهر
آئي آهيان."

ايتري ۾ شياما ٻه گلاس موسمي جوس جا ۽
بسڪوٽن جي پليٽ کڻي آئي. ٻلوءَ ۽ گيتا بسڪوٽ
کائي جوس پيتي.

ٻلو ٻئريسٽر پوءِ پنهنجي ڊائري کڻي ڪجهه لکڻ
وينو ۽ نوٽس وٺڻ وينو ۽ پوءِ سپاٽي جي ڪيس بابت

ٻلو چيو ”شياما دو گلاس جوس ڪا لانا.“

شياما ”جي صاحب.“

گيتا ”هاڻي ڏيو خبر چار؟“

ٻلو مڙ آئلنڊ، شهاڻي ۽ محمد سليم جي گهر ٿائين، جيڪي ڪي وهيو واپريو هو ڪيس سڀ ٻڌايائين ۽ ٻوءِ ڪجهه ياد اچڻ تي ڪيسي ۾ هٿ وجهي رومال ۽ واچ جا فوٽا ڏيکاريائين. رومال جي ڪنڊ تي آءِ اکر پرپل ڏيکاريائين. ٻلوءَ خوشيءَ مان رڙ ڪري چيو ”گيتا ڏس خوني ڪيترو نه ڪٽي چالاڪ هجي پر ٻي خياليءَ ۾ پنهنجو موت جو وارنٽ اشوڪرائي ٿو ڇڏي. آءِ... محمد سليم نه ٿو ٿي سگهي. آءِ معنيٰ نه...اسمائيل يا ٻيو ڪو نالو.

بس هاڻي مونکي خونيءَ کي ڳولهڻ جو سراغ هٿ لڳي ويو.

گيتا به ٻڌايس ته جمنا پاڻي اصل روئي روئي ساڻي ٿي پيئي آهي. چوي پيئي ته سکن ڏيڻ جا ڏينهن آيا ته ڇڏي ويو. ٻيو چيائين ته مون نه ڪيس ڏاڍو جهليو ته انهن سمگلرن جا ڪيس نه ڪر، پر انهن مٿن پئسي جي لالچ ڏيئي قاسائي ڇڏيس، ڪارو مونهن ٿي شبنم جو، جو جنهن ڪيس وڪيل ڪيائين، انهن سندس پنيان پئجي ويئي هئي. روز محمد سليم وٽ ماني کائڻ ويندو هو. ۽ اڌ اڌ رات جو واپس ايندو هو.

جو دروازو آهستي کڙڪايو بلو بئريسٽر نائيٽ ڊريس
جي مٿان گائون پائي ٻاهر نڪري آيو ۽ شياما کان
پڇيائين "ڪيا هئه شياما؟"

شياما "صاحب آپ ڪي لئي فون هئه، ڪوئي
عورت هئه. بولتي هئه ضروري ڪام هئه."

بلو بئريسٽر اچي فون جو چوغو کنيو. آواز روئاڻڪو
زنانو هو. "آپ بلو بئريسٽر هئه، معاف ڪرنا آپ ڪو
نيند سي جگايا هئه."

بلو "ڪا، ڳالهه ڪونهي، توهان ڪير آهيو؟
ڪهڙي ڳالهه آهي؟"

آواز "مان فاطما آهيان محمد سليم جي پهرين زال.
توهان اخبارن ۾ صبوح جو پڙهيو هوندو ته منهنجي پيرڻ
جهڙي ڀاڄ شبنم واڌورام وڪيل سان گڏ خون ڪئي
وئي آهي. منهنجو مڙس محمد سليم ۽ مان ٻئي پنج
ڏينهن کان ويل هئاسين. ڪلهه شام جو ٥ بجي هت
پهتاسين. پوليس جو اڳالو اڳ ئي بيٺو هو. ٻاهر لڪتاسين
ته يڪدم محمد سليم کي هٿڪڙيون هڻي گرفتار ڪيو
ويو. چي تو پنهنجي زال شبنم جو خون ڪيو آهي.
بلو بئريسٽر صاحب مان خدا جو قسم کڻي ٿي چوان ته
منهنجي مڙس سليم جو ان ۾ بلڪل هٿ ڪونهي.
شبنم جي خون جو ٻڌي هو اڌ بيهوش ٿي ويو. هو
شبنم کي پنهنجي جان کان وڌيڪ چاهيندو هو. پوليس

۽ ڪجهه جرنل پڙهي نوٽس وٺڻ ويٺو.

(۱۰)

"ٽن ٽن ٽن..." فون جي گهنٽي وڄڻ لڳي. شياما فون جو آواز ٻڌندي چيو، "ماڻهو آهن يا ڪ مرڪو، رات جو ۱۲ لڳا آهن تڏهن به صاحب کي آرام ڪرڻ ڪونه ٿا ڏين. فون جو چوغو کڻي ڪڙڪ آواز ۾ پڇيائين "ڪونه هئه."

آواز هڪ زال جو هو تمام نرميءَ سان پڇيائين، "بلو بئريسٽر صاحب هئه."

شياما "ڪونه سا ڪام هئه؟"

آواز "مهرباني ڪري اُس کو بلائو ضروري ڪام هئه."

شياما اندر ۾ ته ڏاڍو ٻوسري پر بلو بئريسٽر جو ڪيس چوڻ هو تہ رات جو ڪيڏي مهل به ڪنهن دکايل عورت جو فون هجي، يا ضروري فون هجي ته مونکي پل اٿارج.

شياما وري به پڇيو "ميم صاحب! صاحب سويا پڙا هئه، اگر ڪل صبوح کو فون ڪري تو ٺيڪ رهينگا."

آواز "مهرباني ڪرڪي اُس کو جگانا، ضروري ڪام هئه."

شياما لاءِ ٻيو ڪو چارو ڪونه رهيو. ان چيو "اچا ٺهرو بلاتي هون." انهن چئي هن بلو بئريسٽر جي بيڊروم

ڏسيندي پس. ها باقي هڪ ڳالهه مهرباني ڪري ٻڌائيندا ته ڪيس ڪيتري فيءَ ڏني هئان. پئسي جو ڪو به خيال نه ڪريو خدا سڀ ڪي ڏنو آهي. محمد سليم جو سر سلامت رهي. ائين وري سڏڪن جو آواز آيو.

بلو بئريسٽر "ڀيڻ! فيءَ وغيره جو توهان خيال نه ڪريو. توهان گيتا کي ڳڌ جو فيءَ جو پوءِ ويچار ڪجو."

آواز "مهرباني بئريسٽر صاحب! معاف ڪجو جو توهان کي ننڊ مان اٿاريم. پر ڇا ڪريان ڪمزور عورت جو آهيان. هاڻ توهان جي آٿت ڪري ڏاڍي دلجاءِ ٿي. خدا حافظ."

بلو بئريسٽر "خدا حافظ."

بلو بئريسٽر سڌو پنهنجي بيڊ روم ۾ آيو. گيتا آواز تي جاڳي رهي هئي. هن پڇيو "ڊيئر! ڪنهن جو فون هو؟"

بلو بئريسٽر چيس "محمد سليم جي پهرين زال فاطما جو هو." پوءِ کيس سڄي ڳالهه جيڪا هن فون تي ٿي هئي ڪري ٻڌائي. هوءَ چوائين "ماءِ ڊيئر گيتا! مان صبوح جو دهليءَ وڃي رهيو آهيان. سڀاڻي صبوح جو فاطما ايندي وڪالت نامون وجهج. تون قابل وڪيل آهين. جئين سمجهين ڪيس کي مونهن ڏج. فاطما سان ايسپليننڊ ڪورٽ ۾ وڃج. مان ڀانيان ٿو ته هن ڪيس جو رمانڊ مسٽر سپي مئجسٽريٽ وٽ گهڻو ڪري

ڪي مون گهٽوتيي ٻڌايون ته هي بي قصور آهن. ٻيو پوليس هڪ ٻه نه ٻڌي ۽ ڪيس پوليس گاڏي ۾ وٺي ويئي ۽ چيائون ته سڀاڻي ١١ بجي ايسپلينڊ ڪورٽ ۾ پيش ڪبو. محمد سليم مونکي توهان لاءِ چيو ته ڪيس وٺي ڪج ۽ مونکي ڇڏائي. مان بي قصور آهيان."

فاطما ايهو يڪساهي چوندي ويئي ۽ پوءِ فون تي روئڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. بلو ٽويسٽر کيس آٿت ڏيندي چيو، "پيڻ فاطما! جي توهنجو مڙس بيقصور آهي ته ڪوبه ڪيس سزا ڏيئي نه ٿو سگهي. خدا ان کي بچائيندو. تون هئين ڪج جو سڀاڻي صبوح جو منهنجي آفيس ۾ وڃج. اتي منهنجي زال گيتا جا هوشيار وڪيل آهي، ان کي سڀ ڳالهه سمجهائج. هوءَ قابل وڪيل آهي. هو محمد سليم جي پاران وڪالت نامون داخل ڪندي. مان هن کي ضروري هدايتون ڏيئي ڇڏيندس. مان سڀاڻي دهليءِ ۾ وڃي رهيو آهيان. جو ضروري سپريم ڪورٽ ۾ ڪيس هلائڻو آهي."

آواز "بلو ٽويسٽر صاحب! توهان جيڪا اسان سان همدردي ڏيکاري آهي ۽ آٿت ڏنو آهي تنهن لاءِ مان توهانجي شڪرگذار آهيان. خدا توهان جوڙي کي سلامت رکي. مان توهانجي آفيس ۾ صبوح جو ١٠ بجي پهچي گيتا ديويءَ سان گڏجي ۽ ڪيس سڄيون حقيقتون

گيتا ”ماءِ ڊيئر! پنهنجي ڪاڏي پيٽي جي سنڀال ڪجو. متان گهڻي ڪم ڪري ڪجهه ڪائو نه. وش ٻو گب لڳ.“

ڊرائيور اچي در کڙڪايو ۽ ٻلوءَ ٻئريسٽر کان اٽئچي وٺي اچي ڪار ۾ رکي. گيتا ٻلو ٻئريسٽر کي دروازي تائين ڇڏيو ۽ ٽاٽا ڪئي. ٻلوءَ ڊرائيور کي چيو، ”انيو پورٽ چلو.“

گيتا ديوي پوءِ اسٽڊي روم ۾ ويٺي ۽ ڪجهه قانوني ڪتاب پڙهي نوٽس ورتائين. اڃا هن پنهنجي واچ ۾ ڏٺو ته ۹ اچي ٿيا آهن. هن يڪدم مٿ آئلنڊ پوليس چوڪيءَ جو فون گهمائي چيو، ”اِز دس مٿ آئلنڊ پوليس اسٽيشن هيءَ مٿ آئلنڊ پوليس اسٽيشن آهي.“

”يس مئڊم“

”آءِ وانٽ انسپيڪٽر شهاڻي.“

انسپيڪٽر شهاڻي پنهنجو نالو فون تي ٻڌي ۽ گيتا جو آواز ٻڌي سڃاڻي ويو. هن سڃاڻي ورتو. هن رسيور ميز تي رکي آهستي سب انسپيڪٽر شنڪر وٽ ويو ۽ کيس چيائين، ”گيتا ديويءَ“ جو فون آيو آهي.

سب انسپيڪٽر شنڪر گهٻرائجي چيو، ”نه ڇا واڌورام وڪيل جي ڪيس ۾ ٻلو ٻئريسٽر جوابدار پاران وڪيل ٿيو آهي ڇا؟“

ايندو. مان سمجهان ٿو ته هن ڪيس جي جاچ مسٽر شهاڻي انسپيڪٽر ٿي ڪري رهيو آهي. توڻ ڪيس صبوح جو اڳ ٿي فون ڪيو ۽ ڪائونس محمد سليم سان سياڻي ٿي ملاقات ڪرڻ جو وقت وٺج. مونکي پڪ آهي ته توڻ ٻين ڪيسن وانگر هن ۾ به چڱو نالو ڪڍي ڏيندين."

گيتا "ماءِ ڊيئر! توهانجي جا شاگرد ٿا آهيان. ايا ته توهان ڪان گهٽو سڪٽو ائم."

ٻلو ڪيس ڀاڪر پائي مٿي ڏيئي چيو "سوئيٽي! تنهنجي هن ادا ته مونکي ماريو آهي. تنهن ڪري ٿي ته توکي پنهنجي ارڌانگني بڻايم."

گيتا "ڊيئر هاڻي گهڻو مسڪو نه ماريو. گهڻو ٿيو ڏينهن لڳو آهي صبوح جو ٦ بجي توهان کي ائير پورٽ وڃڻو آهي. ننڊ ڪريو."

ٻئي هڪ ٻئي جي ڀاڪر ۾ سمهي پيا.

(١١)

صبوح جو ٥ بجي گيتا ۽ ٻلو ڀرڀسٽر اٿيا. ٻلو ڀرڀسٽر باٿ روم ۾ ويو ۽ سنان ڪري تيار ٿي نڪتو. ان وچ ۾ شياما نيرن به ٽيبل تي آڻي رکي. ٻنهي نيرن ڪئي. لنڊڙي ائنجي هٿ ۾ ڪٽي. گيتا ڪسي ڀاڪر پائي مٿي ڏيئي چيو، "سوئيٽي! چڱو مان هلان ٿو. اول خير سياڻي صبوح جواڇي ويڪنڊس وش يو گڊ لڪ."

ڏاڍي پيڙ ٿيندي. انڪري مون آزاد پوليس اسٽيشن کي اطلاح ڏنو آهي ته پوليس جو زبردست بندوبست ڪري. ها بي ڳالهه ته تون پوري تياري رکج متان بلو پٽيسٽو کان هميشه وانگر هي به ڪيس هارايون، ۽ پوليس جو نالو بد ٿئي. خيال رکج."

انسپيڪٽر شهاڻي "صاحب! هينئر گيتا ديويءَ جو فون آيو هو. هن مون سان ڳالهائڻ ٿي چاهيو، مون سب انسپيڪٽر شنڪر کي ڏنو ۽ سائين ڪونه ڳالهايم ان مان سمجهان ٿو ته پڪ ئي بلو پٽيسٽو جوابدار پاران ڪيس لڙندو."

پوليس ڪمشنر "تون مسٽر ڊسوزا کي به فون ڪج مان به ڪرپانيس ٿو. جئين هو بلو پٽيسٽو کي مونهن ڏئي ۽ پوليس جو نڪ نه ڪٽجي. ڇو ته اخبارن جا عيوضي اڳيون پاسي ويٺا آهن ته ڪٿي پوليس جي ڪا گهٽتائي ٿئي ته وڏن هيڊنگس سان پنهنجي اخبارن ۾ خبرون ڇپين.

انسپيڪٽر شهاڻي چيو، "مان سمجهان ٿو ته گيتا ڪماري ضامن جي درخواست ڪندي. جيڪڏهن جوابدار ضامن تي ڇٽي ويو ته سمجهو ته ڪيس جو ترو ئي نڪري ويندو."

ڪلڪرني "شهاڻي! ڇا پيو بڪين. ڇا صبوح ساڻ پيتو اٿئي ڇا؟ خون جي ڪيس ۾ جوابدار ضامن تي ڇٽي ويندو؟ ڇا مئجسٽريٽ ڪسي پنهنجي ڪرسي

شهاڻي ”ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي. هاڻي هن ٻنهي کي هيٺئين ڏاري ۾ ڇڏيس ته انسپيڪٽر شهاڻي ڪيس جي جاچ ۾ ٻاهر ويل آهي. وڌيڪ ڇڏجانديس ته جوابدار کي ڪورٽ ۾ ١١ بجي پيش ڪبو.“

شنڪر ”يس سر. مان ڇوائيندس ٿو.“

شنڪر ٻئي روم ۾ اچي ٽيليفون جو چونگو کڻي چيو، ”تمي ڪون آهي؟“ توهان ڪير آهيو.

”مي گيتا ٻلوبٽريسٽر اٿبو وڪيٽ آهي. مِلا انسپيڪٽر شهاڻي پاهيجي! (مان گيتا ٻلوبٽريسٽر وڪيل آهيان.) مونکي انسپيڪٽر شهاڻي گهرجي.“

شنڪر ”مي سب انسپيڪٽر شنڪر آهي. انسپيڪٽر شهاڻي صاحب آفيس مڌي ناهي. وهه واڌورام وڪيل ڪيس چا تپاسا ساٺي ٻاهر گيلي آهي (انسپيڪٽر شهاڻي ڪونهي. واڌورام وڪيل جي جاچ لاءِ ٻاهر ويل آهي.) ائين چئي هن فون جو چونگو کڻي رکيو. ۽ ٺهڪ ڏيئي انسپيڪٽر شهاڻيءَ کي چيائين، ”هيٺئين ته هن جهامان جان ڇڏي ڀر اچڻي هلي آسين ڦاٿاسين.“

ايتري ۾ فون آيو. ”انسپيڪٽر شهاڻي! مان پوليس ڪمشنر ڪلڪرني آهيان. اڄ اخبار ۾ محمد سليم جي گرفتاريءَ جو پڙهيم. ان ۾ ائين به لکيل آهي ته جوابدار پاران شايد ٻلوبٽريسٽر ڪيس لڙي. انکري ماڻهن جي

حال احوال وٺڻ جي فرصت آهي. پاڻ پاڻ سان ٻه ٦ يا ١٢ مهني ۾ گڏبا، پر اهڙين ڳالهين لاءِ ڪن گهڙي دلچسپي آهي. پوليس چڱو بندوبست رکيو هو.

ايتري ۾ هڪ اڇي قيمتي ڪار ايسپلينيڊ ڪورٽ ڏانهن، ماڻهن کي ڊرائيور هارن سان پري ڪندو، اڳتي وڌيو. ماڻهن ڪار کي سڃاڻي ورتو ته اها ٻلو ٻئريسٽر جي هئي. ان ۾ هنن گيتا ديويءَ کي ويٺل ڏٺو ۽ ان سان گڏ هڪ ٻرقعي واري زال ويٺل هئي. ڪار ماڻهن جي پيڙ کي چيريندي اچي ايسپلينيڊ ڪورٽ جي پورچ وٽ بيٺي، جتي ٻن ٽن حوالدارن پيڙ کي پري ڪري گيتا ديوي ۽ ٻرقعي واري زال کي لهڻ ڏنو. اڳيان ڪلارڪ ويٺو هو جو ڪيس جي فائيل جي بنگهه کڻي لٿو.

ماڻهن گيتا ديويءَ کي ڏسي زور سان چيو، "گيتا ديوي ڪي جئه" "ٻلو ٻئريسٽر ڪي جئه."

گيتا ديوي اڳتي وڌي ته هن انسپيڪٽر شهاڻيءَ کي ڏٺو. هن شهاڻيءَ کي هٿ جوڙي نمسڪار ڪري چيو، "انسپيڪٽر شهاڻي توهان پوليس جو جوڳو بندوبست ڪيو آهي. جنهن لاءِ توهان کي واڌايون هجن."

انسپيڪٽر شهاڻي به هٿ جوڙي نمسڪار جو جواب ڏيندي چيو، "توهانجي مهرباني آهي بندي ۾ ڪهڙي طاقت آهي."

وڃائڻي آهي ڇا؟ جوابدار لاءِ ضامن تي ڇٽڻ مشڪل ڇا محال آهي.“ انهن ڇٽي ڪلڪرنيءَ فون رکي ڇڏيو.

اِنهي ڪتي جو روئڻ جو آواز آيو. اِنسپيڪٽر شهاڻي سب اِنسپيڪٽر شنڪر کي چيو ”اها آهي بد بختيءَ جي نيشاني. ڪلڪرني صاحب نه چوي ته به جوابدار ضامن تي ڪونه ڇٽي سگهندو. ٻر هن نياڻي ڪتي جي روئڻ مان سمجهان ٿو ته هو ضامن تان نه ڇا ٻر ڪيس مان ئي ڇٽي ويندو...“

(١٢)

اَڄ سڀني اخبارن ۾ وڏن سرن سان ٻيو هو ته ”واڌورام وڪيل ۽ سندس محبوبا شبنم جو مڙس خون جي ڏوهه ۾ گرفتار. جوابدار ٻارن ٻلو ٻيسٽر ڪيس لڙندو.“ اهو پڙهي هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو اچي ايسپلئينيڊ ڪورٽ جي حاطي ۾ ڪٺا ٿيا. پوليس جو انتظام شاندار نموني ۾ بندوبست رکيو هو. ڪورٽ ۾ اندر رڳو وڪيلن کي يا جن جا ڪيس هئا، يا جن کي پاسيون هيون، اندر وڃڻ ٿي ڏنو ويو. هزارين ماڻهو ڪورٽ جي حاطي ۾ مهانگر پاليڪا روڊ تي اچي بيٺا. جيتوڻيڪ ڪين خبر هئي ته هو نه جوابدار کي ڏسي سگهندا، ۽ نه ئي ڪيس جي ڪاروائي ٻڌي سگهندا. بمبئيءَ جي جنتا به عجيب آهي. جو ڪين پنهنجي مائٽ سان ڳالهه ڄڻ لاءِ وقت ڪونهي ۽ نڪو ان ڪان

۾ ٻه سهڻيون ڇوڪريون مينا ۽ لليتا به ويٺيون هيون. ٻئي وڪالت پڙهنديون هيون. ٻلو ٻئرسٽر ۽ گيتا ديويءَ جو ڪو به ڪيس ڪورٽ ۾ هلندو هو ته، هي ضرور اچي ڏسنديون ۽ ٻڌنديون هيون.

ڪورٽ ۾ انتظاري ۽ بيقراري جي فضا پري پيئي هئي. سامهون گهڙيال جي ٽِڪ ٽِڪ صاف ٻــڌڻ ۾ پئي آئي. گهڙيال جو ڪانٽو آهستي آهستي پنهنجي رفتار سان ١١ جي انگن ڏانهن وڌي رهيو هــو. ١١ ۾ اڃا ڏهه منٽ هئا تــه ايتري ۾ انسپيڪٽر شهاڻــي ڪورٽ ۾ پروپش ڪيو. ساڻس ٻــه حوالدار هئا. وچ ۾ محمد سليم هــو. هو جوان هــو. ڪيــس سامهون ڪٺهڙي وٽ بينچ تي وڃي ويهاريو ويو ۽ پاسي ۾ پوليس وارا بيٺا.

ايتري ۾ سرڪاري وڪيل ڊسوزا به پروپش ڪيو. هو بزرگ ۽ هوشيار وڪيل پئي لڳو. ٿوريئي منٽن ۾ گيتا ديوي اڇيءَ ساڙهي ۽ ڪاري گائون ۾ ڪــورٽ ۾ پروپش ڪيو. سندس مونهن ۾ مشڪ هئي. هــوءَ شانــدار پئي لڳي. سيٺي جو ڌيان ان ڏانهن ويو، ۽ ساڻس گڏ هڪ برقعي واري زال هــئي. هن پنهنجي ڪلارڪ کي اشارو ڪيو ته ڪيس ڪرسيءَ تي وڃي ويهار. سيٺيءَ وڪيل کيس ويڙهي وياءِ ڪيڪاري پڇڻ لڳا، ”گيتا ديوي ڇو مسٽر ٻلو ٻئرسٽر ڪونه آيو آهي؟“

گيتا ”توهان جوابدار کي ڪٿي ويهاريو آهي. مونکي هن ڪان وڪالت نامي تي صحيح وٺڻي آهي مونسان جا هيءَ زال آهي سا جوابدار جي ٻهوڻ زال مسز فاطما آهي. انسپيڪٽر صاحب! مان توهانجي تهدل شڪرگذار رهندس جيڪڏهين توهان مونکي جوابدار وٽ وٺي هلندا.“

شهاڻي ”مئڊم! توهان کي جوابدار وٽ وٺي هلڻ منهنجو فرض آهي. ان ۾ مهرباني جي ڪهڙي ڳالهه آهي.“

ائين چئي کيس جوابدار وٽ وٺي ويو.

اَڄ پريزيڊنسي مئجسٽريٽ سپيءَ جي ڪورٽ هال سڄو وڪيلن، درشڪن ۽ اخبارن وارن سان ڀريل هو. اخبارن وارن کي خاص پاسيون ڏنل هيون ۽ انهن جي ٽيبل جدا رکي ويئي هئي. ٻاهر هال جي اخبارن جا فوٽيگرافر به بيٺل هئا. مئجسٽرات جي اسٽيج تي ميز رکيل هئي. مئجسٽريٽ جي ڪرسيءَ جي پٺيان اشوڪا چڪر ۽ ٽي شينهن لڳل هئا. پٺ تي مهاتما گانڌيءَ ۽ جواهرلعل ۽ اندرا گانڌيءَ جي مورتون لڳل هيون هيٺ وڏي شاهي ميز رکيل هئي جنهن جي چوڌاري ٽيهارو ڪرسيون رکيل هيون جن تي اڳيئي وڪيلن اچي جاءِ والاري هئي. وچ ۾ سرشتيدار ٽيبل ۽ ڪرسي تي ويٺل هو. وڪيل ڪيترا پنهنجا ڪيس ڇڏي هي ڪيس ٻڌڻ ۽ ڏسڻ لاءِ اچي ڪٺا ٿيا هئا. درشڪن

باادب اٿي بيٺا. فاضل مئجسٽريٽ ڪنڌ نوڙائي سڀني جو ادب سويڪار ڪري شاهي ڪرسيءَ تي ويٺو. مئجسٽريٽ جي ويهڻ سان هرڪو پنهنجي پنهنجي ڪرسيءَ تي ويهي رهيو.

مسٽر سپي مئجسٽريٽ چيو "اڄ ائين پيو لڳي ته ڪا قانوني لڙائي لڳڻ واري آهي. هوُ از اپيئرنگ فار دي اسٽيٽ؟ (سرڪار جي پاران وڪيل ڪير آهي؟)"

ڊسوزا باادب اٿي بيٺو ۽ چيائين "يوئر ورشپ! سرڪار پاران مان وڪيل آهيان ۽ توهان جي اڳيان ريمانڊ جي درخواست پيش ٿو ڪريان. هيءَ درخواست جوابدار محمد سليم جي باري ۾ آهي. جوابدار کي ڪلهه شام جو اٽڪل ۵ بجي ايئرپورٽ تان گرفتار ڪيو ويو آهي. جوابدار تي تهمت آهي ته هن نه رڳو پنهنجي سهڻي زال پر مسٽر واڌورام وڪيل کي خون ڪرايو آهي. جاچ چالو آهي. ريمانڊ درخواست موجب پوليس کي گهٽ ۾ گهٽ ۱۵ ڏينهن گهرجن.

مئجسٽريٽ مشڪي چيو "جوابدار پاران وڪيل ڪير آهي؟"

گيتا ديوي باادب اٿي بيٺي ۽ چيو "يوئر ورشپ! مان جوابدار پاران وڪيل آهيان."

مئجسٽريٽ کلي چيو، "مان به جڏهن ڪورٽ ۾ گهڙيس ۽ هيڏي پيڙ ۽ پوليس جو انتظام ڏسي واڙو

گيتا ڪيس جواب ڏنو ”هو ڏهليءَ ۾ ويا آهن. ڪيس سپريم ڪورٽ ۾ ضروري ڪيس هلائڻو هو.“

مينا لليتا کي آهستي چيو ”گيتا ديوي ڇا ته پرنسلٽيءَ واري آهي. ڪيس وڏا وڏا وڪيل ٻه، ٽي ڪيڪاري رهيا آهن.“

لليتا ”گيتا ديوي شاديءَ ڪانپوءِ ڇگي سهڻي ٿي پيئي آهي؟“

مينا ”هوندن ٻه گهٽ ڪونه هئي ۾ بلوءِ بئريسٽر شايد گهٽو چئيو هوندس.“

لليتا ”تنهنجون اميدون برباد ٿي ويون. تو پاڻيو نه وڪالت پاس ڪري بلوءِ سان لائون لهندس.“

مينا ”چڙي. هاڻي انهن ڳالهين کي ياد نه ڪر. هينئر گيتا ان جي آهي.“

لليتا ”ڏسون نه اڄ گيتا ڪيئن ٿي سرڪاري وڪيل جون واجتون وجائي.“

مينا ”هوءَ بلو بئريسٽر کان گهٽ ڪونهي.“

ايتري ۾ ١١ جا ٺڪاءُ گهڙيال هنيا مسٽر سپڪي مئجسٽريٽ جي چئمبر جي دروازي ڪلڪ جو چيڪات ٿيو، اهو آواز ٻڌي سرشتيدار اٿي کڙو ٿيو ۽ وڏي آواز چيائين ”سائيلنس پليز خاموش رهو.“

فاضل مئجسٽريٽ سپڪيءَ جي پڌار جڻ سان ڪورٽ هال ۾ وڪيل، درشڪ، ڪلارڪ، اخبار نويس،

منهنجي هيءَ آهي ته جوابدار سان مونکي، بلو پرنسٽر ۽ سنڌس زال فاطما سان سياڻي ٢ ڄڻي منجهند جو گڏجڻ ڏنو وڃي. (٣) درخواست انسانيت جي خاطر آهي. جوابدار جي زال شبنم جا خون ٿيل آهي ان فوٽو جو لاش جي. جي. اسپتال جي لاش گهر ۾ لاوارث پيو آهي. ان جي ڪريا ڪرم ۽ دفنائڻ لاءِ سنڌس شوهر کي پوليس پهري هيٺ موڪل ڏني وڃي. جيئن جوابدار فوٽو جو شوهر پنهنجي زال جو آخرين درشن ڪري ۽ ڪريا ڪرم ڪري. مون اها درخواست لکي آهي جنهن ۾ ٽيئي عرض ڪيا آٿم. هڪ ڪاپي سرڪاري وڪيل کي به ڏني آٿم. مونکي اميد آهي ته يوئر ورشپ! اهي عرض ضرور قبول ڪندا." ائين چئي هوءَ ويهي رهي.

مئجسٽريٽ سپي سرڪاري وڪيل مسٽر بسوزا ڏانهن نهاري چيو "توهان گيتا ديويءَ جي درخواست پڙهي توهان کي ڇا چوڻو آهي؟"

مسٽر بسوزا با ادب اٿي چيو "يوئر ورشپ! مونکي گيتا ديويءَ جي ٻن درخواستن تي ڪوبه اعتراض ڪونهي. توهان پڻ جوابدار کي جڊيشري حوالات ۾ رکڻ جو آرڊر ڪيو ۽ گيتا ديوي کي جوابدار سان گڏجڻ ڏيو، پر مونکي سخت اعتراض آهي ته خوني جوابدار کي پئرول تي ڇڏجي، ته هو پنهنجي بيگم جو ڪريا ڪرم ڪري."

ٽيس ۽ هينئر گيتا ديويءَ کي جوابدار پاران وڪالت لاءِ تيار ٿيندو ڏسي سمجهان ٿو ته اها پيڙ ان ڪري لڳل آهي."

ميتا لليتا کي چيو "گيتا ديوي ڪنواري هوندي کان هاڻ جوان ۽ سهڻي ٿي وئي آهي."

لليتا آهستي چيو "پلا ٻلوءَ سان شادي ڪئي اُتس ته جوان ۽ سهڻي نه ٿيندي ته ڇا ٿيندي. خوشيءَ جهڙي خوراڪ ڪانهي. غم جهڙو مرض ڪونهي. هاڻي ماٺ ڪر ڏس ڪيس ٿو هلي."

گيتا ديويءَ چيو "يور ورشپ! مان جوابدار جو صحيح ٿيل وڪالت نامو پيش ٿي ڪريان"

مئجسٽريٽ "گيتا ديوي توهان کي مسٽر ڊسوزا جي درخواست باري ۾ ڇا چوڻو آهي؟"

"يور ورشپ" گيتا ديوي چيو "مون رمالب جي درخواست نظر مان ڪڍي آهي مونکي ڪو اعتراض ڪونهي پر مونکي ٻه عرض ڪرڻا آهن. (١) مونکي اعتراض ڪونهي ته پوليس پوري جاچ ڪري، پر ان وچ ۾ جوابدار کي ڪسٽڊي حوالات ۾ رکڻ جي بدران ڪيس جديشري حوالات ۾ رکيو وڃي. ڇو ته مونکي ڊپ آهي ته جنهن جعلي نوٽن جي ڪيس ۾ هڪ جوابدار کي پوليس حوالات ۾ خون ڪيو ويو تنهن هنتي به نه ٿئي. ڇو ته خوني زور وار پيا لڳن. (٢) درخواست

ڏيڻ ۾ سرڪار کي ڪهڙو هرج آهي وڌ ۾ وڌ وڏي رقم جي ضمانت (ضامن) ورتو وڃي."

شهاڻي انسپيڪٽر ۽ مسٽر ٻسوزا جا مئجسٽريٽ جي انهن لفظن ڪري مونهن لهي ويا.

مينا ۽ لليتا کي آهستي چيو ته "ڏٺو نه گيتا ديويءَ جي ڪرامت. شهاڻي انسپيڪٽر ۽ ٻسوزا سرڪاري وڪيل جي شڪل ته ڏس ته جڻ مائٽ مري ويا اٿن."

لليتا "بلو بئريسٽر جي گيتا شاگرد آهي. ڪيس گهٽ نه سمجهه" ايتري ۾ سرڪاري وڪيل ٻسوزا شهاڻي انسپيڪٽر سان آهستي صلاح ڪئي. مسٽر ٻسوزا چيو "مئجسٽريٽ جيڪي چوي ٿو سو قبول ڪرڻو پوندو نه ته سڄو ڪيس بگڙجي ويندو."

شهاڻي "ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي. جيئن توهان واجب سمجهو ليئن ڪريو."

انهي ٻسوزا اٿي باادب چيو "يور ورشپ! توهان جيئن واجب سمجهو ليئن ڪريو. ها مهرباني ڪري ضمانت ضامن وڏي رقم جو وٺندا."

سڀي مئجسٽريٽ "گيتا ديوي! مان جوابدار کي ٽن ڪلاڪن لاءِ پئرول تي پوليس جي پهري هيٺ ڇڏڻ جو آرڊر ڪريان ٿو جيئن هو پنهنجي زال کي دفنائي سگهي. ها ان لاءِ توهانکي لک روپين جو ضامن ڏيڻو پوندو."

سڀ مئجسٽريٽ گيتا ديويءَ ڏانهن نهاري، گيتا ديوي باادب اُٿي چيو”يوئر ورشپ! مون جيڪا ٣ درخواست ڪئي آهي، ان ۾ صفا کولي لکيو آهي ته اها انسانيت جي خاطر آهي. جوابدار کي پوليس پهري هيٺ ٻه ڪلاڪ ڇڏ جي، جيئن هو پنهنجي بيگم جو آخرين درشن ڪري ۽ ان جو ڪريا ڪرم ڪري. مان قانون جي مدد نه ٿي وٺان پر جي چاهيان ته وٺي سگهان ٿي. جوابدار تي اجان اها تهمت ثابت ڪونه ٿي آهي ته هو خوني آهي.

اهو ڪيس هلندو ته ثابت ٿيندو ته جوابدار خوني آهي يا ڪين! اهڙا ڪيترائي ڪيس ٿيا آهن جن ۾ جوابدارن کي خوني نهرايو ويو آهي ۽ انهن جي عزيزن جي موت تي ان کي پئرول تي آزاد ڪيو ويو آهي. پر مان هيئنر رڳو انسانيت جي خاطر ته جنهن شوهر جي خون ٿيل زال ٻئا وارث جي مردا گهر ۾ پيئي آهي، ان جي دفنائڻ جو ڪريا ڪرم ۽ سندس آخرين درشن ڪرڻ جي ڪيس موڪل ملي.“

سڀ مئجسٽريٽ مسٽر ڊسوزا ڏانهن نهاري چيو، ”مسٽر ڊسوزا گيتا ديويءَ جي درخواست واجبي ۽ انسانيت جي خيال کان نيڪ آهي. جوابدار کي اجان ڪورٽ خوني ثابت نه ڪيو آهي. جوابدار کي پوليس پهري هيٺ ٻن ڪلاڪ زال کي دفنائڻ لاءِ موڪل

بلبين ۾ گيتا ديويءَ جي ڏاڍي ساراهه ڪيل هئي.

جڏهين بلبين جو پڇو پوليس ڪمشنر جي هٿن ۾ آيو ته هن جو منهن ٽامڻي ٿي ويو. هن يڪدم شهاڻيءَ کي فون ڪيو.

انسپيڪٽر شهاڻي فون جو رسيور کڻي چيو، ”انسپيڪٽر شهاڻي هيئر.“

”مان ڪلڪرني پوليس ڪمشنر ڳالهائي رهيو آهيان. توهان ۾ ڪو به دم ڪونهي، توهان اڄ جون اخبارون پڙهيون آهن. اخبار وارن ڪيتري نه گيتا ديويءَ جي ساراهه ڪئي آهي ۽ پوليس جي بدنامي، توهان کي چيو هوم ته ڪيس پڪو ٺاهجو هاڻي محمد سليم پيرول تي آزاد آهي. هاڻي سندس مٿان اسپيشل پوليس وردين ۾ ۽ بنا ورديءَ جي سي. آءِ. ڊيءَ سان چڱي چوڪسي رکج. متان هو ڀڄي نه وڃي. سمجهه ته متان تنهنجي منهنجي نوڪري خطري ۾ پوي. ها پر اها به چوڪسي رکج ته محمد سليم سان ڪير ڪير ٿو گڏجي! مسٽر ڊسوزا به ڇوڪريءَ کان هارائي ويو. ڀلا مئجسٽريٽن کي ڇا آهي؟ يڪدم ڪڍي آرڊر ڪيين. هاڻي ياد رکج خيال سان ڪيس ٺاهڻو آهي. اڳيان ٻلو بئرسٽر آهي. توهين سندس شاگردڻ کان هارائي ويا. مون مسٽر ڊسوزا کي سڀاڻي پاڻ وٽ ١٢ بجي گهرايو آهي. توهين به اچجو ته صلاح وغيره

گيتا ديوي اُٿي ڪجهه چوي ٿي چوي ته درشڪن جي وينڌن مان هڪ برقعي واري عورت چيو ”يوئر ورشپ! مان ضامن ٿيڻ لاءِ تيار آهيان.“

مئجسٽريٽ سپي حيران ٿي پڇيو، ”تو هان ڪير آهيو؟“ اِتي گيتا اُٿي باادب چيو، ”يوئر ورشپ! هيءَ جوابدار محمد سليم جي وڏي زال فاطما آهي. اِها ضامن ٿيڻ لاءِ تيار آهي.“

مئجسٽريٽ ”سرشتيدار کي حڪم ڪيو ته ضامن وٺي. اهڙو آرڊر مون کان صحيح ڪرايو.“

اُنهن چئي هن ٻيئي درخواستون گيتا ديويءَ جون منظور ڪري آرڊر پاس ڪيو، ۽ درخواستون جڊيشل ڪلارڪ کي ڏنيون. ايتري ۾ گهڙيال ٻه سيڙيو وڄو هو ته مئجسٽريٽ آرڊر پاس ڪري، ته هڪ جو ڪلاڪ هٽيان، ڪورٽ لنچ جي لاءِ برخواست ٿي.

ٿوري وقت ۾ ڪورٽ هال خالي ٿي ويو ٻاهر جتين ماڻهو لڪتا ته ڏٺائون ته ايوننگ نيوز، مدد ۽ ٻين جون اسپيشل بليٽون هاڪرس وڪڻي رهيا هئا ۽ هوڪا ڏيئي رهيا هئا ”واڌورام وڪيل ۽ سندس محبوبا جي خون جي ڪيس جي خاص بليٽن جوابدار وڪيل جي ڪورٽ ۾ ڪمال. وري ڪيس ١٥ ڏينهن ڪانپوءِ هلندو. بليٽن ۾ گيتا ۽ محمد سليم جا فوٽا ڇپيل هئا. ماڻهو جيڪي ڪورٽ مان نڪتا ٿي تن ٻه بليٽون ورتيون.

ڪي آفيس ۾ ليڪي جائو." (ٻڙي صاحب جيل جي
سپرنٽينڊنٽ کي چوندا آهن.) پوليس وارو اڳيان ۽
پٺيان بلو پرنسٽر، گيتا ۽ فاطما هلڻ لڳا. پوليس واري
اندر وڃي پاس سپرنٽينڊنٽ کي ڏني. سپرنٽينڊنٽ
مسٽر ڪيسواڻي هو. جنهن بلو پرنسٽر ۽ گيتا جو نالو
پاس تي پڙهي يڪدم اُٿي ٻاهر آيو ۽ بلو پرنسٽر سان
هٿ ۾ هٿ ملائي گيتا ديويءَ کي نمستي ڪيائين.
چيائين، "اندر اچو. مان محمد سليم کي هتي ٿي ٿو
گهرايان." هن حولدار کي حڪم ڏنو ته "بي دريافتي قيدي
محمد سليم کي وٺي اچ." اِئين چئي بلو پرنسٽر سان
حال احوال وٺڻ لڳو. ٿوري دير کانپوءِ حولدار محمد
سليم کي وٺي آيو. محمد سليم بلو پرنسٽر کي ڏٺو ته
اچي پيري پيس ۽ پوءِ گيتا کي پيري پيو. بلوءَ پرنسٽر
ڪيس اُٿاريو. فاطما تنهن وچ ۾ برقعو لاٿو. هن وڏي
فاطما جا هٿ وٺي چپن تي رکيا. سندس روئڻ ڪري
اکيون ڳاڙهيون هيون. بلو پرنسٽر کي چيائين "پرنسٽر
صاحب! مان خدا جو قسم کڻي ٿو چوان ته مون
واڌورام وڪيل ۽ پياري شبنم جو خون ڪونه ڪيو
آهي. واڌورام کي جيئن ڏٺو هوم ليئن ڪيس ياد ڪري
سمجهندو هوس ۽ پياري شبنم جنهن لاءِ جان به ڏيڻ
لاءِ تيار هوس، تنهن کي مان خون ڪيئن ٿو ڪري
سگهان! خبر نه آهي ڪهڙي خبيث بدهي جو خون

ڪجهي نه چيا ڪجهي. سمجهيو، "ڪلڪرنيءَ کي ڏاڍي ڪاوڙ هئي. شهاڻي ڪيس چيو "مان لوهان وٽ سپاڻي پوري ١٢ بجي پهچي ويندس ۽ هيئنر سڄو بند و بست محمد سليم بابت ڪريان ٿو." شهاڻي جو آواز ڪنبي رهيو هو. ڪلڪرني "ٺيڪ آهي. او ڪي."

شهاڻي "ٿئنڪ يو سر." ائين چئي رسيور فون تي رکي ڪرمن کي هٿ هڻي چيائين "هاڻي نه سر وڃو ڪلڪرني بگڙيو نه پڳوان پناهه ڏني."

(١٣)

آرٿر روڊ تي بامبي جو قديمي جيل ٺهيل آهي. جنهن کي چون آرٿر جيل. سامهون ڪستوربا اسپتال آهي. صبوح کان ملاقاتين جي پيڙ لڳي پيئي هوندي آهي. هو صبوح ڪانولي شام تائين اُس ۾ پنهنجي عزيز قيديءَ سان ملاقات ڪرڻ جي انتظار ۾ ويٺا هوندا آهن. جڏهين سندن وارو اچي، ١٢ ۾ پنج منٽ هئا نه هڪ اچي ڪار آرٿر جيل وٽ اچي بيٺي. ڊرائيور يڪدم لهي پٺئين سيٽ جو دروازو کوليو. ڪار مان بلو پرويسٽر، گيتا ديوي ۽ فاطما برقعي سان لٿا. گيتا ديوي پاس دروازي تي بيٺل چوڪيدار پوليس واري کي ڏيکاري. پوليس واري يڪدم بلوءِ پرويسٽر ۽ گيتا ديويءَ کي سلام ڪيو. ۽ دروازو کولي بيٺي ايبنل پوليس واري کي چيو، "صاحب ۽ ميم صاحب کو بڙي صاحب

محمد سليم "منهنجو هڪ اڳيون نوڪر ابراهيم هو، جنهن اڳ ۾ مون کي سون جي سمگلنگ ڪرڻ ۾ اڙايو هو ۽ مون کي واڙورام وڪيل ڇڏايو هو."

بلو بئريسٽر "اهو ڇو توهانجو دشمن ٿيو؟"

محمد سليم "ان جي شبنم ۾ پوري اک هئي."

اتي بلو ٻه فوٽا کيسي مان ڪڍيا هڪ رومال جنهن تي آء اکر لکيل هو ۽ ٻيو واچ جو.

محمد سليم واچ جو فوٽو ڏسي چيو "بئريسٽر صاحب هيءَ واچ ابراهيم جي آهي ان کي مون ڏني هئي. مون ٻه واچون جپان مان آنديون هيون هڪ مون کڻي ۽ هڪ هن کي ڏني هيم. ان واچ ۾ ٽرانسميٽر به لڳل آهي، جنهن جي وسيلي اسين هڪ ٻئي کي ليا پا سنيها ڏيندا هئاسين. توهان کي اها واچ ڪٿان ملي؟"

بلو "اها واچ واردات مان ڪار مان لڌي آهي. ۽ پوليس جي حوالي آهي. رومال تي آء اکر پيل آهي. آء معنيٰ ابراهيم."

محمد سليم ٽهڪندي چيو "نه بئريسٽر صاحب! ابراهيم جي سيني ڪپڙن تي آء پيل هوندي آهي. هيءَ پڪ ئي پڪ ابراهيم جو رومال آهي. پر بئريسٽر صاحب! مون کي ايترو ٻڌايو ته منهنجي پياري شبنم کي ڪهڙا عذاب ڏيئي ختم ڪيو ويو آهي، خدا جو قسم مان ان کان ساڳيو وير نه وٺان ته ماءُ جو پٽ ناهيان،" اتين

ڪيو آ ي. مان جيل مان نڪران ته انجو خون ڪندس. قران شريف شاهد آهي. تـہ مون پيا اُمتا سبتنا ڪم ڪيا آهن، پر ڪنهنجو خون ڪونہ ڪيو آهي. پر هاڻ جڏهن منهنجي پياري جان جگر جو خـون ڪيو آهي. تڏهن ڪي ڪونـہ ڇڏيندس." سندس اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو هو سڏڪا ڀري روئـڻ لڳو. پلو پرسٽر سندس ڪلهي تي هٿ رکي چيو، "محمد سليم مـرد ٿـي. هنئين زالـن وانگر همت نـہ هار. مونکي پڪ آهي تہ تو خون ڪونہ ڪيا آهن."

محمد سليم اکيون اگهي چيو، "پرسٽر صاحب! توهان منهنجا پتا ۽ گيتا ديوي منهنجي مائـا آهيو. مونکي خبر آهي تہ توهان جيڪو ڪيس ڪٽندا آهيو اُن ڪي پنهنجي جان جي بازي لڳائي جيتيندا آهيو. اهوئي سبب هو جو مون فاطما کي چيو تـہ پرسٽر صاحب جا پير پڪڙي، ڪيس خـدا جـو نالو وجهي، منهنجو ڪيس ڪٽائيج. خدا تعلىٰ جا شڪرانا ۽ توهان جي وڏي مهرباني جو توهان منهنجو هيءُ ڪيس ڪنيو آهي. جيڪو بـہ خرچ ٿئي. سو فاطما کان وٺجو پر مونکي آزاد ڪرايو. سڀني خونين کي پڪڙايو." ايترو چئي سندس گلو ڀرجي آيو.

پلو "محمد سليم تنهنجو يا واڌ ورام جو ڪو دشمن آهي ڇا؟"

فاطما ”جي حضور.“

ڀلو ”محمد هاڻي تون ڇٽو آهين، خدا تي ڀروسو رک اصلي قاتل کي ڳولڻ کي نه ڇاڏيندس ته منهنجو نالو ڀلو ناهي.“

محمد سليم ”ڀريسٽر صاحب! هن وقت توهين منهنجا خدا آهيو.“

ايتري ۾ سپرنٽينڊنٽ ڪيسواڻي اندر ايندي چيو ”ڀلو يار ملاقات جو وقت ١٥ منٽ هو، پر ٻه ٽي ڪلاڪ گذري ويو آهي، ڪيئن ڪم پورو ٿيو؟“

ڀلو ”ها! منهنجي پڇا ختم ٿي.“

ڪيسواڻي حوالدار کي اشارو ڏنو ته محمد سليم کي اندر وٺي وڃ.

محمد سليم ڪوٺيءَ تان اٿي، ڀلو ۽ گيتا ديويءَ کي پيرن پيو ۽ ڀلوءَ جو هٿ پنهنجن هٿن ۾ وٺي چميا ۽ چيو ”خدا توهان کي سوڀارو ڪندو.“ ائين چئي ٻيئل گلي سان فاطما کي خدا حافظ چئي منهن ڦيري اندر هليو ويو.

ڀلو ۽ گيتا اٿڻ تي هئا ته ڪيسواڻيءَ روڪي چيو ”اڙي ڀائي! اهڙي ڪهڙي تڪڙ پيئي اٿو. اڄ زبردست گرمي آهي“ ٿمس اپ ته پيئو.

ڀلو ”مسٽر ڪيسواڻي توهان اسان کي هيڏي سهوليت ۽ ڪوآپريشن ڏني سو تنهن لاءِ ڏنيواد وري مٿان هيءَ

چئي محمد سليم سڏڪن کي روڪڻ لاءِ وات تي رومال رکيو ۽ اکين مان جهڙ جهڙ ڪري ڳوڙها ڳڙڻ لڳس.

پلو محمد سليم کي ڪلهي تي هٿ رکي آٿت ڏيندي چيو "زهر جون انجيڪشن هنيون ويون آهن."

محمد سليم زهر جون سئيون لفظ ٻڌي ڇرڪي ويو ۽ چيائين، "انسپيڪٽر صاحب! مان پڪ سان چئي دعويٰ سان ٿو چوان ته اهو ڪم هن خبيث ابراهيم جو آهي. سندس سالو ڊاڪٽر آهي جنهنجو نالو شيخ غلام آهي، جوئي زهري سئيون هڻندو آهي." محمد سليم ڏاڍي جوش ۾ اهو سڀ يڪساهي چئي ويو، ۽ مٺيون پڪوڙي ڪرسيءَ جي هٿئي تي هڻڻ لڳو.

پلو ڪيس شانت ۾ رهڻ لاءِ چيو ۽ چيائينس ته "محمد اُن ڊاڪٽر جو اُتو پتو آهي؟ ۽ ها! ابراهيم ڪٿي رهندو آهي؟"

محمد "ڊاڪٽر شيخ پيندي بزار، شيخ محلا ۾ رهندو آهي ۽ ابراهيم ڊونگري پوليس اسٽيشن جي پاسي چوليوالا بلڊنگ ۾ رهندو آهي."

پلو "سندن ڪي فوٽا تو وٽ آهن؟"

محمد سليم "ها. انسپيڪٽر صاحب" پوءِ محمد سليم فاطما کي چيو ته "فاطما گهر ۾ آلبم ۾ ڊاڪٽر ۽ ابراهيم جا فوٽا آهن سي ڪڍي برادرم کي ڏج. جيئن ڪيس انهن کي ڳولهڻ ۾ سولائي ٿئي."

کي هيءَ سهاري نه سگهيو آهي." ايتري ۾ ڊرائيور فوٽا ڪڍي ٻلوءَ کي ڏنا، ٻلوءَ ڊرائيور کي گهر هلڻ لاءِ چيو ۽ فوٽا غور سان ڏسڻ لڳو.

(١٤)

ٻلوءَ گهر اچي شياما کان پڇيو "ڪنهن جو فون ٻون نه ڪونه آيو هو؟" شياما جن جا فونس ايندا هئا سي هميشه نوٽ ڪري رکندي هئي سا لسٽ ٻلوءَ کي ڏني. ايتري ۾ فون جي گهنٽي وڄڻ لڳي.

شياما فون اچي کنيو ۽ چيو "هلو."

ٻئي طرف آواز آيو "ٻلو هئه؟"

شياما "آپ کون صاحب هئه، آپ کا نام کيا هئه؟"

آواز گار ڏيئي، "حرامزادي، جو سوال مئن کرتا هون صرف اُس کا جواب ديو. زياده بڪ بڪ مت ڪرو، بتائو ٻلو گهر ۾ هئه، اگر هئه تو اُس کو ٻلائو." شياما رسيور ٽنب باڪس تي رکي (جنهن تي رسيور رکڻ سان ٻيون جو آواز ايندو آهي جيستائين اڳلو اچي رسيور کڻي) ٻلوءَ کي اچي چيو "صاحب! معلوم نهين کون سا بدتميز آدمي هئه صرف گالي ديتا هئه اور اِئسا بات کرتا هئه جئسي لڙتا هئه، آپ کو ٻلاتا هئه.. صاحب."

ٻلو "نام پوچهو کون هئه؟"

شياما "صاحب! نام پوچها تهين تو گالي ديا."

تڪليف ڇو ٿا ڪريو."

ڪيسواڻي "يار ڪمال آهي تنهنجي ٻـ. هيءَ تڪليف آهي، گهر اچڻ جو ٽائيم ڪو نہ ٿو مليو. ٻڌاءِ ڪڏهين گيتا ڀاڀيءَ کي وٺي منهنجي گهر آيو آهين؟ نہ." ايتري ۾ حوالدار ۴ ٿمس اپ کڻي اچي پهتو. ڪيسواڻي، ٻلو، گيتا، فاطما کي ڏيئي هڪ ٻاڻ کڻئي. ٻلو واچ ۾ ٽائيم ڏسي چيو "ڪافي دير ٿي وئي آهي آهي" ۽ خالي ٻاٽل ٽيبل تي رکي چيو، "چڱو مسٽر ڪيسواڻي. وري گڏ ٿاسين." ۽ ڪيسواڻيءَ سان هٿ ملائي هٿ شيڪ ڪيائين، ڪيسواڻيءَ، گيتا ۽ فاطما سان نمستي ڪئي ۽ هي ٻيئي ٻاهر نڪري اچي ڪار ۾ ويٺا. ٻلو ڊرائيور کي ڪف پريڊ، جالي ميڪر هلڻ لاءِ چيو ۽ پوءِ اکيون ٻوري سوچ ۾ گم ٿي ويو.

ٻلوءَ جـو ڌيان تڏهين ٽٽو، جڏهين ڪار جالي ميڪر وٽ پهتي هئي. فاطما، ٻلو ۽ گيتا کي عرض ڪيو تہ منهنجي غريب خاني ۾ پير گهمايو. ٻلو چيس تہ "فاطما ڀيڻ، ٻهرين ئي ڪافي دير ٿي وئي آهي. ڊرائيور جي هٿان قوٽا موڪليو تہ مهرباني."

گيتا ٻلوءَ کي چيو تہ "محمد سليم تمام اسوم دل انسان آهي ۽ ڏاڍو اپ سيٽ ٿي لڳو."

ٻلو "شبنم سان ڏاڍي ڇوڇ سان شادي ڪئي هئائين، سا سندس پوءِ خون ٿي وئي تہ اُن ڏک

ٻلو "مارنا خدا ڪي هاٿ ۾ هي، خدا نې اس ٻور ڪو آپني هاٿ ۾ رکا هي، انسان ڪو ايسي ٽڪ الٽي پاور نهين ديا هي. مين تيري ڪو نيڪ صلاح ديتا هون ته تم ٻدي سي دور رهو، ورنا خدا تيري ڪو ڀي نهين ڇوڙينگا."

آواز - "تو تم نهين مانوگي، تم اپنا ڪفن دفن ڪا ڀي بندوبست ڪرلو." ۽ فون بند ٿي ويو.

ٻلو ۽ گيتا ٻنهي ليمپ هلائي ٻڌي.

گيتا چيو، "ڏيڊو! هي نه ڪو رهزن ٿو لڳي، توهان کي ڏاڍي خبرداريءَ سان ڪم ڪرڻ گهرجي. ائين نه ٿئي ته..." باقي اکر گيتا کائي وئي.

ٻلو - "گيتا مدئي لاکه برا چاهي، هوتا وهي هي جو منظوري خدا هوتا هي. تو ڇو دل لاٿي آهي. ڀڳوان تي ڀروسو رک اهو اسان سان ساڻ آهي. تنهن منهنجو وار به ونگو ڪونه ٿيندو. اهڙن ڪتن "نرملا نرس جي خون" "جعلي نوٽن" ۽ "پروفيسر موهن جي خون جي ڪيسن ۾ به ڪيترين ئي مڪيون ڏنيون هيون پر سائين ساڻ آهي ته بس. لنگهي پار پئبو پر هاڻي ٿورو ته سنڀال سان ڪم ڪرڻو پوندو."

گيتا شياما کي چيو ته جي ماني تيار هجي ته ميز تي لڳائي ته مان ماني کائي، ٻريوڪ شالا ۾ وڃي تيار ٿي، ڪيس جي جاچ لاءِ نڪران.

بلو گيتا کي! اشارو ڏنو ته ٽيپ رڪارڊ سان اوزار ڪيڊي فون سان ڪنڪيٽ ڪر. گيتا يڪدم اوزار ڪيڊي فون تي چنبرايو.

بلوءَ چوغو ڪڍي چيو "هلو بلو بٽوءِ اسپيڪنگ."

آواز "تم واتورام وڪيل ڪي ڪيس سي نڪل جائو، ڪيس ڪو ڇوڙني ڪي ليئي ڪيا لوگي؟"

بلو "پهلي تم بتائو ن، تو تم هو ڪون؟"

آواز "تمهارا باپ! ڪتنا پئسا چاهيئي ليئو، اور ڪيس سي نڪل جائو ورنا..."

بلو "ورنا ڪيا، ڪيا ڪرينگي آپ؟" بلو تمام آرام سان ڳالهائي رهيو هو.

آواز "جيسي وڪيل اور اُن ڪي محبوبا ڪا حال ڪيا، ڪيا سمجها، مئين ڊر ئي تمهاري ڪو سمجهاتا هون، ڪه بچا! اس ڪيس سي باز آئو."

بلو "آپ نـي اب تڪ اپنا نام ئي نهين بتايا هئي. تو آپ ڪون هئي، اور ايڪ بات مين ئي آپ ڪو بتا دينا چاهتا هون، جو ڪيس مين هاٿ م اُٺاتا هون، اُس ڪو آدي م ڇوڙنا مين نهين سيکا هون. سمجهي آپ."

آواز - هڪ ٺهڪ ڏيئي چيو "تو تم ئي جلدي الله ڪو پيارا هو جائينگا اور بيچاري گيتا بيواهه هو جائينگي."

۽ ٻلوءَ کي عرب جي ڀيس ۾ ڏسي واڪا ڪرڻ لڳي. ٻلوءَ گيتا کي ڇڏي، وٺي ٺڪ ڏنا.

شياما پنهنجي صاحب جو آواز سڃاڻي چيو، "صاحب! مان نه ٻچي ويس، منهنجو ته دماغ ئي خراب ٿي ويو آهي. آڳاٽي فون آيو ۽ وري توهان کي ڏٺم ته..."

گيتا چيس "شياما ڪڇڻ کـي سڏو ڪري وڃين ٿورو آرام ڪر."

گيتا پوءِ مشڪي ٻلوءَ کان پڇيو، "سائين جن جي ڪٿي جي تياري آهي؟" وري ٿورو گنڀير ٿي چيائين "ته قدم قدم تي خطرو آهي، سنڀالي قدم کڻجو، بدمعاش هوشيار آهي، هن توهان لاءِ ضرور ڄار وڇائي هوندي؟"

ٻلو "سوئيٽي! توکي اڄ ٿي ڇا ويو آهي، ايشور تي ڀروسو رک، تو ڇا اُن مان ايمان وڃائي ڇڏيو آهي؟ مان جلدي ٿو وت واپس اچي ويندس." ائين چئي گيتا جي مرجهايل ڇهري جي ڳلي تي ٿڦڪي هڻي آٿت ڏنو ۽ هينڊ ٻيگ جنهن ۾ ضروري شيون وجهي کنيون هيائين، سان کڻي ٻاهر نڪري ويو.

(١٥)

رستي تي اچي، ٻلوءَ هڪ ٽئڪسي پڪڙي، ۽ ٽئڪسي واري کي عرب وانگر وات کي گول ڪري چيو "پيندي بزار، شيخ محلا."

گيتا شياما کي، ماني لڳائڻ لاءِ چيو.

ٽيبل تي ماني اچي ويئي، ٻئي هڪ ٻئي جي سامهون ٽيبل تي ويٺا هئا. پر گيتا ڏٺو ته اڄ ڪاڏي ۾ ٻلو اها دلچسپي نٿو وٺي، سندس دماغ سوچي رهيو آهي ۽ هٿ گرهه وات ۾ وجهي رهيا آهن. نيٺ گيتا کان رهيو نه ٿيو. گيتا ٻلوءَ ڏانهن مخاطب ٿي چيو ته "اڄ قيمي جا ڪوفتا ڪهڙا نه سٺا ٺهيا آهن."

ٻلو جو ڌيان ٽٽو چيائين "گيتا تون ته ڏاڍي هوشيار وڪيل آهين ٿي سگهين. گيتا! برابر ڪاڏي جي ٽيبل تي نه ڳالهائجي ۽ نه سوچجي." ٻنهي کائي ڏنو.

ٻلو ڪاڌو پورو ڪري، پرلوگ شالا ۾ هليو ويو. اُتي هن پنهنجو ويس هڪ عرب جو ڪيو. اڇو چوغو پيرن تائين، مٿي تي اڇو وڏو ڪپڙو، منهن جي چوڌاري ڪاري ٿلهي نوڙي، مڇون، ڏاڙهي، پيرن ۾ زريءَ پيل گهيتلو ۽ اکين تي ڪاري عينڪ پائي ٻاهر نڪتو. هن گيتا کان پڇيو "گيتو ڏسو! هاڻ ڪيئن ٿو لڳان؟"

گيتا مٿي کان وٺي پيرن تائين نهاري چيو، "ڏسو رستي تي گڏجو ته جيڪر مان سڃاڻي به نه سگهان ها. نه پيا خاڪ سڃاڻندا." گيتا هڪ مڌر ٽهڪ ڏنو.

ٻلو گيتا کي ڀاڪر ۾ ڀري چيو "ڏسو هاڻي پيار جي هڪ مهر هڻ، ته ڪاميابي حاصل ٿئي."

ايتري ۾ شياما ٽيبل تان ڪاڌي جا ٿانوَ کڻڻ آئي.

ڪمپائونڊر "صاحب! مجھي بتائو، مين بهت ٿورڙا بهت ڊاڪٽري جانتا هون."

عرب "اڇا!" ائين چئي سؤ جو نوٽ کيسي مان ڪڍي ڪمپائونڊر جي هٿ ۾ رکيائين ۽ اشارو ڪيائينس ته اندر ڊاڪٽر واري ڪيبن ۾ هل.

ڪمپائونڊر سؤ جو نوٽ جلدي کيسي جي حوالي ڪري پٺيان ڪيبن مان نڪري ڊاڪٽر واري ڪيبن جو دروازو کولي چيو "صاحب آئيئي. بيٺئي. اب بتائو کيا ڪام هئه؟"

عرب "ايڪ بدمعاش ميرا پئسا کا گيا هئه، سالا ديتا ني نهين. مين چاهتا هون تو اُن ڪو زهر ڪا انجيڪشن مار سالي ڪو ختم ڪرلون. اس ڪام ڪي ليئي مين دو هزار ديني ڪي ليئي تيار هون."

ڪمپائونڊر زهر جي انجيڪشن جو نالو ٻڌي ڇرڪي ويو ۽ چوڻ لڳو ته "ڀائي جان هم ائسا ڪام نهين ڪرتي هئه. آپ ڪو ڪسني بتايا،" ڪمپائونڊر جو آواز لرزي رهيو هو.

عرب "آپ ڪا جو ابراهيم ڀائي هئه نا، اُس ني بتايا هئه اُسني ائسا ڀي بتايا، تو ڊاڪٽر صاحب سي اُس ني ائسي انجيڪشن لي ٿي."

ڪمپائونڊر ڀڙڪي ته مجھي پتو. ته هاڻ ڇا ڪجي،

ٽئڪسي اُن ڪلاڪ ۾ اچي شيخ محلا وٽ رڪي.
ٽئڪسي واري چيو "صاحب شيخ محلا آگيا."
بلوءَ ٽئڪسي واري کي چيو، "ڊاڪٽر شيخ غلام ڪا دواخانه."
ڊرائيور، "صاحب! وه تو بهت مشهور ڊاڪٽر هه!"
بلوءَ کو به جواب ڪونه ڏنو.
ٽئڪسي ٥ منٽن ۾ اچي ڊاڪٽر جي دواخاني وٽ رڪي. ڊرائيور عرب کان پڇيو! "صاحب! آپ واپس چلينگي يا ٽائيم لگينگا؟"
عرب (بلو) "ٺهرو هم آتا هه." انهن چئي اسپتال ۾ اندر گهڙي ويو. اسپتال جي بلڊنگ، ته تمام جهوني هئي پر اسپتال ماڊرن فرنيچر سان سينگاريل هئي. پهرين پهرين ڪمپائونڊر جي ڪيبن هئي. بلو ڪمپائونڊر کان پڇيو، "ڊاڪٽر صاحب هه؟" ڪمپائونڊر جواب ڏنو، "ڊاڪٽر صاحب تو آمريڪا گئي هوئي هه."
بلو "ڪبي گيا هه اور واپس ڪبي آني والي هه؟"
ڪمپائونڊر "صاحب! اُن کو تو گئي ١٥ ڏن هو گيا هه. واپس شايد ١٠-١٥ دن ۾ آئينگا."
بلو چوڌاري نظر ڦيرائي ته گهڙيال ۽ ڊيڪوريشن جو مال سڀ ولائتي هو. بلوءَ ڪمپائونڊر جي تمام ويجهو وڃي چيو، "ڊاڪٽر صاحب ۾ بهت ضروري ڪام ٿا."

ته ڪمپائونڊر به اچي ويو. ايندي ئي چيائين ”صاحب! معاف ڪرنا. ڪوئي مريض ٿا. اُس ڪو دوا دينا ٿا.“

ٻلو ڦوٽي ڏانهن هٿ ڪڍي ڪانئس پڇيو، “يه ڪون هي؟“

ڪمپائونڊر ”صاحب! اپنا ڊاڪٽر صاحب هي، اور اس ڪي ساٿ اس ڪي عورت جولي هي.“

ٻلو “صاحب ته بڙي عمر ڪا لگتا هي، اور جولي تو ڇوٽي عمر ڪي لگتي هي؟“

صاحب ”پهلي جولي ايڊٿ نرس ٿا. صاحب ۽ اس ڪا پيار هو گئيا اور شادي ڪرلي.“

ٻلو ”اب جولي ڪهان هي؟“

ڪمپائونڊر ”صاحب! وه ابراهيم ڀائي ڪي ساٿ دو چار دن ڪي لئي بهي گئي هوئي هي.“

ٻلو “ها! آپ ڪا نام تو پوڇنا ڀُول گئيا؟“

ڪمپائونڊر “صاحب! ميرا نام دين محمد هي. صاحب ڪا جهونا ڪمپائونڊر هون.“

ٻلو ”دين محمد جولي اڪيلي ابراهيم ڪي ساٿ بهي گئي هوئي هين يا اور دوسرا ڀي ساٿ ۾ گئيا هوتا هين؟“

دين محمد “صاحب! اڪيلي گئي هوئي هين. ڪيون ڪ دونون مين محبت هين.“ ائين چئي دين محمد ٿورو جهڪي ويو.

ٻو ابراهيم جو نالو ٻڌي ڪ ٽيس لڳي، هيءُ پنهنجو دوست ماڻهو آهي. ٻن هزارن جي لالچ ۾ اچي ويو. ٻلوءَ ٻه هزار پنهنجي کيسي مان ڪڍيا ۽ ڪمپائونڊر جون اکيون چمڪي ويئيون. ٻلوءَ هٿ وڌائي ٻن هزارن جي نوٽن جو ٿهو ڪمپائونڊر جي هٿن ۾ ٿمايو ۽ کيسي ۾ ٽيپ رڪارڊر جو، تمام ننڍي ماچيس جي دٻي وانگر هو سو چالو ڪيائين.

ڪمپائونڊر نوٽ وٺي يڪدم پنهنجي پينٽ جي کيسي حوالي ڪيا ۽ کيس ٻيءَ روم ۾ اندر وٺي ويو. در بند ڪري چيائين "صاحب! ابراهيم پاڻي کي ڪهڻي ٻر ميم صاحب ني دو زهر کي انجيڪشن ٻڌائي لــي گئي ٿي."

ايتري ۾ ٻاهر ڪو مريض آيو. انڪري ڪمپائونڊر تڪڙو ٻاهر نڪري ويو. ٻلوءَ ڊاڪٽر جي ميز تي ڏٺو ته هڪ چٺي ڪتاب ۾ پيل هئي جا ٿوري ٻاهر نڪتل هئي. هن يڪدم اها چٺي ڪتاب مان ڪڍي ۽ تڪڙ ۾ پڙهيائين. چٺي جوليءَ ڏانهن ابراهيم جي لکيل هئي پڙهڻ سان ٻلوءَ جو منهن ڦڙي پيو. يڪدم چٺي کڻي کيسي جي حوالي ڪيائين.

سامهون پٽ تي هن هڪ وڏي فريم ۾ فوٽو ڏٺو. جنهن ۾ ڊاڪٽر صاحب ۽ سندس پاسي ۾ هڪ ڪرسچن ڇوڪري بيٺي هئي. هي اها ڏسي ٿي رهيو هو

ڪام هوگيا تو مئن آپ ڪو ايڪ هزار دوسرا ڀي بخشيش دونگا."

ڪمپائونڊر دين محمد هزار جو ٻڌي ٻلوءَ کي ڊگها سلام پيش لڳو. ٻلو ڪمپائونڊر جي ڪلهي تي ٿاپڙي هڻي ڪئبن کان ٻاهر نڪتو ۽ سڌو اچي ٽئڪسيءَ ۾ ويٺو. ٽئڪسي واري کي چيائين، "ڊونگري پوليس اسٽيشن."

ٽئڪسي جلدي اچي پوليس اسٽيشن وٽ رڪي. ٻلو ٽئڪسيءَ مان لهي پان واري کان چونچوالا بلڊنگ پڇي. پان واري سامهون اشارو ڪيس. هن ڏٺو ته جاءِ ڪافي جهوني هئي، هيٺ هڪ ايراني هوٽل هئي. ٻلو ٿورو اندر گهڙيو ته هيٺ پٿر پيا، ڏٺا مڙا ماڻهو واٽ جي ڪٽ لي ويٺا هئا.

ٻلوءَ کي ڏسي هڪ ڄڻي پڇيس "آپ ڪو ڪونه چاهيئي." ٻلو ساوڌان ٿي ويو ۽ هڪدم سلام ورائي چيائين "سلام ماليڪوم" ٻئي ڄڻن چيو، "ماليڪوم سلام برادر."

ٻلو "ابراهيم ڀائي ڪا گهر..."

ته هڪ ڄڻي جواب ڏنو، "پهلا ماڙا" ٻلو ٽپ ٽپ ڪري ڏاڪڻ چڙهي ويو. گهر جو ٻاهريون دروازو ماڊرن نموني لڳل هو. هن ڪال بيل وڄايو ته، هڪ ڏهن سالن جي ڇوڪري اچي دروازو کوليو. ٻلوءَ

بلو اهو ٻڌي مشڪي ٿو. ۽ چائيندس ”دين محمد اڇا! انجيڪشن ڪا ڪيا هوتا؟“

دين محمد ”صاحب! ڊاڪٽر صاحب اور ميم صاحب آئسي انجيڪشن بڻاتي هين. اور مين ني ڇپ ڪر اسي بڻاتي ڪو ديکا ٿا. آگر آپ ڪو بهت ضرورت هو ت، مين ڪوشش ڪرتا هون، ليڪن ڊاڪٽر صاحب يا ميم صاحب يا دوسري ڪسي ڪو پتي معلوم نهين هونا چاهيئي، صاحب.“

بلو ”نهين نهين. مين تيرا نام نهين بتائونگا. تم بڻاڪي ديو.“

دين محمد ”صاحب! ٿورا ٽائيم ٺهرو. تو مين بڻاڪي آتا هون.“

ائين چئي دين محمد اندر ٻئي روم ۾ ويو. ٿوري دير ۾ سرينج جي دٻليءَ ۾ تاهي تيار ڪري ڪٽي آيو. ۽ بلوءَ کي ڏيئي چيائين ”صاحب! مين ني پهلي بسار بڻايا هئه.“

بلو ”يي ڪئسي لگايا جائي.“

ڪمپائونڊر ”جس آدمي ڪو لگانا هو اُس ڪي پيٽ ۾ لگادو بس! پانچ منٽ ۾ آدمي ختم هو جائيگا. ابراهيم ڀائي ني يـــي ڪسي ڪو ختم ڪرائي ڪـــي ليئي، ميم صاحب سي انجيڪشن ليا ٿا.“

بلو ”دين محمد واقعي آپ دين محمد هو. ميرا يي

دوشيزه "بامبي ۾ ڪهان ٿو ٿهرا هو؟"

ٻلو "تاج محل ۾ دو دن هون ڦر ٻمبئي جا رها هون. اگر آپ ڪي پاس ٻمبئي ڪي انڊريس هو، تو بتائيئي، تو مئن اُسڪو ٻمبئي مل اون."

دوشيزه هڪ ڊائري ڪڍي آئي ۽ انڊريس ڪيڏي ٻلوءَ کي ڏني. ٻلوءَ انڊريس پنهنجي ڊائريءَ ۾ نوٽ ڪئي.

ٻلو دوشيزه کي خدا حافظ چئي موڪلايو ۽ اچي ٽئڪسيءَ ۾ ويٺو. ٽئڪسي واري کي شاليمار هوٽل ۾ هلڻ لاءِ چيائين. ٢٠ منٽن ۾ ٽئڪسي اچي شاليمار هوٽل وٽ پهتي. "اَنت ڪم فلوس ابڪي" (ڪيترا پئسا ٿيا.)

ٽئڪسي ڊرائيور "ٿوري عربي جي ٻولي جاڻندڙ هو." انهن چيس، "صاحب ٨٠ روپيا."

ٻلوءَ ٽئڪسيءَ واري کي سوَ جو نوٽ ڏنئي شاليمار هوٽل ۾ گهڙي ويو. لفٽ ۾ چڙهي مٿي پهرئين ماڙي تي پهتو. شيشي جي دريءَ اڳيان پيل ميز تي وڃي ويٺو ۽ بيرڙ کي چڪن سئنڊوچ ۽ چانهه جو آرڊر ڏنئي، دريءَ مان رستي جو نظارو ڏسڻ لڳو، پر سندس دماغ ڪجهه سوچي رهيو هو. بيرڙ سئنڊوچ ۽ چانهه ٽري ۾ کڻي ميز تي رکي. ٻلو سئنڊوچ کائي چانهه پي بل ادا ڪري ٻاهر نڪتو. ۽ ٽئڪسي ڪري اچي گهر پهتو.

ڇوڪريءَ کان پڇيو. ”ابراهيم ڀائي هئه.“

ڇوڪرو جيستائين جواب ڏيئي ڏئي ته هڪ دوشيزه، جا شايد ابراهيم جي زال هئي، يڪدم نڪري آئي ۽ چيائين، ”وه تو آج ٻاهر گيا هئه، آندر آئيئي. ڪيا ڪام هئه؟“

ٻلو ”اُس سي ٿوڙا سا ڪام ٿا“ ائين چئي ٻلو اندر گهڙيو ته حيران ٿي ويو ته ڇا ته ڊرائينگ روم سجايل هئي، ٽيليويزن، ويڊيو ۽ سڀ ولائتي شيون هيون. فرنيچر به اُوچو ۽ ماڊرن هو. دوشيزه کيس وهڻ جي آڇ ڪئي. ٻلو اچان ويٺو مس ته نوڪرياڻي بسڪيٽ ۽ لمڪا کڻي آئي. ٻلو لمڪا جو گلاس هٿ ۾ کڻي دوشيزه کان پڇيو ته. ”ابراهيم ڀائي ٻاهر مان ڪڏهين واپس ايندو؟“

دوشيزه ”چار پنج ڏينهن ضرور لڳندس. ڇئي ڪجهه ڪونه ويو آهي.“

ٻلوءَ گلاس مان ڍڪ ڀريندي چيو، ”اڇا! ٻاهر ۾ ڪٿي رهندو آهي؟“ آواز ۾ لحضو عربن جهڙو ڪري پڇيو. دوشيزه ڇڙڪي ويئي ۽ هڪدم سوال ڪيائين، ”آپ ڪيون پوچ رهين هئه. آپ ڪا نام ڪيا هئه؟“

ٻلو هڪدم پارٽ سنڀاليندي چيو، ”مين شيخ محمد هون. ابراهيم ڀائي سي بزنيس ڪرتا هون، ٻاهر آيا تو سوچا تو ابراهيم ڀائي سي مل لون.“

سوگهو ڪري رکيو آهي؟ رپورٽ ۾ ڇا آهي ته خير؟"

ٻلو "آهي ۽ ساڳيو زهر مون هٿ ڪيو آهي سو به انجيڪشن ۾، جيڪڏهن توهين انجيڪشن سرنج مان اهو زهر ڪڍي ٽيسٽ ڪري ڏيو ته ساڳيو آهي نه مهرباني؟"

ڊاڪٽر "خوشيءَ سان توهين موڪليو يا جي چئو ته مان ماڻهو موڪليان."

ٻلو "توهين تڪليف نه وٺو مان ماڻهوءَ هٿ موڪليان ٿو. مهرباني ڪري اها خبر ڪنهن کي به پوڻ نه گهرجي."

ڊاڪٽر "توهين بي فڪر رهو. آن جي توهان ۽ مون ڪانسواءِ ڪنهن کي به خبر نه پوندي."

ٻلو "ٿئنڪيو ڊاڪٽر!" ائين چئي فون رکي ڇڏيائين ٻلوءَ پوءِ پنهنجي ڪلارڪ هٿان سرنج جي باڪس ڊاڪٽر هيرانندڻيءَ ڪي جي. جي. اسپتال ۾ موڪلي.

ٻلو بئريسٽر پوءِ اسٽڊي روم ۾ ويو ۽ ڪجهه ڪتاب ڪڍي جاچڻ لڳو ۽ ڪن ڪيسن جا نوٽس وٺڻ لڳو. ٽن ڪلاڪن کانپوءِ فون جي گهنٽي وڄڻ لڳي. شياما اچي فون کنيو. آواز آيو "ٻلو بئريسٽر هئه؟"

شياما چيو "هئه، آپ ڪا نام ڪيا هئه، صاحب؟"

آواز "ڊاڪٽر هيرانندڻي."

شياما "ايڪ منٽ صاحب." هن پوءِ ٻلو بئريسٽر

گيتا سندس ڇهڙو ٽويل ڏسي چيو، "لڳي ٿو تہ جناب جا قدم ڪاميابيءَ ڏانهن وڌي رهيا آهن."

بلو "جتي گيتا جهڙي پياري ڊرمپٽي هجي اُتي ڪاميابي خود بہ خود ڇڪجي ايندي آهي."

بلو ٻوءِ سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌايس ۽ چيائين تہ "چڱو گيتو مان ٻيو ڪَم شالا وڃي ڪپڙا مٽائي ٿو اچان."

بلو ڪپڙا مٽائي تازو توانو ٿي اچي اُنهي ڪرسي تي ويهي ٽيليفون ڊائريڪٽري کڻي جي. جي. اسپتال جو ڊائل گهمايو.

بلو "جي. جي. هاسپيٽل پليز."

آواز "يس! توهان کي ڪير کپي؟"

بلو "هائوس سرجن ڊاڪٽر هيراننداڻي."

آواز "هڪ منٽ."

آواز "ڊاڪٽر هيرانندڻي اسپيڪنگ."

بلو "هلو ڊاڪٽر هيرانندڻي گُڊ ايوننگ. مان بلو بئريسٽر ٿو ڳالهايان."

ڊاڪٽر "هلو بلو صاحب! ڪيئن هُن بعد کي ياد ڪيو اٿوَ."

بلو "ڊاڪٽر توهان کي ياد هوندو تہ وڪيل واڌورام ۽ شبنم جو خون هڪ زهر جي سئي هڻڻ سان ٿيو هو. توهان وٽ اُن خون جو نمونو يا رپورٽ لکيل آهي."

ڊاڪٽر "ها. اسان اهو خون ننڍڙيءَ شيشيءَ ۾

بلو ”هلو يار ستيش، مان بلو ڳالهائيندڙ آهيان. ڪئين ڪهڙو حال آهي؟“

ستيش ”ڊا، مسٽر بلو توهين ڪئين آهيو؟“

بلو ”مان ٺيڪ آهيان.“

”ستيش حڪم ڪريو اڄ ڪئين ياد ڪيو اٿوَ؟“

بلو ”ٻ ٽي جي فلائيٽ ۾ جاءِ آهي؟“

ستيش ”جاءِ ته ڪانهي ڇو توهين ٿا وڃڻ چاهيو ٿا؟“

بلو ”اِئين ئي سمجهه.“

ستيش ”هڪ دوست وڃي ٿو ان کي پهچڻ جي فلائيٽ ۾ سيٽ ڏيندس. ڪنهن جي نالي بوڪنگ ڪريان؟“

بلو ”بلونتسنگهه جي نالي.“

ستيش ٿهڪ ڏئي ”بلو يا بلونتسنگهه؟“

بلو ”يار. ٽڪيٽ بلونتسنگهه سردار جي نالي بوڪ ڪر. اها خبر آئوٽ نه ڪج.“

ستيش ”مسٽر بلو مون سمجهو. اها خبر ظاهر نه ٿيندي. توهانجي سيٽ بوڪ سمجهو. فلائيٽ رات جو ٢ بجي اٿوَ.“

بلو ”او ڪي! ٿئنڪ يو، وري ملج.“

ائين چئي بلو ”فون جو چوغو فون تي رکي گيتا کي چيائين ته ”گيتا منهنجي بئگ تيار ڪج. رات واري فلائيٽ ۾ ٻ ٽي ويندس.“

بلو پوءِ پنهنجي روم ۾ ويو ڪجهه سامان کڻيائين

کي چيو، "صاحب ڊاڪٽر هيرانندڻيءَ ڪا فون هي."

بلو فون جو چوغو کڻي چيو "هلو ڊاڪٽر هيرانندڻي ڪجهه خبر آهي؟"

آواز "توهان کي ان لاءِ ته فون ڪيم. مسٽر بلو مون ٻئي زهر ڪيميڪل انئلائيز ڪيا. ٻئي ساڳيا آهن."

بلو جو منهن ٽڙي پيو. خوشي مان چيائين "ويري گڊ. ڊاڪٽر ٿئنڪ يو، ويري مچ. رپورٽ ۽ سئمپل سوگها رکجو." ائين چئي فون جو چوغو فون تي رکيائين. گيتا کي سڏ ڪري چيائين، "ڏٺئه گيتا! ڊاڪٽر هيرانندڻيءَ جو هينئر فون آيو ته ٻئي زهر ساڳيا آهن. هاڻ سگهه ملي ويو."

گيتا "توهين جنهن ڳالهه ۾ هٿ وجهو تنهن ۾ ڪاميابي نه ملي اها اڻٿيڻي ڳالهه آهي."

بلو "سوئيٽي مونکي ان ڏينهن لاءِ ٻئي وڃڻو هوندو ۽ جاچ ڪرڻي پوندي. ابراهيم ۽ جوليءَ جو پتو ڪڍڻو پوندو."

گيتا "ٻئي سياڻي وڃو هالڪ آهن."

بلو "تون خيال نه ڪر." ائين چئي هن فون جو ڊائل ڦيرايو "ايئر انڊيا آفيس. هلو مسٽر ستيش جي هي!" آواز آيو "مون مدت ڪنيڪشن ڏيني هون."

پوءِ منٽن ڪانپوءِ آواز آيو. "هلو مئن ستيش هون، آپ ڪون صاحب هي؟"

۾ ڪار به اچي پورچ ۾ بيٺي. چوڪيدار اٿي ڪٽي ڪار ۾ رکي. ڊرائيور بلوءَ کي سودار جي ويس ۾ ڪونه سڃاتو ۽ بلوءَ به نٿي چاهيو ته ڪيس خبر پوي ته مان بلو آهيان! هن پنجابيءَ جي لهجي ۾ چيو، ”ايئر پورٽ.“

بلوءَ گيٽا کي ٽاٽا ڪئي ۽ ڊرائيور سلام ڪري ڪار هلائي. ڪار هوا سان ڳالهيون ڪندي مني ڪلاڪ ۾ ئي اچي شانتاڪروز هوائي اڏي تي پهتي. بلوءَ اٿي ڪٽي ڊرائيور کي پنج روپيا خرچي ڏني. هن سلام ڪيو. بلو ايئر انڊيا جي اسٽال تان پنهنجو سيٽ نمبر ۽ ٽڪيٽ ورتي. هن پاسپورٽ وغيره ڏيکاريو ۽ اچي اندر هوائي جهاز ۾ پنهنجي سيٽ تي ويٺو.

(١٧)

صبوح جو ٦ بجي سورج جي ڪرڻن اڃان ٽوڙي روشني ڪئي هئي ته مٺو سهڻو آواز آيو. جيڪي اڌ ننڊ ۾ هئا، يا ننڊ ۾ هئا تن اهو آوازي ٻڌي زوريءَ اکيون کوليون. ايئر هوسٽيس جو آواز هو. ”سائيو اسين ٻمبئي جي انٽرنيشنل ايئر پورٽ تي ڏهن منٽن ۾ لهنداسين. جيڪي هتي لهڻا آهن سي مهرباني ڪري تيار ٿي وڃن ۽ بيلٽ مهرباني ڪري ٻڌي ڇڏيو.“

ڏهن منٽن ۾ ايئر انڊيا جو هوائي جهاز اچي ٻمبئي جي ايئر پورٽ تي لٿو. بلو بٽريسٽن پنهنجي اٿي ڪٽي

ڪئميرا ۽ ٽيپ رڪارڊ ننڍڙو پاڪيٽ سائيز ۾ ڪنديائين، ٻئو ورِي پنهنجي ميڪ اپ روم ۾ ويو. اُتي ڪلاڪ کن ۾ ميڪ اپ روم مان ٻلوءَ جي بدران هڪ سردار پڳڙي سان ٻاهر نڪتو. گيتا ڪيس ڏسي مُرڪي چيو ”ڊيئر ڪير ٻه ڪونه چوندو ته ڪو توهين ٻلو ٽرپاٺي آهيو. برابر ٻلونت سنگهه ٿا لڳو.“

ٻلو ”ڊيئر انٽرنيشنل جاسوسيءَ جو امتحان پاس ڪيو اٿم. اَڄ ٻه لنڊن جي سڪاٽلينڊ يارڊ جا ڪرمچاري مڃيندا آهن ته جڏهن لنڊن ۾ پڙهي پاس ڪيم ته يڪدم ڇپائون ته هتي نوڪري ڪر. پر مون کين جواب ڏنو جو مونکي وڪالت ڪرڻي هئي.“

گيتا ”ڊيئر! تڏهين مان چوان ته توهين جاسوسيءَ ڪرڻ ۾ اهڙا اُڪابر ڪئين ٿيا آهيو. سڀن بيقصورن کي آزاد ڪرائي ڏوهارين کي سزا ٿا ڏياريو.“

ٻلو ”چڱو شياما کي چئه ته ماني لڳائي.“

شياما ايتري ۾ ماني ٽيبل تي لڳائي. ٻلوءَ گيتا ماني کاڌي، اُتي اَڃا ١٢ لڳا هئا. ٻلوءَ چيو، ”گيتا هاڻي هلڻ گهرجي ڇو ته مئو ڪلاڪ کن ڪار ۾ لڳندو. ۽ اُتي جو احوال وٺڻو آهي.“

گيتا ”ٺيڪ آهي. مان ڊرائيور کي چوان ٿي ته ڪار ٻاهر ڪڍي.“

ٻلو گيتا کي ڀاڪر پائي مٺي ڏيئي موڪلايو. ايتري

ٽڪسي وارو ”صاحب! اڄ سنڌ ۾ سنڌين جي اکين ۾ پاڻي آهي. هو توهان هندو سنڌين کي سڏي رهيا آهن. توهان هندن کانسواءِ اسانجو ٻرو حال آهي. اسانجي وڏن جي بيوقوفي هئي. هنن ٻهرين سمجهو ته پناهگيرن سان ملي توهان هندن کي لڏايون. توهان جا مال ملڪيتون سنڌي مسلمانن کي ملنديون پر جڏهين انهن ڏٺو ته پناهگيرن نه رڳو سنڌي هندن جون ملڪيتون قبائي ويا آهن، پر سڄي سنڌ ٿا ڳرڪائڻ چاهين، اسان جي پيرن ۽ ڏيڍن ۾ ٻريون اکيون آئن، تڏهن هو سجاڳ ٿيا. صاحب چريا ڇڳه گهي ڪيت وارو حساب آهي. پنجابي ٻهاري پناهگيرن مسلمان سڄي سنڌ تي ڇانئجي ويا آهن. هاڻـــي اسانجا وڏا وينا پڇتائين. نوجوان ۾ وڏن ”جئه سنڌ“ هلچل هلائي آهي. ڪيترا سنڌي نوجوان جيلن ۾ اندر آهن. ڪيترا ڦاسيءَ تي چڙهيا آهن. هاڻ اسان جا بزرگ چون ٿا ته هنن کان ته اسان جا هندو سنڌي ڀائر سو ڀاڱا سٺا هئا ۽ دک سک ۾ ڀاڱي ڀائي هئا. توهان جون ڳالهيون ڪري اکين ۾ پاڻي آڻيندا آهيون. توهان سنڌي هندو هندوستان ۾ سکي آهيو نه؟“

بلو ”ها ڀائي! تمام سکي آهيون. پر جنم ڀوميءَ جي وڇوڙي جو اڄ به زخم تازو آهي. اسانجي ٻوليءَ ۽ ساهتيه کي ورهاڱي زبردست ڌڪ هنيو آهي.“

ايئر پورٽ لنگهي ٻاهر آيو. اُتي ڪام ٽيڪسيون ۽ ٻيون ولائتي ٽيڪسيون بيٺيون هيون. ٻلو ٻيو ٽيڪسيون اچان ڪجهه سوچي اُسي رهيو هو، ته هڪ ڊرائيور ڪيس سلام ڪري چيو، "توهين هندوستاني آهيو. توهان کي ٽيڪسي گهرجي؟"

ٻلو ڪنڌ سان ها ڪئي. ٽيڪسيءَ واري چيس، "صاحب هڪ منٽ ۾ ٿو اچان." ائين چئي هو ٻه ٽن منٽن ۾ موسيبلن ٽئين ٽيڪسي ڪٺي آيو. ۽ دروازو کولي چيائين، "صاحب آئيٺي."

ٻلو اُٺجي پنهنجي رکي ڊرائيور سان گڏ جي اڳي اڳيان ويٺو. ٽيڪسي واري چيو "صاحب ڪيڏانهن هلون."

ٻلو "اسٽيوريا هوٽل."

ٽيڪسي واري رستي ۾ پڇيو، "صاحب توهين پنجابي آهيو؟"

ٻلو چيس "نه مان سنڌي آهيان."

ٽيڪسيءَ واري جو سنڌي لفظ ٻڌي منهن ٻهڪي ويو ۽ چيائين، "صاحب مان به سنڌي آهيان. سنڌ ۾ ڪٿي رهندا هئا؟"

ٻلو "حيدرآباد، هيرآباد ۾. توهان ڪٿي رهندا هئا؟"

ٽيڪسي وارو "صاحب مان سلاٽن جي پاڙي ۾ رهندو هوس."

ٻلو "سنڌ جو ڪهڙو حال آهي؟"

بلوءَ چيس ته "مان ٿورو آرام ڪري شايد شام جو نڪران."

سليم "ٽئڪسي اسٽينڊ جو فون نمبر ھيءُ آھي. يا انسٽوريا ھوٽل جي مئنيجر کي چوندا ته سليم سنڌيءَ ٽئڪسي واري کي گهراءِ ۽ مان اچي حاضر ٿيندس."

انھن ٻنھي ھٿ ھٿ جوڙيا. بلوءَ به کيس ھٿ جوڙي موڪلايو. چوڪيدار بلوءَ جي اٽيچي کڻي ھوٽل ۾ اندر ويو.

بلو ڪائونٽر تي رسيپشنسٽ وٽ آيو "مسٽر ابراھيم ھتي رھيل آھي؟"

رسيپشنسٽ رجسٽر ڏسي چيو، "يس سر. مسٽر ابراھيم پنھنجي زال سان ھتي رھيل آھي."

بلو "ھو ڪھڙي روم ۾ ٿو رھي؟ سندس پاسي ۾ روم خالي آھي؟"

رسيپشنسٽ "سائين ھو روم نمبر ٢٠٦ ۾ ٿو رھي. ٢٠٧ روم اڄ صبوح جو خالي ٿي آھي. ۽ مسٽر ابراھيم ۽ سندس زال ٻئي نڪتا آھن."

"بلو "ٺيڪ آھي مونکي پــل ٢٠٧ روم ڏيو."

رسيپشنسٽ بيئرر کي سڏي چيو "صاحب کو ٢٠٧ روم ۾ ليڪي جائو."

بيئرر لفٽ ۾ بلوءَ کي ٻه ماڙ تي وٺي آيو؟ ٢٠٧ روم جي چابيءَ سان دروازو کولي اندر گهڙيو. بلوءَ سندس

ٽئڪسي وارو "صاحب! توهان جيئانند لعلواڻي کي سڃاڻو جيڪو سنڌ ۾ 'ڀارت جيون' اخبار ڪڍندو هو. تلڪ روڊ، حيدرآباد سنڌ ۾ رهندو هو."

بلو "ها! مان کيس سڃاڻان. اڃا تائين هو سنڌي اخبارون، ڪتاب ۽ ساهتيه ڪڍندو آهي. هن کي سنڌي ساهتيه لاءِ اڳن آهي."

ٽئڪسي واري "صاحب هندوستان موٽي وڃو ته ان کي منهنجا سلام ڏجوس چئجوس محمد يوسف جي پٽ سليم توهان کي ياد ڪيو آهي. صاحب هن ئي مونکي مئٽرڪ تائين پاڙهيو هو."

بلو "مان کيس توهان جا سلام ڏيندس."

ايتري ۾ ٽئڪسي اچي انسٽوريا هوٽل جي پورچ ۾ پهتي.

ٽئڪسي واري لهي اچي ٽئڪسيءَ جو دروازو کوليو ۽ بلو چيس، "ته ڀائي ڪيترو ڀاڙو ٿيو؟" ٽئڪسيءَ واري هٿ جوڙي چيو، "صاحب! توهين منهنجا سنڌي ڀاءُ آهيو، توهان کان ڀاڙو وٺان، حيف آٿم."

بلوءَ چيس "ڀائي سليم هي منهنجو ڌنڌو آهي، ڌنڌي ۾ پئسا وٺڻ روا آهي." ائين چئي بلو، "٥٠ ريال ڪڍي ڏنس. سليم وٺڻ جي نه ڪئي ته بلوءَ چيس ته هي منهنجي ٻارن ٻارن کي مٺائي وٺي ڏج."

"سائين توهان گهمڻ نڪرندا؟"

ٺڳيائي ڇڏ. هون ڪيس ڇهو آهي ته ڪيترو نه خرچ اچئي جنهن ٻاهر هن ڪيس مان نڪري وڃي، ڇو ته هو هڪ حرامزادو آهي. هون ڪيس ڇهو آهي ته ٻلو جي لالچ ۾ نه اچي ۽ نه نڪري ته ڪيس ختم ڪيو وڃي. سالي شبنم جو ڏيو ڏکه اٿم. جهڙو نالو هوس تهڙو بدن ريشم جو هوس. سالي ۽ جي پٺيان مان هيترو پيس پر مونکي نفرت سان ڏسندي هئي. هن ڪافر واڌورام سان وڃي ٿهي. پياري تون ڪيس سهندي ڪونه هئينءَ نه. توکي ڊپ لڳو ته مان هنجي ڇنبي ۾ اچي ويندس، ته مان توکي ڪونه ڇڏيندس. مان مسلمان آهيان. مڙد آهيان چار چار شاديون ڪري سگهان ٿو. اٺ اٺ سريتون رکي سگهان ٿو. هون وٽ جام پئسو آهي. سالو محمد سليم مفت ۾ جيل جون چڪيون پيو پيهي، ۽ جلدي خدا جو پيارو ٿي ويندو. سالو شبنم جي ڪري مون سان وڙهيو. هاڻ شبنم پنهنجي يار واڌورام سان گڏ دوزخ جون هوائون وٺي ڪائي. ويچارو واڌورام مفت ۾ ڪسجي ويو. جولي تو به ڪمال ڪئي ڊاڪٽر کان زهر جي سئي هڻڻ جو ٻوڙو ٻوڙو فائدو ورتو. اهڙيون نه ٻنهي کي سئيون لڳيون جو اُلي جو اُتي ختم ٿي ويا."

جولي "جنهن مون توکي ڊاڪٽر وٽ ايندو ڏٺو هو تنهن توکي عاشق ٿي پيس. ورتي ڏٺم ته، تون

پٺيان گهڙيو اٿي رکي بلوءَ کي چيائين صاحب کجهه ناشتا وغيره لائون؟ بلوءَ ڪيس آمليٽ، ٽوسٽ، مکڻ ۽ چانهه جو آرڊر ڏنو. بلو بيئرر جي وڃڻ ڪانپوءِ چوڌاري روم کي ڏٺو. هن ڏٺو ته روم نمبر ٢٠٦ ۽ ٢٠٧ جي وچ دروازو آهي. وچ ۾ ڪي هول آهي. ڪي هول مان نهارڻ سان ٢٠٦ روم جو گهڻو حصو ڏسڻ ۾ ٿي آيو. بلوءَ جو منهن ٽڙي پيو. تنهن وچ باٿ روم ۾ ويو. سنان پاڻي ڪري آيو ته ايتري ۾ بيئرو ناشتو به کڻي آيو. بلوءَ ناشتو ڪاڏو. بيئرو باسڻ کڻي ويو.

ايتري ۾ روم نمبر ٢٠٦ جي دروازي کولڻ جو آواز آيو. بلوءَ کي هول مان ڏٺو ته جولي ۽ ابراهيم ٻئي هڪ ٻئي جي ڀاڪر ۾ هئا ۽ اندر داخل ٿيا؟ ۽ هو ٻئي پيتل لڳي رهيا هئا. سندس پلنگ بلوءَ جي دروازي لڳ هو ۽ اچي پلنگ تي وينا. بلوءَ پنهنجي اٽيچي کولي اُن مان ڪئميرا ڪڍي، ڪي هول مان سندن فوٽو ورتا ۽ پوءِ مائيڪ ۽ ٽيپ رڪارڊ ڪڍيو، مائيڪ کي هول وٽ رکيو ۽ ٽيپ رڪارڊ پلنگ تي رکيو ۽ ڪن ۾ ٻڌڻ جو اوزار هيئر ايڊ وڌو.

نشي ۾ انسان سڀ ڪجهه جيڪو اندر ۾ هوندو اُنس سو چئي ڏيندو آهي. ابراهيم به نشي ۾ هو. جوليءَ کي چيائين ته اڄ "قاسم جو فون آيو، هن ٻلو بئرسٽر کي ذمي ڏني آهي ته ڪيس مان هٿ

ڪجهه قربان ڪندي آهي ۽ جي ڪنهنجي برخلاف اُي ته انجو لڏو ڪٽائيندي آهي.“

ابراهيم يڪدم جوليءَ کي ڀاڪر پائي منهن ڏيڻ لڳو.

”بلو ڪن مان هيئر هيڊ ڪڍيو ۽ ٽيپ رڪارڊ جو مائيڪ ڪڍي پنهنجي اٽيچي ۾ بند ڪيو. بلو خوش هو ته ايشور ڪيس ٿوري وقت ۾ ڪامياب ڪيو هو. ڪيس ٿڪ ڏايو هو ان ڪري هن آرام ڪرڻ چاهيو. پلنگ تي ليٽي پيو، ته ٿوري وقت ۾ ڪيس گهري ننڊ اچي ويئي.“

آٽڪل شام جو ۴ بجي سندس اک کلي. هن ويچار ڪيو ته منهنجو ڪم پورو ٿيو آهي. دبئي ۾ اڳم ڏهه سال آيو هوس هيئنر دبئي جو رنگ ئي ڦري ويو آهي چونڊ هڪ ڏينهن رهي دبئي گهمي وڃان. ان وچ ۾ هن بامبي ۾ ٽرنڪ ڪال ڪيو ۽ گيتا اچي فون کنيو ”سوئيٽي! منهنجو ڪم ايشور جلد پورو ڪري ڇڏيو. جنهن خيال کان هت آيو هوس. مان سپاٽي جي فلائيٽ ۾ ايندس. ڇا رات جو بمبئي پهچندي. سڀ روبرو. خيال اٿم دبئي آيو آهيان ته ٿورو گهمي ڦري اچان. السي جي ڪا خبرچار؟“

گيتا ”هتي سڀ ٺيڪ آهي ڪيس جمع ڏينهن هلندو. اڄ منگل آهي. وش يو گڊ لڪ.“

بلو ۽ پوءِ انٽرڪام فون تي هوٽل جي مئنيجر کي

شبنم جي پٺيان چريو آهين ان ڪري سهي نه سگهندس. پر ڳالهه مون سان ساڻ ٿيو جو شبنم واڌورام جي عشق ۾ ڦاسي ويئي ۽ تون منهنجي لاءِ ٻاچي وٺين، ۽ توکي محمد سليم کان وٺي وڃڻ لاءِ منهنجي ضرورت پيئي. مون شبنم کي ان ڪري ختم ڪيو ته جيئن تون وري مون کان ڦري نه وڃين." ائين چئي هن ابراهيم کي ڀاڪر پائي ڪس ڪئي

ابراهيم "سالي تون هوشيار آهين. ڊاڪٽر ڪني آمريڪا ۾ موڪلي ڇڏينس." ۽ جوليءَ کي زور زور سان ڀاڪر پائڻ لڳو.

جولي "جي ائين نه ڪريان ها ته شبنم ۽ واڌورام ڪيئن ختم ٿين ها. تون ۽ مان ٻئي گڏ هئي مون ڪيئن ملهايون ها."

ابراهيم "جولي آئينده جي لاءِ تو ڪهڙو ويچار ڪيو آهي؟"

جولي "بامبي ۾ هلنداسين. ڊاڪٽر آمريڪا مان موٽندو ته کيس طلاق ڏينديس ۽ پوءِ تنهنجي وائيف ٿي رهنديس."

ابراهيم "ڊيئر تون تمام هوشيار آهين آڳير ٿي پلٽن تاهي رکيو آئيٽي."

جولي "ٺلهين چا؟ عورت ڪنهن کي پيار ڪندي آهي ته جيءَ جان سان ڪندي آهي. ان لاءِ سڀ

آهن. هتي انڊين ائسوسيئيشن آهي. ان ۾ ٻه گهڻا
ڪارپرداز سنڌي آهن. هيءَ ٻيٽ جو بندر آهي. هيءَ
ڪارلٽن هوٽل آهي. ٻيٽ پڻ ٽن ملڪن سان گڏيل
آهي. هڪ ٻيٽ، ٻيو شارجاه، ٽيون اجمان ۽ چوٿون
راس ال - کيماه. چارئي ملڪ هڪ ٻيٽ ۾ گڏيا پيا
آهن، پر حڪومت جدا جدا ڇئن شاهن جي هٿن ۾
آهي. ٻيٽ جا شاهي رستا، عماريون، بندر ڏسي
ٻلو پٽرپسٽر ويچارڻ لڳو ته اڳي ڏهه سال آڳو هوس ته
رڃ لڳي پيئي هئي پر اڄ رونق لڳي پيئي آهي. ٻلوءَ جا
جيتوڻيڪ ٻيٽ ۾ ڪيترائي واقف هئا پر هندوانئن
سان گڏجڻ ڪري پيد ڪلي وڃي ها. ان ڪري هن
هي ٽوپ اکل تي رکڻ چاهي. سليم کي چيائين، "پائي
هاڻ موني هوٽل ۾ هل ڊپر ٽي وڃي آهي." سليم
مشڪي چيو، "صاحب سنڌين جي محفل رات جو
١٠ بجي ڪانپوءِ شروع ٿيندي. رات جو ٣-۴ بجي تائين
پيئي هلندي آهي." ٻلو مشڪي چيو، "سليم مان
ٿڪل آهيان. سپاڻي، تون منجهند جو اچج، مون کي
ايئرپورٽ تي وٺي هلج. جو مان سپاڻي موٽي ويندس."
سليم "حاضر" چئي هن ٽئڪسي ائسٽوريا هوٽل وٽ
اچي بيهاري. ٻلو ان کي پاڙو ڏيئي اندر آيو. هو ٻئي
هال ۾ گهڙيو جتي گهڻيئي ماڻهو وينا هئا. ٻلوءَ ڏٺو ته
جولي ۽ ابراهيم هڪ ٽيبل تي وينا هئا. سنڌين پنيان

چيو، "سڀاڻي ٻاهبي لاءِ ايئر لائن يا فلائيٽ ۾ مونهنجي لاءِ هڪ سيٽ بوڪ ڪرايو."

مئنيجر "حاضر" چئي وري ٿوري وقت ۾ فون ڪيو "سردار جي لوهانجي سيٽ بوڪ ٿي ويئي."

ٻلو "ٿئنڪس مهرباني ڪري سليم سندي ٽئڪسي واري کي گهرائيندا."

مئنيجر "حاضر صاحب!" ٢٠ منٽن ڪانپوءِ فون آيو "سليم ٽئڪسي وارو ٽئڪسي کڻي ٻاهر بيٺو آهي."

ٻلو "مان اچان ٿو." چئي ڪپڙا پائي ٻاهر نڪتو.

ٻلو هوٽل کان ٻاهر آيو ته سليم ٽئڪسيءَ جو در کولي سلام ڪيو.

ٻلوءَ به کيس سلام جي موٽ ڏيئي چيو ته "سليم مونکي دبئي گهمائي آهي." سليم ٻلوءَ کي سڄو شهر گهمايو. وچ وچ ۾ ٻڌائيندو هليس ته صاحب هندوستانين اچي دبئي جي ڪايا ئي پلٽي ڇڏي آهي. هي ڏگهيون عمارتون، هوٽلون، جڳهيون وندر جا هنڌ گهڻو ڪري هندوستانين ٺاهيا آهن. انهن ۾ سنڌين جو گهڻو هٿ آهي. صاحب هي جيڪو اسڪول ڏسو ٿا سو انڊين هاءِ اسڪول آهي. جنهنجو پرنسيپال سنڌي مسٽر مولچي پرڪاش آهي. هن ۾ گهڻو حصو سنڌين دان ڪيو آهي. هي مندر به سنڌين جو ٺهيل آهي. هنکي مجرا بزار چوندا آهن. هتي به سنڌين جا گهڻا دوڪان

۾ ويو ٿي. وي ڪولي ڪپڙا مٽائڻ ويو ۽ پوءِ ٿي. وي رنگين ڏسڻ ويٺو. ١٢ بجي ٿي - وي بند ڪري سمهي پيو.

ٻئي ڏينهن صبوح جو بلو ٻئريسٽر آئي پنهنجو ڪم ڪار لاهي باغ ۾ هوا خوري لاءِ ويو. موٽي نيرن ڪري پنهنجي ڊائريءَ ۾ نوٽس وٺڻ ويٺو.

منجهند جو لنچ هن پنهنجي روم ۾ گهرائي. اٽڪل ٢ بجي ڪيس انٽر ڪام تان مئنيجر فون ڪيو ته سليم ٽئڪسي وارو آيو آهي. ”بلو چيس اچو ته اچان.“ ائين چئي هن اٽيچي لاهي. پٿرالي اٽيچي کڻي هيٺ آيو. هن بل چڪتو ڪيو ۽ پٿوالي ۽ چوڪيدار کي بخشيش ڏئي اچي ٽئڪسي ۾ ويٺو. ٽئڪسي هوا سان ڳالهيون ڪندي اچي ڊبئي انٽر نئشنل ايئر پورٽ تي پهتي. بلو سليم کي ڀاڙو ڏئي ۽ ڪيس سو ريال (ڊبئي جو سڪو) خرچي طور ڏنا. سليم وٺڻ جي نه پيو ڪري پر بلوءَ چيس ته منهنجي پاران ٻارن کي ٽول وٺي ڏج. سليم کيس دعائون ڪرڻ لڳو.

(١٨)

رات جو ١٢ بجي بلوءَ جو فلائيٽ اچي شانتاڪروز انٽر نئشنل ايئر پورٽ تي لٿو. بلو ٻاهر نڪتو ته هن پويان گيتا کي ڏٺو. موسيٰ بس ڪار ۾ ٻئي اچي ويٺا. ڪار ۾ ئي بلوءَ آهستي گيتا کي سڀ خبر چار ڏني.

هڪ ٽيبل خالي هئي ٻلوءَ ان تي اچي ويٺو. بيئرر ٻلوءَ کان آرڊر وٺڻ آيو. ٻلوءَ وسڪيءَ جو هڪ پيگ گهرايو ۽ ڪاڌي جو آرڊر ڏنو.

ٿوڙي وقت ۾ وسڪيءَ بيئرو کڻي آيو. ٻلو اهو آهستي آهستي پيئڻ ويٺو ۽ پٺيان ابراهيم ۽ جوليءَ جون ڳالهيون ٻڌڻ لڳو.

ابراهيم "ڊيئر جولي. محمد سليم جو ڪيس جمع ٿي آهي. منهنجي مرضي آهي ته پرهين ٻامبي ۾ موٽي هلون، ڇو ته مونکي سرڪاري شايد ڪري بيهاريو ويو آهي ۽ ڏسون ته محمد سليم حرامزادي جو ڪهڙو حال آهي. ڪيس هٿڪڙين ۾ ڏسي منهنجون اکيون ٺڌيون ٿينديون، مونکي ڏاڍي خوشي ٿيندي."

جولي "ڊيئر مان پاڻ چاهيان ٿي ته متان ڊاڪٽر نه موٽي اچي. اُن کان اڳ ٻامبي ۾ هجون؟ شايد هو ايندڙ سومر تي پهچي. ٻه هفتي ڪن ۾ ڪيس طلاق ڏيندس."

ابراهيم "سٺو. منهنجي فلئٽ ٻه وڏي سٺي آهي. هال تون اُتي رهج." ايتري ۾ بيئرر ڪاڌو کڻي آيو جنهن ڪري هو ڪاڌي کائڻ ڪي لڳي ويا.

ٻلوءَ جو ٻه ڪاڌو آيو، هو ٻه کائڻ لڳو. ايتري ۾ ابراهيم ۽ جولي ڪاڌو کائي پورو ڪري اُٿي پنهنجي ڪمري ۾ هليا ويا ۽ ٻلو ٻه ڪاڌو کائي پنهنجي ڪمري

چوغو پائي هال ۾ گهڙي ۽ ان سان گڏ هڪٻي برقعي ۾
۾ فاطما ۽ ڪلارڪ. ڪلارڪ ڪيس جا ڪتاب ٽيبل تي
رکيا. گيتا ڪلارڪ کي اشارو ڪيو ته فاطما کي ڪرسيءَ
تي وڃي ويهار ايتري ۾ ڪيترائي وڪيل ڪيس
چوڌاري ورائي ويا ۽ پڇڻ لڳا، ”گيتا ديوي ڀلو ڪونه
تو ڏسڻ ۾ اچي؟“

گيتا چيو ”ڊهليءَ ۾ امپارٽنٽ ڪيس هلائڻو هوس
ان ڪري ڊهلي ويو آهي“. ايتري ۾ سرڪاري وڪيل
مسٽر ڊسوزا به گيتا ديوي کي گوڊ مارنگ ڪري
ڪيڪاريو ۽ ڀلوءَ جو پڇيو ان کي به ساڳيو جواب ڏنائين.

ايتري ۾ انسپيڪٽر شاهاڻي جوابدار محمد سليم کي
ڪورٽ ۾ وٺي آيو. اڳيان ۽ پٺيان ان جي پوليس پهرو
هو. ڪيس پڃري ۾ اچي ويهاريائون.

ايتري ۾ ڪورٽ جي گهڙيال يارنهن جا ٺڪاءَ هنيا
ته منچ جي پٺيان دروازي کولڻ جو آهستي آواز آيو.
دروازي جي چيچات مان سڀني سمجهو ته مئجسٽريٽ
مسٽر سپي اچي رهيو آهي. ايتري ۾ ڪورٽ جي
ڪلارڪ چيو ”سائلينس پليز! (ماٺ ڪريو.)“

سڀئي اُهو آواز ٻڌي باادب اٿي بيٺا. فاضل
مئجسٽريٽ جي ڪرسيءَ تي ويهڻ سان سڀئي وڪيل
۽ درشڪ پنهنجي پنهنجي جڳهين تي ويهي ويا.

مئجسٽريٽ سپي ڪورٽ ۾ درشڪن جي ڀيڙ ۽ هال

گهر اچي ٽيپ رڪارڊ ۾ وڃائي ڏيکاريو جنهن ۾ جولي
۽ ابراهيم پنهنجي زبانيءَ ۾ قبول ڪيو هو ته هوئي
خوني آهن.

ٻلو ”ڀيڻ منهنجي مرضي آهي تہ ڪيس جيڪو
پوليس ٺاهيو آهي. ليڪن هيٺين ڪورٽ ۾ هلي، سيشن
۾ هلي ته پوءِ سڀ ڏوهارين کي قانون جي هٿ ۾
ڏيو. ڇو ته سپاٽي مونکي دهليءَ جي سپريم ڪورٽ ۾
هنڪرداس جو ڪيس هلائڻو آهي، ۽ مان چاهيان ٿو
ته سيشن ڪورٽ ۾ سنسني ڦهلجي.

گيتا ”مون ته اهوئي خيال ڪيو آهي هينئر رات
جا ٻه لڳا آهن هينئر ته سڀهون سپاٽي جا ڀاڳ
سپاٽي سان.“

ائين چئي هن ٻئي وسائي ٻلوءَ ڪسي پاڪر پاتو ۽
ٻئي سمهي پيا.

اڄ ايسپلنيڊ ڪورٽ ۾ ڇا نه پيڙ لڳي پئي هئي.
وڪيل پنهنجا ڪيس پوسٽپون ڪرائي واڌورام وڪيل
جو ڪيس ٻڌڻ لڳا. هڪڙو ته واڌورام وڪيل مشهور سنڌن
شهر جي وڪيل هو ۽ ٻيو هن ڪيس جي پيروي
ٻلو ٻئرسٽر ۽ سندس ڌرمپتني گيتا ديوي ڪري رهيا
هئا. مئجسٽريٽ سڀني جي ڪورٽ درشڪن ۽ وڪيلن
سان ٽمٽار هئي. پوليس جو بندوبست به ڏاڍو سٺو
رکيو ويو هو. ٿوريءَ وقت ۾، گيتا ديوي ڪاري

ته هوءَ ٻه چلن آهي ۽ واڌورام وڪيل سان ٺهيل آهي. ان ڪري ئي محمد سليم ٻنهي کي خون ڪري ڇڏيو. ٻيو ڪو خون ڪري ها ته شبنم کي ٢٥ هزارن جا زيور پيا هئا سي ڪڍي وڃي ها ۽ واڌورام وڪيل جي پرس ۾ هزار جا نوٽ پيا هئا سي به ڪڍي وڃن ها. يوئر ورشپ! اهي مکيه بيان آهن جن جي آڌار تي جوابدار سليم کي پوليس خوني ٿي سمجهي. انڪري منهنجو عرض آهي ته هي ڪيس سيشن ڪورٽ ۾ هلڻ گهرجي."

مسٽر سچي مئجسٽريٽ، گيتا ديوي ڏانهن نهاريو.

گيتا اٿي چيو "يوئر ورشپ! توهين بلاشڪ جوابدار کي سيشن ڪورٽ ۾ ڪمٽ ڪريو. هن منزل تي مونکي ڪجهه به شاهد کان آڏي پڇا ڪرڻي ڪونهي. مان سيشن ۾ ڪندس."

مئجسٽريٽ "ٿئنڪ يو مسز گيتا ديوي!" فاضل مئجسٽريٽ آرڊر لکي جوابدارن کي سيشن ۾ ڪمٽ ڪيو. اهو آرڊر جڏهن بينچ ڪلارڪ اٿي پڙهيو "جوابدار جو ڪيس انڊين پينل ڪوڊ جي دفعي ٣٠٢ يعني خون جي قلم هيٺ اچي ٿو انڪري هي ڪيس سيشن ۾ هلندو."

جڏهن بينچ ڪلارڪ جي انهي اعلان ڪورٽ ۾ ويٺل وڪيل، درشڪ جي هي ڪيس ڏسڻ آيا هئا تن اوس

پيل ڏسي سگهيو. مئجسٽريٽ جڊيشل ڪلارڪ کي اشارو ڪيو جنهن ڪيس جا ڪاغذ کڻي ڪيس جو نمبر پڪاريو.

انهيءَ تي مسٽر ٻسوزا سرڪاري وڪيل اُٿي بيٺو ۽ چيائين ”يوئر ورشپ! سرڪار جي پاران ڪيس ۾ مان وڪالت ڪري رهيو آهيان.“

مسٽر ٻسوزا جي ويهڻ تي مسز گيتا با ادب اُٿي بيٺي ۽ چيائين ”يوئر ورشپ! جوابدار پاران مان ۽ مسٽر ٻلو ٻئريسٽر وڪيل آهيون.“

ٻسوزا ”يوئر ورشپ! هي خون جو ڪيس آهي جنهن جي ڪارروائي سيشن ۾ هلڻي آهي. هن وقت رڳو توهانکي اهو ڏسڻو آهي جو شاهدن جي بيانن مان ظاهر آهي ته واڌورام وڪيل ۽ شبنم جو خون محمد سليم ڪيو آهي.“

گيتا اُٿي چيو ”يس يوئر ورشپ! بيانن جا نقل مونکي مليا آهن.“

ٻسوزا ”يوئر ورشپ! فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ وٽ پهرين محمد سليم قبول ڪيو آهي ته هو زال جو خوني آهي. ان ڪانسواءِ سنڌس اڳيون نوڪر ابراهيم ۽ ڊاڪٽر جو پوسٽ مارٽم جي رپورٽ ۽ سنڌس گهر جي نوڪر جي بيانن موجب محمد سليم کانسواءِ ٻيو ڪو خوني ٿي نٿو سگهي. محمد سليم کي زال ۾ شڪ هو

ڪورٽ جي ڪلارڪ آواز ڪيو ”سائليئنس پليز. ماٺ ڪريو.“ سيشن جج منچ تي آيو ته سڀ وڪيل ۽ هال ۾ ويٺل درشڪ با ادب اٿي بيٺا.

جج ماڪيجاڻي اچڻ سان وڪيلن ۽ درشڪن جي اڳيان ٻيهر ڪنڌ نوايو جنهن جي جواب ۾ به وڪيلن ۽ درشڪن ڪنڌ نوايا. جج ڪرسيءَ تي ويٺو. ٻئي سرڪاري وڪيل مسٽر شهنواز ۽ مسٽر بلو بئريسٽر ڏانهن نهاري چيائين، ”ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته ٻئي نامور وڪيل هڪ ٻئي سان دوبدو ٿيڻ لاءِ تيار ٿي آيا آهن ۽ جنتا اهو نظارو ڏسڻ لاءِ بي چين آهي. هاڻ مون هيٺين ڪورٽ ۾ شاهدن جا بيان جيڪي پوليس رڪارڊ ۾ درج ٿيل آهن سي نظر مان ڪڍيا آهن. جوابدار ٻه ڀيرا، فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ جي اڳيان ڏوهه جو قبولدار ٿيو آهي پوءِ ڦري ويو آهي. جنهن ته هيٺين ڪورٽ ۾ آڏي پڇا ڪانه ٿي آهي، ان ڪري مان جوابدار جي وڪيلن کي چوندس ته هن جي اُصيل جو بچاءُ ڪهڙو آهي. ٻڌائي.“

بلو بئريسٽر اٿي چيو، ”يور آنر! مان هن وقت پنهنجو بچاءُ نٿو ٻڌائي سگهان پر ڪيس هلندي يور آنر توهانکي پتو پئجي ويندو ته منهنجو بچاءُ ڪهڙو آهي.“

فاضل جج ”بلو بئريسٽر توهانجو جو چوڻ اُچت آهي. ييس مسٽر شهنواز توهان جو پهريون شاهد ڪير آهي؟“

تي اچي ڪڙا ٿيا ۽ ذري گهٽ سڄي ڪورٽ خالي ٿي ويئي، رڳو هڪ ٻه وڪيل، مئجسٽريٽ سڀي، جڊيشنل ڪلارڪ ۽ ٻه چار چٽا وڃي بچيا.

(١٩)

"اڄ سيشن ڪورٽ ۾ واڌورام وڪيل ۽ سندس محبوبا شبنم" جو ڪيس هلندو ۽ اُن ڪيس جي جوابدار ڌاران پيروي بلو بئريسٽر ۽ گيتا ديوي ڪندي. اها خبر سڀني اخبارن ۾ شد مد سان ظاهر ٿي. اُن خبر کي پڙهي صبوح کان ئي وڪيل، ڪورٽ هال ۾ اچي ويٺا. سڄو هال ڪورٽ جا ورانڊا ۽ ڪمپائونڊ درشڪن سان پرجي ويا.

بلو بئريسٽر ۽ گيتا ديوي ۽ اُن سان ڏلڙ فاطما برقعي ۾ پوڻين ١١ بجي ڪورٽ ۾ پرويش ڪيو. سڀني وڪيل بلوءَ کي چوڌاري ويڙهي ويا.

بلو ڪلارڪ کي فاطما کي ويهارڻ لاءِ چيو، پوءِ وڪيلن سان ڳالهيون ڪرڻ لڳو.

حاضرين ۾ ميدا ۽ لليتا به حاضر هيون.

لليتا چيو "ميدا بلو ۽ گيتا جي جوڙي ڪهڙي نه سٺي ٿي لڳي."

ميدا "لليتا نظر نه هڻين شل جوڙي سدائين قائم رهي." ايتري ۾ گهڙيال يارنهن جا ٽڪاءُ هنيا. فاصل جج ماڪيجاڻي جي چيمبر جي دروازي ڪلرڪ جو چيچاٽ ٿيو.

ڊاڪٽر هيرانندداڻي داخل جج ڏانهن منهن ڪري چيو، "يس يوئر آنر؟ آسان اهو خون اينالائيز ڪري ڏاڻ وٽ سيمپل طور رکيو آهي."

بلو پرسيڪيوٽر "ڊاڪٽر هيرانندداڻي ١٥ اپريل تي مون توهان کي سرنج ۾ زهر موڪليو هو. مهرباني ڪري ٻڌائيندا ته اهو ساڳي قسم جو زهر آهي جنهن سان واڌورام وڪيل ۽ شبنم قتل ٿيا هئا."

ڊاڪٽر هيرانندداڻي "يس! مون اهو ٻه ائيملائيزر کان ائيملائيز ڪرايو هو. ان جي رپورٽ ٻه مون وٽ آهي ۽ اهي ٻئي زهر هڪ ئي آهن." هن رپورٽ ڪورٽ ۾ پيش ڪئي. اهو ٻڌي شاهنواز ۽ ٻيا وڪيل دنگ ۽ جج صاحب وائڙا ٿي ويا. بلو "اهو زهر ڪٿان هٿ ڪيو ۽ ڪٿان آندو."

بلو چيو "دئٽ سال. مهجي آڏي پڇا پوري ٿي."

جج "مسٽر بلو، مهرباني ڪري ٻڌايو ته ساڳي نموني جو زهر توهان ڪٿان هٿ ڪيو؟"

بلو "يوئر آنر! ڪيس هلندي توهان کي پتو پئجي ويندو ته مون اهو زهر ڪٿان هٿ ڪيو، هن ٻڌائڻ سان ڪيس کي هاڃي رسندي."

جج "(شهنواز کي) يوئر نيڪسٽ وٽنيس؟ توهان جو ٻيو ڪهڙو شاهد آهي."

شهنواز "مسٽر ابراهيم، محمد سليم جو اڳيون نوڪر."

شھنواز ”ڊاڪٽر هيراننداڻيءَ جنهن واڌورام وڪيل ۽ شبنم جا لاش پوسٽ مارٽم ڪيا هئا.“

ڊاڪٽر هيرانندانيءَ جو نالو ڪورٽ جي چوبدار پڪاريو. ”ڊاڪٽر هيرانندااڻي حاضر آهي؟“

ڊاڪٽر هيرانندااڻي پنهنجو نالو پڪاربندو ٻڌي اٿي کڙو ٿيو ۽ اچي شاهدن جي پڃري ۾ بيٺو. ڊاڪٽر کان قسم گيتا تي کڻايو ويو ته ”جيڪي چوندس سو بلڪل سچ چوندس ۽ سچ کانسواءِ ٻيو ڪجهه به ڪو نه چوندس.“

مسٽر شھنواز اٿي چيو ”ڊاڪٽر صاحب! ١٠ اپريل تي توهان واڌورام وڪيل ۽ شبنم جو پوسٽ مارٽم ڪيو هو؟“

هيرانندااڻي ”جي ها! ٻنهي جو موت زهري انجيڪشن هڻڻ سان ٿيو هو. پوسٽ مارٽم جي رپورٽ مون پوليس کي موڪلي هئي ۽ انجي ڪاپي مون وٽ آهي.“

مسٽر شھنواز! ”يور آنر! منهنجي آڏي پڇا پوري ٿي.“

جج ”آيني ڪراس مسٽر بلو؟“

بلو ”يس يور آنر!“ ائين چئي بلو بئريسٽر اٿيو. پنهنجو ڪارو چوغو ٺاهي چيائين ”ڊاڪٽر هيرانندااڻي! توهان جڏهن پوسٽ مارٽم ڪيو ته جنهن زهر سان خون ٿيو هو خون ضرور توهان پاڻ وٽ سئمپل طور رکيو هوندو؟“

جا واچ محمد سليم جي آهي جا مان چڱيءَ طرح
سڃاڻان."

شاهنواز جج کي "ڏنت سال ٻوٽو آئو! هاڻ مان
شاهد مسٽر بلو بئريسٽر جي هٿ ۾ ٿو ڏيان."

بلو ڪارو چوغو لاهي مشڪي ائين "مسٽر ابراهيم
توهان محمد سليم کي ۲۰ سالن کان سڃاڻو ٿا ڇاڪاڻ ته
توهان تڏهين ان وقت نوڪر هئا، ۽ پوءِ به توهين محمد سليم
جي برخلاف شاهدي ڏيئي رهيا آهيو؟"

ابراهيم "سائين سچ جي خاطر. هن خون ڪيا آهن"

بلو "توهان پوليس کي اڳ هن جي برخلاف رپورٽ
ڪئي هئي؟"

ابراهيم "مان اٿو يانيان."

بلو "ياد ڪريو. توهان پوليس کي اڳ-وات اطلاع
ڏنو ته محمد سليم ڏهن لکن جو سون سمگلنگ ڪري
ڪڍي اچي رهيو آهي."

ابراهيم "مون پنهنجو فرض سمجهو ته سرڪار کي
مدد ڪريان."

بلو "اڳ توهين محمد سليم سان گڏ سمگلنگ ڪندي
۾ ساٿي هئا؟"

ابراهيم "ها. پر......"

بلو "پوءِ توهان ساٿس دشمني ڇو ڪئي؟"

ابراهيم "هڪ ڏينهن هنکي خبر ٿي. آهي ڇا ٿيو جو

ڪورٽ جي چوبدار پڪاريو مسٽر ابراهيم حاضر هجي.
ابراهيم ڪورٽ ۾ اندر داخل ٿيو ۽ شاهدن جي پڃري ۾ اچي بيٺو. ڪلارڪ کيس قرآن تي قسم کڻايو. "ته جيڪي چوندس سچ چوندس. سچ کانسواءِ ڪجهه به ڪونه چوندس."

شهنواز "مسٽر ابراهيم توهان محمد سليم کي ڪڏهين کان سڃاڻو؟"

ابراهيم "يوئر آنر! گهٽ ۾ گهٽ ٢٠ سال ٿيندا. مان هن جو ائين ڪٺي چئجي ته مئنيجر يا پاءُ وانگر هوس."

شاهنواز "توهان پوليس ۾ اسٽيٽمينٽ ڏني آهي ته واڌورام وڪيل ۽ شبنم کي خون ڪرڻ ۾ محمد سليم جو هٿ آهي؟"

ابراهيم "يوئر آنر! برابر آهي ڇو ته محمد سليم کي شڪ هو ته شبنم جو واڌورام سان ناجائز رستو آهي. هن ڪيترائي دفعا شبنم کي ٽوڪيو پر هن نه مڃيو. هن کي جڏهين به وجهه ملندو هو ته هوءَ واڌورام وڪيل کي گڏ بي هئي ۽ روز ڪيترائي دفعا واڌورام کي فون ڪندي هئي."

شاهنواز "توهين ڪيئن ٿا چئي سگهو ته محمد سليم ئي هنن جو خون ڪيو آهي؟"

ابراهيم "يوئر آنر! پوليس مونکي واچ ڏيکاري هئي

سمگلنگ جو ڌنڌو ڪري رهيا آهيو پوءِ محمد سليم جي برخلاف پوليس ۾ رپورٽ ڇو ڪيوَ؟"

ابراهيم "محمد سليم جا طريقا رانگ هئا."

بلو "پا اهو ته توهانجي بري نظر سندس زال ۾ هئي، ۽ هن توهان کي انڪري ته مڪايو ۽ نوڪريءَ کان خارج ڪيو؟"

ابراهيم "نه ائين ڪونهي."

بلو ميز تان واچ کڻي چيو "توهان شاهديءَ ۾ چيو آهي ته توهان محمد سليم جي واچ سڃاتي جا پوليس کي واردات واري هنڌان ملي هئي."

ابراهيم "ها. مون سڃاتي ڇو ته محمد سليم اهڙيون واچون ٻه جپان مان آنديون هيون."

بلو "محمد سليم اهي ڪيڏانهن ڪيون؟"

ابراهيم "هڪ مونکي ڏنائين ۽ هڪ پاڻ کنيائين."

بلو "توهين پنهنجي اها واچ ڏيکاري سگهندا؟"

ابراهيم "منهنجي واچ گم ٿي ويئي آهي."

بلو "توهانجي واچ ڪڏهين گم ٿي. ان جي رپورٽ پوليس ۾ ڪئي هوندءِ؟"

ابراهيم "خسيس واچ لاءِ رپورٽ پوليس ۾ ڪري پوليس جو وقت آجايو وڃائڻ نه ٿي چاهيم."

بلو "مسٽر ابراهيم توهان کي خبر آهي ته اها خسيس واچ ڪونهي. هن ۾ ٽرنسميٽر لڳل آهي. جنهن جي

گارگند ڪيائين ان ڪري مون اها نوڪري ڇڏي ڏني."

بلو "هن کي ڪجهہ ٿيو يا توهان کي؟ توهان جي شبنم ۾ بري اک هئي ۽ ان سان بدتميزي سان هليا ان ڪري. ڇا اهو سچ ناهي؟"

ابراهيم "نہ. بلڪل نہ. مان شبنم کي سيٺاڻي ڪري سمجهندو هوس ۽ هميشه تميز سان ٻالهائيندو هوس."

بلو "توهان هينئر چيو تہ توهانجو فرض هو تہ هن غير قانوني ڪم ڪيو ان ڪري پوليس کي رپورٽ ڏيڻ، ان ڪري توهان محمد سليم جي برخلاف سون سمگلنگ جي رپورٽ ڪئي هئي. ڇا توهين بدائي سگهندا تہ محمد سليم جي نوڪري ڇڏڻ کانپوء توهين ڇا ڪندا آهيو؟"

ابراهيم "مون پنهنجو ڌنڌو شروع ڪيو آهي."

بلو "توهان ڪهڙو ڌنڌو شروع ڪيو آهي ساڳيو محمد سليم جهڙو يا ٻيو ڪو؟"

ابراهيم هٻڪي "ٻيو..."

بلو "يا ساڳيو، سمگلنگ جو. توهان قرآن جو قسم کنيو آهي."

ابراهيم چپ رهيو.

بلو "يور آنر! چپ معنيٰ ها. جڏهين توهين خود

بلو ”هاڻي توهان چيو ته توهين سالي کي ڪين نه سڃاڻندا هوندا ته ان جي زال کي به سڃاڻندا هوندا؟“
ابراهيم ”ها سائين.“
بلو ”اُن جو نالو ڇا آهي؟“
ابراهيم ”جولي.“
ابراهيم ”نه توهين پنهنجي سالي ڊاڪٽر جي ڪمپائونڊر کي به سڃاڻندا هوندا؟“

اِلي مسٽر شهنواز اعتراض اُٺاري چيو ”يور آنر! مسٽر بلو بئريسٽر اُجايا سوال شاهد کان پڇي رهيو آهي. هن ڪيس سان سندس زال، سالن ۽ اُنهن جي آڪاهين جي ضرورت ئي ڪانه آهي.“

بلو ”يور آنر! هن ڪيس سان اُن جو گهرو تعلق آهي. سرڪاري وڪيل ٿوڙو صبر ڪري ته پوءِ ڏسندو نه ان سان گهرو تعلق آهي يا نه؟“

جج ماڪيجاڻي ”آبجيڪشن اوور رولڊ! مسٽر بلو بئريسٽر توهين سوال پڇي سگهو ٿا. جيئن سچا ڏوهاري ثابت ٿين.“

بلو ”يور آنر! ٿئنڪ يو سر.“ ”نه مسٽر ابراهيم توهين خون جي ڏينهن هتي هئا؟“

ابراهيم ”ها مان هتي هوس. پر مون کي خبر ڪونه هئي ته واڌ ورام وڪيل ۽ شبنم جو محمد سليم خون ڪيو آهي. مون اخبار ۾ پڙهيو.“

ذريعي توهين هڪ ٻئي کي نياپا ۽ سنيها ڏيندا هئا.“

ابراهيم چپ رهيو.

ٻلو ”محمد سليم پنهنجي اها واچ جيلر وٽ پا امانت رکي آهي. توهانجي هيءَ واچ پوليس کي واردات واري هنڌان ملي. انهيءَ جو نه ڇڏجي ته اُن خون ۾ توهان جو هٿ آهي.“

ابراهيم اهو ٻڌي سائو پيلو ٿي ويو. ڏڪندي چيائين ”نه سائين مون اهو ڪوڙو ڪم ڪونه ڪيو آهي.“

ٻلو ”توهان هينئر قرآن شريف جو قسم کاڌو آهي جيڪي چوندس سو سچ چوندس.“

ابراهيم ”ها، اهو برابر آهي. پر مان جيڪي چئي رهيو آهيان سو بلڪل سچ چئي رهيو آهيان.“

ٻلو ”توهان ڊاڪٽر شيخ غلام کي سڃاڻو؟“

ابراهيم ”نه سائين؟“

ٻلو ”توهين پنهنجي زال کي سڃاڻو؟“

ٻلوءَ جي اُن سوال تي سڄي هال ۾ ٽهڪڙو پئجي ويو.

ابراهيم ”سائين پنهنجي زال کي ڪيئن نه سڃاڻندس.“

ٻلو ”توهين پنهنجي زال کي سڃاڻو ته انجي يار ڊاڪٽر شيخ غلام کي ڪونه سڃاڻو. جو توهانجو سالو ٿئي؟“

ابراهيم جو مونهن ڦلڙو ٿي ويو. ۽ هٻڪي چيائين ”سائين خيال ۾ نه آيو ها! سالي کي ڪيئن نه سڃاڻندس.“

"منهنجي پراڻن ڪان پياري جولي!"

تو ۽ مون ڪيترو وقت ڪان پٺي ويچاريو ته شبنم ڪان وڃو وٺون. هن مونکي ڇڏي ڪافر هندو واڌورام وڪيل سان عشق لڙايو آهي ۽ تون چاهين ٿي ته هوءِ منهنجي من مان نڪري وڃي. اڄ آهڙو وجهه ٺوڪي مليو آهي. اڄ شبنم جي نوڪر ٿون ڪيو ته واڌورام وڪيل سان شبنم مڊلسٽيٽ آئلينڊ جي بيچ تي گهمڻ ويندي. تون يڪدم زهر جي انجيڪشن منهنجي ماڻهو سان گڏ ڪٺي اچ ته انهن جو ڪم ختم ڪجي. محمد سليم هتي ڪونهي. سپاڻي اڇڻو آهي ان لئي ڏوهه وجهبو. ته هوندي پانس تسي وڃندي پاسري. يڪدم اچ

منهنجي پيار جو خادم. ابراهيم.

تازو قلم هي خط پڙهي ڦاڙي ڇڏج.

درشڪ، جج ۽ سڀ وڪيل اهو خط پڌي سيسرانيون پرڻ لڳا ۽ هڪ ٻئي ۾ ڳالهيون ڪرڻ لڳا.

ميما ۽ لليتا حاضرين ۾ ويٺيون هيون. اهي سس پس ڪرڻ لڳيون ميما چيو "لليتا ڏٺئه، تسي ته بلوهه ڪيئن نه ابراهيم کي سندس جار ۾ ڦاسايو آهي."

لليتا "بيوقوف آيو هو ڪوڙي شاهدي پرڻ ۽ محمد سليم کي ڦاسيءَ چاڙهڻ. هاڻي ان ۾ ڏاهي ڪانءَ وانگر ۽ ٽنگو پاڻ ڦاٿو آهي."

ايتري ۾ جب پيشل ڪلارڪ جو آواز آيو "سائلينس پليز."

بلو ”اها خبر پڙهي توهين ڇرڪي ويا؟“

ابراهيم ”ها!“

بلو ”اڪيلا ويا؟“

ابراهيم ”ها.“

بلو ”بلڪل ڪوڙ. انسٽوريا هوٽل جي رجسٽر ۾ ڏيکاريل آهي ته توهان ۽ توهانجي زال ١٢ اپريل هوٽل ۾ روم نمبر ٢٠٦ ۾ اچي رهيا هئا.“

ابراهيم ”اهو ڪوڙ آهي.“

بلو ”هي رجسٽر جو فوٽو ڪاپي ۽ ٻنهجي صحيح سڃاڻو.“

ابراهيم چپ ٿي ويو، اهڙو ڪجهه جهڙي پست.

بلو ”توهين هي خط سڃاڻو ٿا، هي توهانجو خط لکيل آهي؟“

ابراهيم ”خط ته سان ته پتو پوي.“

بلو وڏي سندس ڪٺهري ٽائين ويو ۽ خط ٿي جيڪا صحيح پيل هئي اهو ڏکر ڏيکاريو.

ابراهيم چيو ”صحيح منهنجي آهي.“

بلوء جج ڏانهن خط وڌائي چيو، ”يور آنر! توهين هي خط پڙهي ڏسو.“

جج ماڪيچاڻي خط پڙهي جڏهن ڪلارڪ کي چيو ته پڙهي ٻڌاء. ڪلارڪ خط وٺي پڙهڻ لڳو اُن ۾ لکيل هو.

شبنم ۽ واڌورام جي خون ڪري ۽ محمد سليم کي ان جي ڏوهه ۾ گرفتار ڪرائي توهان موجون ماڻڻ ۽ خوشيون ملهائڻ لاءِ دٻئي ويا هئا.

ابراهيم "ٻوڙو آئو! ائين ڪونهي مونکي دٻئي ۾ ڪم هو. ۽ جولي ته هلي هئي."

بلو "توهين پنهنجو ۽ جوليءَ جو آواز سڃاڻو."

ابراهيم "ها. مان چڱي طرح سڃاڻان."

بلوءَ ان تي پنهنجي اٽيچي کولي ان مان ٽيپ رڪارڊر ڪڍيو. ابراهيم دٻئي ۾ اسيٽوريا هوٽل ۾ جيڪي ڪجهه چيو هو سو هن وڄائڻ شروع ڪيو. ٽيپ ۾ ابراهيم چئي رهيو هو "جولي قاسم جو فون آيو. هن بلو بئريسٽر کي ڌمڪي ڏني آهي ته ڪيس مان هٿ ڪڍائي ڇڏ. مون کيس چيو آهي ته ڪيترو به خرچ اچي جيئن بلو هن ڪيس مان نڪري وڃي. ڇو ته هو هڪو حرامزادو آهي." مون کيس چيو آهي ته" بلوءَ جي لالچ ۾ نه اچي ۽ ڪيس ختم ڪيو وڃي. ساليءَ شبنم جو ڏاڍو ڏک اٿم. جهڙو نالو هوس تهڙو بدن ريشم جو هوس. ساليءَ جي پٺيان مان هيترو پيس پر مونکي نفرت سان ڏسندي هئي. هن ڪافر واڌورام سان وڃي لڳي. پياري تون ڪيس سهندي ڪونه هئينءَ نه. توکي ڊپ لڳو ته مان هن جي ڇنبي ۾ اچي ويندس. نه مان توکي ڪونه ڇڏيندس. مان مسلمان آهيان، مرد

اهو پڙهي چپ ٿي ويٺو.
بلو "هي خط توهانجو آهي؟"
ابراهيم "توهان کي ڪٿان مليو؟" ابراهيم جي منهن جو پنو پيلو ٿي ويو هو.
بلو "ملائڪن کان. توهان صرف اهو ٻڌايو ته توهانجو آهي يا نه؟"
ابراهيم چپ رهيو.
بلو "توهين هاڻ ٻڌايو ته توهان ٻنهي شبنم ۽ واڌورام کي زهري سيون هڻي ختم ڪري پوءِ ٻنهي ويا هئا؟"
ابراهيم "نه اهو ڪوڙ آهي."
بلو "ابراهيم توهان قرآن شريف جو قسم کنيو آهي؟ گهڙي گهڙي ڪوڙ ڳالهائي رهيا آهيو. توهين پاڻ سان جوليءَ سالي جي زال کي زال بڻائي هوٽل ۾ رهيا. جڏهين اصلي توهان جي زال ٻاهر ۾ هئي. توهين هيءُ فوٽو سڃاڻو ٿا؟"
بلو کيسي مان فوٽو جيڪو انسٽوريا هوٽل ۾ جولي ۽ ابراهيم هڪ ٻئي جي ڀاڪر ۾ هئا، ڪڍيو هو هن ڪيس ڏيکاريو.
ابراهيم اهو فوٽو ڏسي ڪنڌ ڪڍي هيٺ ڪيو.
بلو ۽ پوءِ جج کي ڏيکاريو. جج اهو مسٽر شهنواز کي ڏسڻ لاءِ ڏنو.
بلو وري چوڻ شروع ڪيو "مسٽر ابراهيم توهان

وچ ۾ وڌي هئي. جا رڪارڊ شروع ٿيڻ سان اُٿي کڙي ٿي ۽ ٻاهر نڪرڻ لڳي ته ٻلو ٻئرسٽر آواز ڪري انسپيڪٽر شهاڻيءَ کي چيو ”جوليءَ ڀڄي ٿي اُن کي پڪڙيو.“ انسپيڪٽر شهاڻي جو محمد سليم سان گڏ جوابدار جي پڃري وٽ بيٺو هو يڪدم ڊوڙي وڃي جوليءَ کي پڪڙيو.

هيڏانهن ابراهيم ٽيپ رڪارڊر ۾ جولي ۽ پاڻ کي ڏوهه باسيندو ٻڌي آگ ٻگولا ٿي ويو ۽ يڪدم کيسي مان ريوالور ڪڍي ٻلو ڏانهن ڇوڙيائين. ٻلو اڳ ئي ان لاءِ تيار ويٺو هو، هو يڪدم هيٺ جهڪي ويو ۽ پنهنجي ڪتابن جي ۽ ڪيسن جي لوهه جي پيٽي ڪڍي اڳيان ڪيائين. گولي اچي پيٽيءَ کي لڳي جنهن ڪري اٽڪي ويو.

ڪورٽ ۾ زبردست سنسني ڦهلجي وئي. ابراهيم جيستائين پاڻ سنڀالي ٿو سنڀالي ته، چار پنج پوليس وارا مٿانئس پيا ۽ کيس پڪڙيائون ۽ ريوالور ڦري ورتائونس.

جج ماڪيجاڻي پڻ وائڙو ٿي ويو يڪدم ڪرسي ڇڏي اچي ٻلوءَ کان پڇيائين. ”مسٽر ٻلو توهان کي گولي ته ڪونه لڳي؟“

ٻلو مشڪي چيو ”يور آنر! مان اڳ ئي تيار ٿي آيو هوس. ڇو ته مونکي اڳ ئي خبر هئي ته، ابراهيم منهنجي سوالن تي دلشڪستو ٿي ويندو ۽ قانون جي

آهيان. چار چار شاديون ڪري سگهان ٿو؛ اٺ اٺ سريتيون رکي سگهان ٿو. مون وٽ جام پئسو آهي. سالو محمد سليم مفت ۾ جيل جون چڪيون ويٺو پيهي،؟ جلدي خدا جو پيارو ٿي ويندو، سالو شبنم جي ڪري مون سان وڙهيو. هاڻ شبنم پنهنجي يار واڌورام سان گڏ دوزخ جون هوائون وٺي کائي. ويچارو واڌورام مفت ۾ ڦاسجي ويو. جولي تو بہ ڪمال ڪئي ڊاڪٽر کان زهر جي سئي هٿ ڪرڻ جو طريقي سکڻ جو پورو پورو فائدو ورتو. اهڙيون تہ پئي کي سئيون لڳيون جو اُني جو اُني ختم ٿي ويا."

اُتي زنانو آواز جوليءَ جو آيو. "جئين مون توکي ڊاڪٽر وٽ ايندو ڏٺو هو تئين توکي عاشق ٿي پيس وري ڏٺم تہ تون شبنم جي پٺيان چريو آهين، انڪري سهي نہ سگهيس ۽ گلاب مون سان ساڻ ٿيو جو شبنم واڌورام جي عشق ۾ ڦاسي وئي؛ تون منهنجي لوڙ ۾ اچي وئين. توکي محمد سليم کان وير وٺڻ لاءِ منهنجي ضرورت پيئي مون شبنم کي انڪري ختم ڪيو تہ جيئن تون وري مون کان ڦري نہ وڃين"... ٽيپ رڪارڊر وڄي رهيو هو. جج ۽ وڪيل سڀ حيران هئا. ابراهيم جو منهن جوش ڪري ڳاڙهو ٿيندو ٿي ويو. رڪارڊ اڃان وڄي رهيو هــو پر بلوءَ جو رڪارڊ ۾ ڌيان ڪونہ هو. هنجو ڌيان هو جوليءَ ۾، جا درشڪن جي

پلوٽيس پوڻ آئو؟ ابراهيم ۽ جوليءَ شبنم ۽ واڌو رام وڪيل کي زهري دوا جي انجيڪشن هڻي ختم ڪيو. پوليس محمد سليم جي دشمن ابراهيم کان اڳي شاهدي ڏياري، جو ابراهيم کي شبنم ۽ محمد سليم سان دشمني هئي محمد سليم جڏهين ائرپورٽ تي پهتو ته ڪيس انسپيڪٽر شهاڻي گرفتار ڪيو، ۽ ٻڌايو ته تنهنجو هٿ شبنم ۽ واڌو رام وڪيل جي خون ۾ آهي. شبنم جي خون جو ٻڌي محمد سليم جون وايون ٻيتال ٿي ويئون. هن کان زوريءَ مئجسٽريٽ جي اڳيان قبول ڪرايو ويو ته هو خوني آهي. جڏهين مون ۽ گيتا هن سان ملاقات ڪئي ۽ ڪيس ڇيو ته سچ ٻڌاءِ تڏهين هن ٻڌايو ته مون خون ڪونه ڪيو آهي. جڏهين زهري انجيڪشن جي ڳالهه نڪتي تڏهين هن کي ڊاڪٽر شيخ غلام ۾ شڪ پيو جو ابراهيم جو سالو آهي.

مان پوءِ ڏينهن عرب جي ويس ڪري ڊاڪٽر غلام شيخ جي اسپتال ۾ ويس. اتي سندس ڪمپائونڊر دين محمد مان پتو ڪڍيم ته ڊاڪٽر شيخ غلام آمريڪا ويل آهي ۽ سندس زال جوليءَ جا ابراهيم سان ٺهيل آهي، تنهن زهري انجيڪشن ٺاهي ٻنهي شبنم ۽ واڌو رام وڪيل کي ختم ڪيو. ابراهيم جي هٿ اکر ڇنئي اتان هٿ ڪيم. ڪمپائونڊر دين محمد کي لالچ ڏيئي اهڙي زهر جي انجيڪشن ٺهرايم ته پتو پئي ته زهر ساڳيو آهي

شڪنجي ۾ ڦاسندو ڏسي هو مون کان وير وٺڻ ۽
مارڻ لاءِ هٿيار هلائيندو، ڇوته اڳ ۾ ئي هن مونکي ڌمڪي
ڏني هئي، انڪري هن جئين ئي ڪيس ۾ هٿ وجهڻ
وارو ڪيڻ لڳو ۽ مون تي نشانو ڪري گولي ڇوڙي ته
مان هيٺ ٿي ويس مونکي ڀپ هو ته متان مون تي وار
ڪيل گولي ٻئي ڪنهن کي نه لڳي. انڪري لوهه جي
پيٽي مٿي ڪري ان تي وار جهليو. شڪر ڀڳوان جو ته
ڪنهن کي گولي ڪانه لڳي.“ ائين سرڪاري وڪيل
مسٽر شهدواڻي ۽ ٻين وڪيلن ويجهو اچي ٻلوءَ کي
واڌايون ڏنيون. گيتا به وڌي اڳتي آئي.

گيتا جي اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو هو. هن هٿ
جوڙي ايشور جا شڪرانا مڃيا ۽ رومال سان ڳوڙها
اگهي ڇڏيا.

جج پڻ پنهنجي منچ تي چڙهي آيو. ڪلارڪ
يڪدم سائلينس پليز جو آواز ڪيو. سڀني درشڪن
دلي ئي دل ۾ ڀڳوان جا شڪرانا مڃيا جنهن ٻلوءَ کي
بچايو. ڪورٽ ۾ وري شانتي ڇانئجي ويئي.

جج ماڪياجاڻيءَ چيو ”شڪر ايشور جو آهي جنهن
مسٽر ٻلو ٻئريسٽر کي موت کان بچايو آهي. مان ڪورٽ
طرفان ۽ سڀني درشڪن پاران ڪيس ۽ سندس
ڌرمپتني گيتا کي واڌايون ٿو ڏيان.“ ها مسٽر ٻلو توهان
کي ڪجهه وڌيڪ هن ڪيس بابت چوڻو آهي.

مان ابراهيم ۽ جوليءَ کي قلم ٣٠٢ پينل ڪوڊ هيٺ خون ڪرڻ جي ڏوهه هيٺ جنم ٽيپ جي سزا ڏيو ڏيان ۽ محمد سليم ڪيس هلندي بلڪل بيقصور ثابت ٿيو آهي انڪري ڪيس باعزت آزاد ڪرڻ جو حڪم ٿو ڏيان. مان وري ڪورٽ ۽ سرڪار طرفان شري بلوبشويسٽر ۽ سندس ڌرمپتني گيتاديوي جو شڪرانو ٿو مڃان. مان سمجهان ٿو ته سرڪاري وڪيل شهنواز کي ان لاءِ ڪو به اعتراض ڪونه هوندو."

اِلي مسٽر شهنواز يڪدم اُٿي بيٺو ۽ چيائين "يوئر آنر! مان توهان جي هڪ اکر سان شامل آهيان. مان شري بلوبشويسٽر جو پاڻ پنهنجي طرفان شڪرانا مڃيا ٿو ۽ واڌايون ڏيان ٿو ته هن پنهنجي جان جوکم ۾ وجهي سچ کي سچ ثابت ڪيو آهي."

ايتري ۾ ٻنهي جا گهڙيال ٽڪاءَ هنيا هئا. اهو چئي جج ماڪيجاڻيءَ جي فتوي ٻڌڻ لاءِ ترسيو وينو هئو. جج ماڪيجاڻي فتوي لکي پنهنجي چيمبر ۾ ويو. ڪورٽ برخواست ٿي. محمد سليم ۽ فاطما ٻئي اُٿي بلوبشويسٽر ۽ گيتا ديوي وٽ آيا ۽ ٻنهي کي پيرين پئي چيائون ته "وڪيل صاحب توهان نه رڳو اسان کي جيئدان ڏنو آهي پر اسان کي پڪ اُٿون ته بهشت ۾ هيٺم ۽ واڌورام وڪيلن جي روحن کي به شانتي ملي هوندي ۽ توهان کي دعائون ڪندا هوندا."

يا نه. ڪمپائونڊر مان پتو پيو ته جولي ۽ ابراهيم ٻنهي خون ڪانپور ۾ ٻنهي گهڙيا ويا آهن. مون اها زهر جي انجيڪشن ڊاڪٽر هيرانند اڏواڻيءَ کي اينالائيز ڪرڻ لاءِ موڪلي جنهن چيو ته اهو ساڳيو زهر آهي. جنهنجي شاهدي هن ڏني. ان کانسواءِ مان ٻئي وٽس جتي انهن جو فوٽو ڪيا ۽ سندن گفتگو ٽيپ ڪيم جنهن ۾ ابراهيم ۽ جوليءَ پنهنجي زبانيءَ قبول ڪيو هو ته هو ٻئي شبنم ۽ واڌورام وڪيل جا خوني آهن. اهي ڪيس جون حقيقتون آهن. سي پوءِ آءٌ توهان جي اڳيان رکيون اٿم. مسٽر محمد سليم بيگناهه آهي. ان ڪري منهنجي ڪورٽ سڳوري کي وينتي آهي ته محمد سليم کي بي ڏوهي باعزت آزاد ڪيو وڃي ۽ سچن ڏوهارين کي سخت سزا ڏني وڃي." ائين چئي بلو ٻئريسٽر ڪرسيءَ تي ويهي رهيو.

جج مسٽر ماڪيجاڻي مسٽر شاهنواز سرڪاري وڪيل ڏانهن نهاري چيو "شاباس آهي مسٽر بلو ٻئريسٽر کي جنهن پنهنجي جان جي پرواهه نه ڪري. سخت محنت ڪري سچن ڏوهارين کي سرڪار جي حوالي ڪيو اٿس. ۽ بيگناهه محمد سليم کي بيقصور ثابت ڪري موت جي مونهن مان بچايو اٿس.

ابراهيم ۽ جوليءَ پنهنجي زباني ۽ هلت مان ثابت ڪيو آهي ته هو سچا ڏوهاري ۽ خوني آهن. انڪري

ٻلو چيو ”ايهو منهنجو فرض هو جو مون پاليو.“ ائين چئي سيٺي کان موڪلائي ٻلو ۽ گيتا پنهنجي ڪار ۾ اچي وينا.

* سماپت *

Printed and Published by Shri Jethanand B. Lalwani
the Bharat Jivan Printing Press, I-II-S, Navjivan Co-op.
Housing Society. Lamington Rd, Bombay-8. Phone: 375993
Owned by Mr. Jethanand B. Lalwani

THE BHARAT JIVAN Suppliment Reg. No. BYW80
11/31, Navjivan Co-operative Housing Society,
Lamington Road, Bombay-8. Phone: 375993

